# پريت پراڻي ريت نرالي

(سنڌي ناول)

***Preet Purani, Reet Nirali***

(Sindhi Novel)


ليکڪا

## سندري اتمچنداڻي

Sundri Uttamchandani

www.sundriuttam.com



www.sindhisangat.com
Download free Sindhi movies from
www.sindhisangat.tv

# ڇپائيندڙ طرفان

ترقي پسند ليکڪا سندري جو هي ٻيو ناول آهي، جنهنجو چوٿون ڇاپو پاٺڪن اڳيان پيش ڪندي دل ڦولي نٿي سمائجي.ا سين هن ناول جي ڪاميابي لاءِ پاڻ ڪجهه نه چئي هيٺ فقط جنس طور ڪي ڏيون ٿا:

## پروفيسر منگهارام ملڪاڻي:

سندري اُتمچنداڻي جو پهريون اصلوڪو ناول "ڪرندڙ ديوارون" هندستان ۾ نڪتل اصلوڪن ناولن ۾ وڏو درجو والاري ٿو سندس ٻئي ناول "پريت پراڻي – ريت نرالي" ۾ پهرئين ڪاميابيءَ تي اضافو ڪيل آهي. پيار ۽ شادي جي جهوني مسئلي کي نئين زماني جي مد نظر کان حل ڪيو ويو آهي، انجي آکاڻيءَ ۾ وڌيڪ رواني دلچسپي آهي ڇو ته اهو پهرئين ناول واري پرچار کان آجي آهي ۽ منجهيس ڪردار نگاري پڻ برجستي بردباريءَ سان ڪيل آهي. هن ناول جي خاص خوبي آهي ليکڪا جا فيلسوفاڻا ۽ منو وگيان وارا باريڪ ويچار جي سڄي ڪتاب ۾ پکڙيا پيا آهن. سندس عبارت به چيدي ۽ اصطلاحن ڀري آهي ۽ ٻيءَ جنس جي گهڻن نوجوان ليکڪن کان پختي آهي. (24 – 1 – 1957 تي موڪليل رايو)

## پروفيسر ايل ايچ اجواڻي:

سندريءَ جي لکڻ ۾ جبش آهي، ڪشش آهي ۽ تنهن سان گڏ سيتلتا ۽ ٺهر آهي. ڪوبه اجايو جوش يا ڇن ڦاڙ ڪانهي. گهرو جيوت جي عڪس کي ڪينچڻ جي ڪيس ڪا ڏات آهي، جا ٻين سنڌي ناول نويسن ۾ بنهه ڪانهي. وڏي ڳالهه ته سندس آکاڻيءَ ۾ سڀ ڪجهه سڌو سنئون، قدرتي ۽ فطرتي پيو لڳي. مون کي هن جي ناول مان رس ۽ انند مليو آهي. (14_2_1957 تي موڪليو رايو).

## سماهي مهراڻ (حيدرآباد سنڌ):

هي ناول زماني جي گهرجن پٽاندڙ لکيو ويو آهي. ناول جي نائڪا "سرلا" سنگدل سماج جي مهاجار ۾ ڦاسڻ کان پوءِ قسمت تي ڀاڙي بس ڪري نٿي ويهي، پر سوچي ويچاري انهيءَ چارجي تاجي. پيتي کي چڪي چني، پاڪي ۽ پنهنجي دنيا کي وري خوشنما بنائڻ

جي همت تي ڪري. سر لا فقط هڪ خيالي ۽ ڪاغذي پتلي نہ آهي، پر هڪ جيئري جاڳندي باشعور حقيقت آهي. ناول ۾ آندل ڪردار سيئي هڪ اهڙيءَ لڙيءَ ۾ پوتل آهن. جو ڪنهن بہ هڪ کي ان مان چني ڌار نٿو ڪري سگهجي. ادب ۽ زندگي سان دلچسپي رکندڙن کي هي ناول هڪوار ضرور پڙهڻ کپي. (1956 جي 4 نمبر ۾ ڇپيل سمايوچنا تان).

## ڊاڪٽر تنوير عباسي (سنڌ):

هيءُ ناول سندريءَ جي بهترين تخليق آهي. ”پريت پراڻي، ريت نرالي“ ۾ سندري ٽن ڪردارن جي جيءَ ۾ جهاتي پائي سندن احساسن جي چٽسالي ڪئي آهي ۽ ٽنهي ڪردارن جي نفسياتي (منووگيانڪ) ڪيفيتن جو چٽو ۽ باريڪ مطالعو ڪيو ويو آهي. موتي تعليم يافتہ پر بزدل نوجوان آهي. جمنا هڪ ڳوٺاڻي، پتي پوڄا ڪرڻ واري ڇوڪري آهي ۽ سرلا تعليم يافتہ پر سمجهو ۽ همت واري ڇوڪري آهي. ناول جي هر هڪ واقعي ڏي ٽنهي جو رد – عمل نرالو آهي. هر ڪردار واتان ساڳين ساڳيہ واقعن کي مختلف نمونن ۾ بيان ڪرايو ويو آهي، ان ڪري ناول جي ٽيڪنڪ ۾ دلچسپيءَ سان گڏ انوکائي پڻ پيدا ٿي پئي آهي. سندري پهنجي ڪردارن تي جبر (زور زبردستي) ڪرڻ بدران ڪين اختيار ڏيئي ڇڏيندي اهي تہ هو پنهنجي پنهنجي فطرت ۽ پنهنجي پنهنجي شخصيت مطابق هلن ۽ پوءِ ڪهاڻي ۽ پلاٽ پنهنجو پاڻ اڳتي وڌندا هلندا آهن. ناول جي وڏين خوبين ٽيڪنڪ ۽ ڪردار نگاريءَ ڪانسواءِ ان ۾ ٻي ڌيان ڏيڻ جهڙي ڳالهہ آهي، ناول جو موضوع ڪتاب جي نالي وانگر ان جو موضوع پڻ انوکو آهي. پيار هڪ پراڻو، ازلي ۽ هم گير جذبو آهي، پر وقت ۾ روپ مٽائي ٿو اچي. ان موضوع کي، سندريءَ تمام سلجهيل ۽ صاف طريقي م پيش ڪيو آهي. ان ڪانسواءِ ڪردارن جو موضوع سان لڳاءُ بہ ٺهڪي اچي ٿو. سيئي ڪردار فطري، سلهجهيل، حقيقت پسند، متوازن (Normal) ذهن جا مالڪ آهن. ان ڪري ناول جو موضوع ۽ ڪردارن جو ان سان لاڳاپو ائين ٿو لڳي، جڻ ”ڪڙو منجهہ ڪري جيئن لوهار لپيٽيو“. سنڌي ٻوليءَ ۾ ورهاڱي کانپوءِ هونءَ بہ گهٽ ناول لکيا ويا آهن ۽ جيڪي بہ ڳاڻ ڳڻيا ناول لکيا ويا آهن، انهن سيني ۾ ”پريت پراڻي“ ريت نرالي“ جو مقام بلند آهي. ائين ٿو لڳي تہ هي ناول اهڙن ناولن مان آهي، جيڪي نہ رڳو پنهنجي ٻوليءَ ۾ ، پر ٻين ٻولين ۾ بہ هڪ دائمي حيثيت حاصل ڪندا آهن. (22_7_192) تي لکيل ٻئين ڇاپي جي مهاڳہ تان).

هي ناول دهلي وغيرهہ يونيورسٽي ۾ پڻ درسي ڪتاب طور منظور ٿيل آهي. هن ناول جي مقبوليت، انهن شخصن کي دندان شڪن جواب آهي، جيڪي شخصي، بغض وچان

سندري ۽ ٻين ترقي پسند ليکڪن کي لوئڻ جي ناڪام ڪوشش ڪندا آهن ۽ پاڻي ڪي ميان منو سڏائيندا آهن.

شري ديال اهو جا آشا ساهت پاران ”مونکي هي ناول چو پسند پيو آهي؟“ وشيہ تي بهترين ليکہ لکڻ لاءِ هڪ سئو جو ۽ ٻيو پنجاهہ رپين جو انعام ڏيٽو ڪيو آهي. اسين هن جي آچ جي آجيان ٿا ڪريون. اميد تہ پاٺڪ انجو پورو پورو لاڀ وٺندا.

# مـــوتــــي

وشني سان منهنجي دوستي ٻاراڻي درجي کان وٺي هلندي آئي هئي، پر اها دوستي جيتري ڊگهي هئي، اوتري گهري ڪانه هئي. وشنو مئٽرڪ پاس ڪري ولايت هليو ويو ۽ مان ان سان امتحان ئي نه ڏيئي سگهيس. ڇو ته عين وقت ئي مدي جو تپ ٿي پيو. وشنو ولايت جو چڪر هڻي آيو ته مان اڃا ايف اي پڙهي رهيو هوس. ان سال منهنجو ٻيو دوست گهنشو ڪاليج ڇڏي پنهنجي ٻنين تي هليو ويو، جنهن ڪري وري به وشني وٽ اچڻ وڃڻ لڳس. مگر انراڻ جي ڏينهن کان وٺي، اسان جي دوستيءَ ۾ اچانڪ گهرائي به اچي ويئي. روز گڏ گهمڻ لڳاسين. موڪلن جي ڏينهن تي به گڏجي ڪائيندا هئاسين ۽ پوءِ اڪثر پتي يا لوڊ ئي راند ۾ مشغول ٿي ويندا هئاسين.

اُتراڻ ڏينهن به ٻئي دوست لوڊ ئي راند ۾ مشغول هئاسين، جو وشني جي سئوٽ سرلا اچي راند ڏسڻ بيٺي. اڳي به سرلا هئي، پر وشنو جيئن ئي ولايت جو چڪر هڻي آيو هو تيئن هيءَ پهريون ڀيرو سرلا کي ڏسڻ جو موقعو مليو هو. ٻن سالن اندر هوءَ ڪيتري نه ڊگهي ۽ موهيندڙ ٿي پئي هئي، اهو ته ڪيس هڪ دفعي ڏسڻ سان ئي معلوم ٿي ئي ويو. چلوليءَ منت ٻيهي چيو، ”چڱو مان وڃان ٿي.“ ليڪن وشنو اهڙو سترو وڃڻ ڇو ٿو ڏئيس. ويچاريءَ ڏاڍا بهانا ڏنا ته ”امتحان ويجهو آهي، پڙهڻو آهي.“ مگر وشني جهلي ڇوئيءَ کان اچي راند جي اڳيان سٽين. چي، ”هاڻي ڪيڏانهن ٿي ڀڄين. اهڙو اٿينءَ ڇو ٿي؟ جي آئي آهين ته يا هڪ راند ڏيئي وڃ يا ڪائي وڃ.“

مون بناوتي گنڀيرتا منهن تي آڻي چيو، ”ڇڏيس وشنا، خبر ڪانه اٿيئي، ڇوڪرين کي منگهه جي لوڙيءَ سان ڇوٽي ٻڌي پڙهڻو پوندو آهي. فيل ٿيندي ته گاريون ڏينديءِ.“

سرلا منهنجي بناوتي گنڀير چهري ۾ ڏسي ڪنڌ لوڏي چيو، ”اڇا، اها ڳالهه آهي. تڏهن توهانکي هڪ راند ڏيڻي ئي پونديم.“

وشني نئين سر راند شروع ڪري چيو، ”موتي هيءَ اسانجي سئوٽ به ٻئي سال ڪاليج ۾ اچڻي اٿيئي.“

”اڇا!“ چئي مون سر لاڏانهن ڏٺو ته هوءَ ٻئي طرف ڏسڻ لڳي. مارا ٻن سالن ۾ ڪيڏي نه بدل سدل اچي ويئي هئس. هر ڳالهه تي جواب ڏيندر نينگريءَ تي هيءَ حياءَ جو پردو ڪٿان اچي پيو هو؟

وشني جي امي پينگهي ۾ ٻج ڦوڙي رهي هئي. اوچتو اتي ڪڙي ٿي. ڪبت مان پڙو چادر ڪڍي چيائين، ”ٻڙي، مونکي تہ وسري ويو. مامي جن وٽ اڄ عذر لهندو...“ چوندي امي صفحي جو در ٻيڪڙي ٻاهر نِنڊڙي آڳنڌ ۾ ڪپڙا مٿڻ هلي ويئي.

سرلا مڌر گلي سان چيو، ”سياڻي اسان وٽ بابت وڏي جو پتر آهي. ياپي تون سويلئي اچجہ. اميءَ مونکي توهانکي چوڻ لاءِ چڏيو هو.“

در بند ٿيڻ سان ڪمري جي فضا ۾ ايتري ماٺ ماٺ اچي ويئي جو منگهہ جي ڪنڌ ۾ ٺهيل جهرڪين جي آکيري مان ايندڙ چونُ چون ڏانهن بہ ڌيان ڇڪجي ٿي ويو. بند ڪمري جي جهڪي روشني ۾، ڪارو فراڪ پاتل سرلا، ڏياتيءَ وانگر پئي ٻري. ڪيتري دير تائين تہ مان سندس ڳچيءَ وٽ، ڪاري ريشم سان مڙهيل، گول گول چڪرن جي وچوٽين مان ان گوري گوري ڳچيءَ کي ڏسندو رهيس.

وشني ڇڪو هلائي چيو، ”سياڻي پتر آهي تہ ڪڙهي چانور ڪارائيندينءَ سُري؟“

”ها، ها. ڪڙهي چانور، مالپڙا، بوندي، مگر سڀ ڪارائبہ پائي. تون تہ وڏو ٻانيڻ آهين.“

”نہ نہ چا — چري مون ۾ ڏاڏي جو روح اٿيئي. مان ڪائيندس تہ ڏاڏي کي پهچندو.“

مون چيو، ”وشنا، تنهنجي سؤٽ جو بہ پترن ٻانيٽن ۾ وشنواس آهي؟“ الاجي هيءَ هٽڪ ڪٿان اچي پيدا ٿي هئي، جو سڌو سرلا سان نہ ڳالهائي وشني ڌوارلن آٽسڌو سوال ڪيم. جواب سرلا بہ ڪونہ ڏنو وشني بہ ڪونہ ڏنو. وچان ٿي امي، جا ڪپڙا مٿي اندر آئي هئي، ان جواب ڏنو. چي، ”پتر ٻانيڻ نہ هجن تہ وڏا ويچارا پرلوڪ ۾ پيا بکون ڪدين.“

”امي، اوهين پانيو ٿا تہ اتي وڏڙن، کي هتان کاڌو پهچي ويندو آهي؟“.

”امي وجڻ جي تڪڙ ۾ هئي تہ بہ دردِتا سان چيائين، ”پهچندو ڪيئن نہ هوندو، تڏهن هي نيم، ڪريا ڪرم بنا ڪنهن مطلب جي ٺهيا هوندا؟“

مون چيو، ”امي مطلب ضرور هو، پر اهو اڳئين زماني لاءِ ٿي هو، جڏهن سماج چئن ورڻن ۾ وراهيل هئي. ان وقت پترن ٻانيٽن جا نيم ان ڪري ٺاٺايا ويا هئا، جيئن برهمڻن جون سڀ رواجي گهرجون ٻيا ٿي ورڻ، کتري، وئش ۽ شودر پوريون ڪري سگهن تہ برهمڻ سجو ڌيان بہ وقت ڏيئي ملڪ جو ساهت ۽ ڪلا وڏائين ۽ ماڻهن کي تعليم ڏين. اڄ تہ زمانو بدلجي ويو آهي، اهو ورڻ آشرم واري سماج ئي نہ رهي آهي، پوءِ اڳئين زماني جي رسمن رواجن کي ڇهتي چو ويجهي.“

امي هيڏي وڏي ڳالهہ سمجهڻ لاءِ تيار ڪانہ هئي، سو در وٽان چوندي ويئي، ”بس“ جٽ پڙهيو تہ اللهہ اَڙيو.“ ليڪن سرلا يڪ ٽڪ مونڏانهن ڏسي رهي هئي. مون چيو، ”نيڪ ٿو

چوان نہ سرلا؟“

هن شرم کان ڳاڙهي ٿيندي چيو، ”نيڪ نہ آهي.“

راند هلندي رهي. ڏيري ڏيري هتڪ دور ٿيندي ويئي. سرلا جي هڪ ساري گهر ۾ وجي چڪي هئي، ٻي گهروتان مون ماري چڏي ۽ خوشيءَ وچان جهومي چيم، 'اج جيڪو هارائيندو، انتي پڪچر ڏيکارڻ جو ندِ وجهبو.“

سرلا پنهنجا ڪن پڪڙي چيو، ”نہ بابا، مان پڪچر ڪانہ ڏيکاريندس.“

وشنو تنهن تي واڻڙو ٿي ويو. چيائين، ”واهہ ڙي واهہ! اجا راند پوري ئي ڪانہ آئي آهي تہ تون سمجهي ويٺي آهين تہ تون ئي هارائيندينءَ؟“

مون بہ ڪيس چيڙائڻ لاءِ چيو، ”ان ڪري ئي تہ چوندو آهيان تہ چوڪرين کي inferiority complex (احساس ڪمتري) ٿيندي آهي. منهنجون تہ ٻہ ساريون ميون آهن، هنجي اجا هڪ ساري مئي آهي، تہ سمجهي ئي سچي راند ئي هارائي ڇڏيندي.“

سرلا منهنجي ساري هٿ ۾ پڪڙائي چيو، ”هان، پنهنجي ٽين ساري سنڀال، ويچاري مري پوري ٿي. هاڻي سنڀالي راند ڪر، تہ ونڻ بدران ڏيٺو نہ پوئي.“

”جڻ مان پڪچر ڏيکارڻ کان ڊڄان ٿو. هان وٺ چڪو، ٻيو چڪو، ٽيون...“

”وينو چڪا ڪيا، هلندءِ هڪ بہ ڪانہ. منهنجي ٽئي ساري رستو روڪي بيٺي اٿيئي.“

”ماري ڇڏيئہ! مونکان امالڪ نڪري ويو. هوءَ مونڏانهن ڏسڻ لڳي. مان بہ ڏانهس ئي ڏسي رهيو هوس. ڪن ۾ ئي چرڪ جو پاؤ ڪم ٿي ويس ۽ انجي جڳهہ تي شرارت بڪي بيٺي. گويا چئي رهي هئي، ”بس، ايتري ۾ مري وئين؟“

مونکان هڪ شرميلو دبيل ٽهڪ نڪري ويو ۽ راند ڪي لڳي ويس.

پر اُتراڻ جي ڏينهن جي اها گهڙي، جنهن ۾ سرلا منهنجي ساريءَ جو رستو روڪي بيٺي هئي ۽ مان وڏيءَ دل سان ان زبردستيءَ کي سهي ويو هوس، سا بہ ڪڏهن وسڙڻ جي آهي؟

انهيءَ شرير چوڪريءَ جي ٻي بہ هڪ ڳالهہ ياد پئي اچي.

سياريءِ جي هڪ شام جو نيوي بلوُ رنگہ جو ڪمپليٽ سوٽ پائي وشني کي وجي چيم، ”اج دشمن“ پڪچر ڏسڻ هلنداسين.“ جيتري دير ۾ وشنو تيار ٿئي، اوتري دير ۾ هر گهڙيءَ منهنجون نظرون دروازي ڏانهن پئي کڄيون. اڪثر تہ ائين ٿڏبو آهي تہ چوڪرين کي پنهنجن ڪپڙن لٽن جي نمائش ڪرڻ ڏاڍي وڻندي آهي، پر مونکان پڇو تہ چوندس، اسين چوڪرا بہ پنهنجا ناهوڪا ڪپڙا چوڪرين کي ڏيکارڻ لاءِ اتماولا ٿيندا آهيون. ان ڏينهن تہ

جنهن چاهه سان سرلا کي پاڻ ڏيکارڻ لاءِ ترسي وينو هوس، تنهن جي ياد بہ اڄ پاڻ تان ڏاڍو ڪلائيندي آهي.

پڪچر تي وڃڻ ۾ باقي ٻہ ٽي منٽ مس وڃي رهيا هئا، منهنجو صبر ٽٽي رهيو هو. وشنو باقي رومال بہ سيٽ ڦرو وڃهي رهيو هو، جو هوءَ ڪلٽي ڪيڙپرن جي پليٽ هٿ ۾ اچي پهتي. پنهنجي ڪل دٻائي هٿ پنيان ڪري چيائين، "واهہ، اڄ ڪٿي وڃڻ لاءِ خاص تياري ڪئي ويئي آهي؟"

ايتري ۾ وشني سندس پنيان پليٽ مان ڪيرپڙا وڃي ڪسڪايا. سرلا ڦڙتائيءَ سان ڦري وشني جو هٿ روڪي ورتو. چي، "نہ بابا، اڄ ٻئي دوست هڪ ئي وقت ڪائجو" ۽ منهنجي هٿ ۾ بہ هڪڙو ڪيرپڙو ڏيئي چيائين، "هاڻي ڪائو، ون — ٽو — ٽري".

اسان چڪ هنيو تہ هوءَ اچي ٿهڪن ۾ ڇٽڪي. مون ٽُو ٽُو ڪري ڪيرپڙو ڦتو ڪري ڇڏيو ۽ وشني ڪٽنديئي سرلا کي ٻہ ٽي ڏڪ وهائي ڪديا. پر جيئن هو ڏڪ هڻي تيئن هوءَ وڃي وڏا ٿهڪ ڏيندي. مون ڪان بہ ڪل ئي نہ پئي روڪجي.

اوچتو سرلا ٿهڪ روڪي چيو، "وشنا، وشنا در تي الاجي ڪير آهي" ۽ در لاهڻ جو بهانو ڪري اتي پڳي.

امي عينڪ پائي صندل تي پوتي ويني پڙهي. هيترو وقت پڙهڻ روڪي، رئي جو پلئہ وات تي ڏيئي، ويني ڪليائين. سرلا پڄي ويئي تہ چيائين، "ترڪتالڻ پڳي تہ ڪيئن!"

ان رات پڪچر تان موٽي ڪيتري دير تائين پنهنجي ڪليل چوٽ تي وڃي وينس. ٿڌي ٿڌي هوا بدن ۾ سياٽو تي وڌو. منهنجي گهر ڪان ٿوروئي پري، هڪ مٽيءَ جي پڳل جاءِ هئي. اڪثر چاندوڪيءَ ۾ انهيءَ ڏانهن ڏسندي من ملول تي ويندو هو. ليڪن تنهن ڏينهن الاجي ڇا تي ويو هو جو ان ويران آستان کي ڏسندي بہ خوشيءَ جي وير اندر ئي اندر چڙهندي تي ويئي. اڇانڪ ڪجهہ ڳائڻ لاءِ من بي چين ٿيڻ لڳو. ليڪن بابي جي دپ ڪان جو ڪڏهن ڳايو ئي ڪين هوم، سو پنهنجو بي سرو آواز ٻڌي شرم کان چپ تي ويس.

مان سمجهان ٿو، من ۾ جڏهن ڪو جذبو پرجي ٿو وڃي، تڏهن انکي لڪائڻ ڪان وڌيڪ ظاهر ڪرڻ جي چاهنا پيدا ٿيو وڃي ۽ جڏهن ڪائي ڳالهہ چوٽي بہ ضرور آهي مگر لوڪن ڪان لڪائڻي بہ ضرور آهي، تڏهن ڪلائي انسان جو سهارو بڻجي پوي ٿي.

ڳائڻ ۾ پاڻ کي اسمرٿ ڏسي وايولن سکڻ جو ارادو ڪري ورتم.

ٻئي ڏينهن تي لوڏئي راند هلندي، بنا ڪنهن سوچ ويچار جي چيم، وشنا، مون وايولن سکڻ جو خيال ڪيو آهي."

سرلا اکيون مچڪائي چيو, ”اَڇا! پر چوندا آهن تہ جڏهن دل ۾ درد هوندو آهي, تڏهن ئي ڪوئي اثرائتو راڳ ڪائي يا ساز وڄائي سگهبو آهي. سو توکي پلا ڪهڙو درد هوندو؟ مان بہ تہ ٻڌان.“

وشني چيو, ”پڳلي, درد تہ سڀ ڪنهن کي هوندو آهي...“

”غلط“, سرلا اڌ ۾ ڪاٽي چيو, ”مون کي تہ ڪوبہ درد ڪونهي. مون کي تہ پاڻ ائين پيو لڳي ڄڻ چؤطرف خوشي ئي خوشي آهي. مان تہ جيڪوخ وب کلان ۽ کلان. راڳ بہ جيڪر اهڙا ٻڌان جن ۾ ناچ جي لئہ هجي, کلا کلاهٽ هجي, ٺهڪڙو هجي... آها . ها ها... ڏس سڀ پيا کلو نہ.“

هن کلٽيءَ جي ٺهڪن تہ سيني کي کلائي ڇڏيو. کٽ تي ليٽي, وشني جي اَمي, جو لوئيءَ ۾ ويڙهجي سيرجي ٽڏا ساهہ کڻي رهي هئي, تنهن بہ کلي ڏنو.

کن بعد وشني گنڀير ٿي چيو, ”پر خوشي ۽ غم هڪ ٻئي هنڌ جنم وٺن ٿا. جيڪي کلي گهڻو ڄاڻن سي روئي بہ گهڻو وڃهندا آهن.“ مون ڪيس ڏک هٽي چيو, ”خبر آهي, تون ضرور ڪانہ ڪا فيلسوفي ڪدي وهندين.“

”نہ موتي, اها حقيقت اٿيئي...“ وشني چيو.

وشني جي اَمي ٺهڪ ڏيندي ڏيندي گنڀير ٿي ويئي. سندس اکين ۾ ڳوڙها تري آيا. چيائين, ”ڌيءَ اڃا اَلبيلي آهين. شل هميشہ اهڙي البيلي رهين. پر هي زنانو چولو ڏاڍو برو آهي. خوشيءَ جون کي گهڙيون مس ٿيون نصيب ٿين. باقي دکن جا تہ داستان آهن...“

سرلا جي ٺهڪن تہ منهنجي انگ انگ ۾ خوشي پري ڇڏي هئي, سو هي روئٽا مون کي بلڪل ڪين وڻيا. منهن گهنجائي چيم, ”نہ امي نہ. سرلا نئين زماني جي پڙهيل ڳڙهيل ڇوڪري آهي. هوءَ پاڻ کي دکي ٿيڻ ئي نہ ڏيندي.“ ۽ ڦيرائي ڦيرائي جو چڪو هلايم تہ سرلا کان رڙ نڪري ويئي. چيائين, ”اهو اٿيئي پنجو. مئي وشني جي پڪي ساري.“

مگر وشني ماءُ جون اکيون جو لڙڪن سان پرجي ويون هيون, سو ڪيتري بہ ڪوشش ڪندي راند ڄمي نہ سگهي. ائين پئي لڳو گويا خوشي ۽ غم جو جيڪو طوفان ڪمري ۾ اُٿيو هو تنهن راند جي رونق ئي اڏائي ڇڏي. من جي پاؤن ۾ جا هلچل متي هئي, سا سيني جي ڇهرن تي صاف ظاهر هئي. سرلا اٿي وڃي چاچيءَ جي پير ۾ ويٺي. وشنو ٻاهر نڪرڻ لاءِ سنبرڻ لڳو. مان اَنميو تي چڪو هلائيندو رهيس.

سرلا ڏيري چاچيءَ جي مٺي کي زور ڏيندي چيو, ”پاپي, توهانجي زماني ۾ تہ سسون ڏاڍا ڏکہ ڏينديون هيون نہ؟ انڪري ئي توهين سمجهو ٿا تہ دنيا ۾ هر ڪا ڇوڪري دکي

پائيندي آهي.“

”نہ ڏيءُ، سسن جو کھڙو ڏوھہ. سڀ ڪرمن جو ڦل آهي، نہ تہ ھڪ ئي ناڙي تي ڏيئر چو چمن ھا.

ھڪ ھڪ ڏيءَ کان پوءِ وشني پيءُ جي دل تان لھندي ويس ۽ سس لاءِ بہ جڻ پنگياڻي تي پيس. وشني پيءُ ڀين جا پٽ کڻي سکندو ھو. پاڻ ستو تڏھن ٿئي مھني کانپوءِ گروءَ سندس سروني کڻي وشن ڏنم. اهو ئي سل وڏي راڄ ڪري. پر انھيءَ پنيان بہ ڏيءُ، ڏاڍا ڏولاٿا ڏنا اٿم. ڏيئر تہ ويچاريون ھڪ ھڪ ئي وڃي سرڳ ۾ سکي ٿيون.“

”پوءِ پاپي، توھان دادا کي ڦرين ئي چونہ پٽ ڄڻي ڏنو؟“

مون کي سرلا جي ھن اپوجھائيءَ تي من ئي من ۾ کل اچي ويئي. پر وايو منڊل جو اھڙو ھو سو ڪڇيم ئي ڪونہ. دل ۾ چيم، ”جيڪڏھن ڏيئر پيدا ڪرڻ ۾ چاچي گنگھار ھئي، تہ چاچو بہ اوترو ئي گنگھار ھو.“

ھن واقعي کانپوءِ ڪجھہ ڏينھن وشني جي گھر وڃي ڪونہ سگھيس جو اسانجي گھر مھمان اچي لٿا ھئا. وشنو ھڪ بہ ڀيرو منھنجي گھر آيو، پر منھنجي گھر ۾ لوڌ ئي راند جمي ڪين سگھندي ھئي. جي بہ ڄمندي ھئي تہ وشني جي گھرواري رونق ڪين لڳندي ھئي. ڪيترن ڏينھن کانپوءِ وشني جي گھر ويس تہ وشني ڏکاري آواز ۾ چيو، ”چڱي تنھنجي دوستي! لوڊ ئي ڏانھن تہ نھار، ڪيتري نہ ويچاري تي لٽ چڙھي ويئي آهي. سرلا پنھنجي امتحان ۾ رڌل، تون پنھنجن مھمانن ۾ مشغول، اَمي پنھنجي مالھا ۾ پوري، باقي مان آهيان واندو جو وينو ھوائون ڪلن. ان ڪلن تہ پرديس ستو. ڏنڏي ڏاريءَ ۾ تہ محو ھوندا آهيون.“

سرلا بہ ھيترا ڏينھن ھتي ڪين آئي آهي، اهو ٻڌي الاجي چو منھنجي من کي ڏاڍي خوشي ملي. چيم، ”مل پلا سرلا کي وٺي اچون. ھاڻي ڏسج، توکي ھڪ ڏينھن بہ اڪيلو ڪونہ ڇڏيو.“

وشني جي اميءَ چيو، ”سرلا جا امتحان بہ ڪلھہ تائين ھئا. اڄ تہ مون بہ صبح کان وٺي اڪيون پاتيون آھن. الاجي آئي چو ڪانھي.“

وشني کي سرچائي سرلا جي گھر وٺي ويس. اڱڻ ۾ ئي چوڪرين جو گلر نوڙيءَ راند ڪري رھيو ھو. ھوءَ ھڪ ننڍڙي ٻار کي ھنج ۾ کڻي، ٽپي رھي ھئي. اسان کي ڏسي آئوٽ ٿي پئي. چوڪرين وٺي واڪا ڪيس تہ ھاڻي نوڙي ھلاءِ. پر ھوءَ چوي، ”مان ڪا راند ڪرڻ ٿوروئي آئي ھئس، مان تہ توھانجي راند ڦٽائڻ آئي ھئس“ ۽ امان ڏانھن ڏسي ڪلي ڪلي

پنهنجي گھر ۾ پهچي ويئي. اسين بہ اندر وياسين. سرلا جي گھر جو ٺاٺ باٺ ڏسي منهنجي تہ دل ئي پرسين ٿي ويئي. فرش تي گلم وڇايل هو. هڪ پاسي سنگمرمر جي ميز پيئي هئي، ٻئي پاسي پرت جي پينگھي ۾ سرلا جي امي پئي لڏي. سرلا جو پيءُ شونقيرام، شڪل ۾ اچي ڳاڙهو، وهاڻي تي ٽيڪ ڏيو ٻڙي ڇڪي رهيو هو. سندس مڇون وڏيون هيون، اڌ مٽي جا وار گرم هئس. هڪ جهان ديدهہ هستي پئي لڳو. اسانکي ڪيڪاري پنهنجي پر ۾ کٽ تي ڪٽي وهاريائين. وشني ڪان ولايت اجون خبرون چارون پڇڻ لڳو. تنهن وچ م مون ويني سرلا جا رنگ ڏٺا. چوڪريءَ جو امتحان ڪين گذريو هو، پر هوا ڪان بہ هلي ٿي پيئي هئي. پرواري ڪمري ۾ وڃي هنج واري ٻار کي ٿيريون پارائي پارائي ٻاهر پهچي ويئي. ڪن ۾ ئي ٻڪريءَ جو چيلو ڪٽي اسان واري ڪمري ۾ لنگھي آئي. چي، "اَمي اَمي، ڏس ڪير وارو کهڙو نہ سٺو چيلو ڪٽي آيو اهي." چيلي کي پيار جا هٿ گھمائيندي وري بہ ٻاهر پهچي ويئي. اتيئي اگڻ مان تارين سان گڏ سندس آواز ٻڌڻ ۾ آيو، "ايڪ تالاهسي هسي — بہ تالامسي ..." ۽ منٽ ۾ ئي ترڪٽي وري اندر پهچي آئي. هن ڀيري هڪ ننڍيءَ چوڪري کي آڱر ڪان وٺندي آئي. چي، "اَمي، داديءَ جو پيو ڪملو کي ڇڏي ويو اتيئي." ٻالڪي سرلا جي ٽنگن سان چنبڙي پيئي. سرلا چيس، "هان، اَميءَ وٽ ڪانہ ويندينءَ، ڏادي مست آهين. هلي آءُ، مان توکي گلگولڙي ڪرايان." اسان جي پرواري کٽ تي ويهي ٻالڪيءَ کي گگولڙي ڪرائڻ لڳي.

وشني چيس، "هاڻي اسان وٽ ايندي چو ڪانہ آهين؟"

"اجا ڪلهہ ئي تہ امتحان پورا ٿيا آهن."

ايتري ۾ پاسي واري گھر مان نُورن جو آواز آيو ۽ هوءَ ڪملا کي هنج ۾ ڪٽي ائي پهچي. چي، "هل هل، مان توکي ڊانس ڏيکاريان."

اسين هن ترڪٽيءَ کي اچڻ لاءِ ڪجھہ نہ چئي واپس هليا آياسين. گھر اچي پاڻ ۾ ئي راند رچائي ويناسين. پر شام اچي ٿي تہ بہ راند مان اهو مزو نہ پيو اچي. سنجها ٽيڻ تي هئي جو اسان راند بند ڪري ڇڏي. امي رهراس جي پوتي ڪولي پڙهڻ لڳي تہ ايتري ۾ هڪ برقعي واري مسلمان چوڪري اندر گھڙي آئي. اميءَ ڪان ايڏو چرڪ نڪري ويو جو رهراس جي پوئي تي وڃي پري پيس. چوڪريءَ ڊنل آواز ۾ چيو، "دروازا بند ڪردو نا مان!"

اميءَ ڪڙڪيلي آواز ۾ چيس، "پر بہ تون هئہ ڪؤن؟"

"مين ... مين پشاور سي آئي هون. ميرا ڀائي گل محمد گردي ۾ دڪائي نهين ديتا. ڪيا ڪرون، راستا ڀؤل گئي هون. ڪتني لوگ پيڇي پر گئي هين. دروازا بند ڪرو..."

اميءَ کي مس وڃي سامت آئي. ڏاڍي چنتا ۾ پرجي چيائين، "پر بيٺي ڪؤنسي گليءَ

۾ لٽل آهين؟ اپنا منهن تہ دکائو.“

چوڪريءَ برقعو مٿي ڪري بلڪل اپوجهائيءَ سان چيو. ”گلي ڪا نام هي تو نهين ياد آتا.“

مارا چوڪري هئي ڪانہ چنڊ جو ٽڪرا ڳلن ۾ چپن تي لالي، اکين ۾ ڪجل، اڌ نرڙ تائين اطلش جو ڪارو برقعو. غضب جي سؤنهن هئي! اسان ٻنهي کي پاڻ ڏانهن گهوريندو ڏسي، چوڪريءَ برقعو هيٺ ڪري ڇڏيو.

وشنو وڃي در بند ڪري آيو.

اميءَ چيو. ”هن گل جهڙي چوڪريءَ مٿان ڏسو تہ ڪهڙي نہ آفت آئي آهي!“

پر اسين ٻئي بہ هن گل جهڙيءَ چوڪريءَ کي ڪهڙي ئي مدد ڪري سگهياسون؟

امي اڳيئي دل جي ننڍڙي سا وڃي پريشان ٿيندي. چي، ”ڏيءَ ڏڻ رات جي وڳڙي ۾ ڪيڏانهن ويندي؟“

منهنجون ۽ وشني جون تہ اکيون وڃي هن ڪاري برقعي سان ڏڪيل اُور ۾ ڪتيون.

ڪن منٽن لاءِ تہ بلڪل چپچپات لڳي ويئي.

اوچتو وشني چوڪريءَ جي پيرن ۾ نهاري، مونکي وٺي اک پڳي. مون تہ ڪجهہ ڪونہ سمجهيو پر وشنو وٺي 'اَلاڙي گهوڙا ڙي، بابا ڙي.“ ڪرڻ لڳو ۽ پنهنجو پير ٻنهي هٿن سان جهلي پٽ تي ويهي ”وچون لڳو. وچون لڳو“ چئي ڦٿڪڻ لڳو. ماءُ دوڙي اچي پٽ جو پير پڪڙيو. مسلمان چوڪريءَ جهٽ برقعو مٿي ڪري ڪيريءَ تان اڳٺ لاهي چيو. ”امي هيءُ ٻڌينس، تہ زهر نہ مٿي چڙهي وڃينيس.“

وشني چپ ڦڏا ڪري چيو. ”اَمي، هيءُ ٻڌينس تہ ڊهر نہ مٿي ٽري وڃيس. هينئر تہ اجا رنڻ ويني نہ. ”لوگ ميري پيڇي پري هين“.. هل، پچ. آئي آهي اسانکي بنائڻ.

سرلا وشني کي زور سان ڏڪ هڻي چيو. ”شرطا ڪي، منهنجو سانگ ئي ڦٽائي ڇڏيئہ.“

منهنجي تہ حالت ئي نہ پڇو. کلي کلي پيٽ ۾ ئي سُور پئجي ويو. امي پهترين تہ واٺڙي ٿي ويئي. پوءِ کلي چيائين. ”هولي ئي ڪين چٽي ٿي. چوڪري گهڻو حيران ڪيو اٿيئي. پر منهن کي چڱو ويهي ناهيو اٿيئي. مٿان وري مسلمانڪو ويس ڪٽي پاتو اٿيئي تہ اصل سڃاڻپ ۾ ئي نہ پيئي اچين.“

”هاڻي گيهر ۽ گل تہ ڪارائينس. ويچاري هيڏي محنت ڪري آئي آهي.“ ائين چئي وشني ڪٻٽ مان گيهرن جي ٿالهي آڻي ماءُ کي ڏني. سرلا، مان ۽ امي گيهر ڪائي رهيا

هئاسين. وشنو آڳنڌ ڏانهن هليو ويو. اوچتو سرلا چرڪ ڀري آئي، چي ”پاپي، هڪڙي ڳالهه ياد اچي ويئي“ ۽ ڪمري جو پٺينءَ گهٽيءَ وارو در، جو هميشه بند رهندو هو، انکي کولي ائين ڀڄي جهڙو ڪاريءَ هيٺان ڪانءُ. وشنو آڳنڌ مان آيو ته سرلا کي گم ڏسي شڪل ئي لهي ويس. وائرو ٿي هٿ پنيان ئي هوندي هيڏانهن هوڏانهن ڏسڻ لڳو. جان ڪٽي سندس هٿ اڳيان ڇڪيم ته رنگ جي پچڪاري واهي ڪديائين. هاڻي ڳالهه سمجهه ۾ اچي ويم ته سرلا اوچتو ڇو لڀي هئي. سامهون ڪبٽ واري آرسيءَ مان ضرب آڳنڌ جو اهو حصو ڏٺو هوندائين، جتي وشني پچڪاري پئي ڀري.

وشني پچڪاري ڦٽي ڪري چيو ”چيگري ڪٽي ويئي.“

مان هونءَ ته ونگ ۽ پاڻيءَ جي چيڙچار پسند ڪونه ڪندو آهيان، پر ان ڏينهن جو وشني کي پچڪاريءَ سان ونگيم، سو اج به ياد ڪندو هوندو.

هن طرح جي کيلن ۽ خوشين ۾ خبر ناهي ڪيئن ساوڻ جي ستهن به اچي پهتي. وشني پيتيءَ ۾ ڪپڙا پئي وڌا. اميءَ لولا، ڪتو پت ۽ ميها سنڌيل آڻي اڳيان رکيا هئس، جو مان وجي پهتس. وشني ۽ مون پئي ڪاڌو ته اميءَ پئي ڳوڙها ڳاڙيا. وشني چيو، ”پلا روئين ئي ته مان ڪاڌو نٿو ڪان.“

اميءَ ڳوڙها اُگهي چيو، ”پٽ، هن ستئن تي ته هتي وينو آهين. ٻيءَ ستهن تي ته اَڪل پنڌ تي هوندين.“

مون چيو، ”اَمي توهين به عجيب آهيو. ائين چو ڪين ٿا سوچيو ته اڳين ستهن ته ٻاهر ڪيائين. هن ستهن تي هتي وينو توهانجا لولا کائي. جيڪا خوشي ويجهي آهي اها ته جڻ توهان کي ليکي ۾ ئي ناهي.“

اج سوچان ٿو، رڳو وشني جي امي ئي نه پر دنيا جا گهڻائي ماڻهو ويجهي خوشيءَ کي ته آخر ۾ ئي ڪين ٿا آڻين.

ستهن جي ٻئي ڏينهن مان ۽ سرلا جو پيءُ وشني کي اسٽيشن تي اپرائي آياسين.

گهر موٽيس ته دل ڏاڍي ڳوري هئي. وشني موڪلائڻ وقت منهنجي لٽل ڇهري کي ڏسي چيو هو، ”ديس ڇڏڻ تي دل نٿي ٿئي، پر پيٽ ته ڇڏڻ وارو ئي ڪونهي. دوست، دل نه هار، ڪاليج کلڻ تي وري به من بهلجي ويندءِ.“

مگر ڪاليج کلڻ لاءِ به پندرهن ڏينهن اوسيئڙو ڪرڻو پيو. وشني کي هڪ خط ۾ لکيم، ”دوست، تون ناهين ته راند ناهي ۽ سرلا ناهي ۽ ڪائي رنگيني ڪانهي.“

سچ پچ ته وشني ڪانسواءِ ڏينهن ڦڪا ٿي ويا هئا، راتيون اُداس هيون. مان من لڳائي

وايولن سکڻ لڳس. رات جي تنهائي ۾ چوٽ تي وڃي سر ڪيندو هوس. منهنجي دل جي رزو وايولن جي آواز جون لهرون بڻجي دور دور افق سان ٽڪرائجي واپس اچي ڪنن ۾ چوندي هئي، ”خبر ناهي ڪٿي آهي؟“.

ان دل سائيندڙ ۽ خاموش فضا ۾ آڪاش منڊل جا تارا چمڪ تمڪ ڪري هڪ ٻئي کي الاجي ڇا چئي وهندا هئا ۽ منکي لڳندو هو، منهنجي وايولن جا مايوس سر ڪنهن اَوُجهڙ ۾ پيا پٽڪن ۽ سارو ڳگن هڪ شرمايل ڪل ڪلي رهيو آهي. ڪيتري دير تائين خاموش ليٽي، انهن پٽڪيل سرن جا پڙاڏا ٻڌندو رهندو هوس.

ڪاليج ڪليا. نظرون خود بخود هر نئين مهانڊي تي ڪن لاءِ اٽڪي ٿي پيئون. مٿان ڪٿهڙي مان بيٺي ڪنهن سجاتل مهانڊي کي ڏٺم ۽ هيٺ لهي آيس. ڇوڪرن ڇوڪرين جا گلر بيٺا هئا. مگر اهڙو سڄاتل مهانڊو نظر نہ آيم. ساري ڪاليج جا چڪر لڳائي بيٺس، پر وريو ڪجهہ نہ. نااميد ٿي پنهنجي دوستي هوتوءَ کي ساڻ ڪري، ڪاليجہ ڪان ٿورو پريان پارڪ ۾ وڃي ويٺس. اچانڪ کي کي کي کي ... ڪ ڪ ڪ ڪندو ڇوڪرين جي ڪلڻ جو آواز هوا ۾ ڪڄي آيو.

”اڙي هوءَ...“ مون ڪان بي خبريءَ ۾ نڪري ويو ۽ هوتوءَ کي پڪڙي ڇوڪرين جي ميڙاڪي وٽ وٺي آيس. غضب جي همت اچي ويئي هئي ان ڏينهن! نہ تہ هن طرح ٻي ڏڙڪ ڇوڪرين جي گلر اڳيان وڃجي! سو بہ جيکي ڪلڪو مچائي رهيون هجن! ڏينين جي ماناري اڳيان وڃن ڪان گهٽ پهلواني ڪين هئي. سرلا بلڪل مڌر ڪنٺ سان پريان ٿي کيڪاري چيو، ”موتي آهين؟“

”اچي ويئينءَ ڪاليجہ ۾؟“ مون چيو.

”اهڙو ياڳ ڪٿي آهي،“ چوندي هن پنهنجي چپ کي چڪ پائي جڻ چيل جملو ڳيهڻ ٿي چاهيو. وري چيائين، ”بابا کي ڪو – ايڊيوڪيشن (گڏيل تعليم) نٿي وڻي، انڪري اڄ فقط ڪاليجہ گهمڻ آئي آهيان.“

منهنجو هٿ جو هوتوءَ جي هٿ ۾ هو، تنهن کي سخت پيڙو آيو. سور بہ سور ڪرايائين. پر صبر سان سور پي ويس. توهين سمجهندا هوندا تہ رڳو ڇوڪريون ئي شرمائيبون آهن، پر مان سچہ ٿو چوان، ان مهل تہ مونکي ايڏوئي شرم آيو، جو ڪوئي ماس ٽڪر وڍي وجهي ها، تہ بہ شايد رڙ ڪين ڪريان ها. سرلا کي چيم، ”تون ياد کي ڇو ڪين ٿي سمجهائين تہ ڇوڪرن ڇوڪرين جي گڏ پڙهڻ مان ڪيترائي فائدا آهن...“

”سڀ، سڀ ٻڌايو ئمانس ۽ خود بہ ڇا گهٽ پڙهيل آهي؟“

”مان اچي سمجهايانس،“ بنا سوچ ويچار چئي ويٺس.

”اهو تہ ڪانئس پڇڻو پوندوءِ،“ سرلا ڪي نهہ پهہ جواب ڏيڻ جي تہ عادت هئي. سڀ ڇوڪريون کلڻ لڳيون. منهنجو تہ شرم کان پگهر نڪري آيو.

ساهيڙين ٻانهن ۾ ٻانهن وجهي هڪ قدم اڳتي وڌي چيو، ”اچين ٿي سري؟“

هوءَ مٺي دل ليائيندڙ مرڪ چڙي هلي ويئي.

سُري... سري... سري...“ باپ ڙي، اهو اکر من ۾ ڪيڏي نہ گُونج لڳائي ويٺو. وئڪيشن جي سانجهين ۾ جا تنهائي مهسوس ٿي هيم سا ڇڻ هن هڪ اکر سان گم ٿي ويئي. هڪ ئي اکر سان جا مڏر راڳڻي منهنجي من اندر هلي رهي هئي، ان کي پلا هوتوءَ ڪٿي ٿي ٻڌو. چيائين، ”يار ڇوڪرين جي گشن سان پگوان بہ نہ پڄي.“

”تنهنجو مطلب آهي، سرلا گسو ئي هنيو.“

”نہ تہ ڇا؟ هوءَ منهنجي پيڻ تليءَ جي تہ ساهيڙي ٿئي. مون کي تہ سندس اِتي پتي جي سي پٽس ڪاليج جي في نٿو پري سگهي. ڇي، ”ڇوڪرن ڇوڪرين جو گڏ پڙهڻ نٿو وڻيس. مينهن مٿڻ جو، جهوري جهڻ جي.“

منهنجي اکين اڳيان سرلا جي گهر جي نظارو ڦري ويو. وڏي سنگمرمر جي ميز تي سهڻو گلدستو رکيل، آرسين ۽ مورتن وارا ڪٻٽ. گهر جو سارو سامان ائين پئي چمڪيو جو ڇا ڪٽي ڇئجي. پلا گهر ۾ هيڏو ٺاٺ رکڻ وارا ڪاليج جي في نہ پري سگهندا؟“

ان مهل تہ مون کي هوتوءَ جي ڳالهہ تي وشواس ئي ڪين آيو. چيم، ”هوتو، تنهنجون وائي بادي ڳالهيون پاڻ کي پسند ناهن.“

”تليءَ کان پڇائي ڏيکاريانءِ، پوءِ تہ بس؟“ هن وراڻيو. مگر ٿوري دير اڳ ۾ جو سرلا ”اهڙو ياڳ ڪٿي آهي“ چئي چپ کي چڪ پاتو هو، ان ڳالهہ مان سمجهيم، ڪا ڳالهہ ضرور هوندي. انڪري چيم، ”نہ نہ تليءَ کان پڇائڻ جي ڪائي ضرورت ناهي.“

”هوءَ تنهنجي ڪير ٿئي؟“ هُوتوءَ جي چپن تي هڪ مطلب ڀري مسڪراهٽ هئي. مون کي لڄي ٿيندو ڏسي چيائين، ”توهين پئسي وارا آهيو، تون ئي سندس في پري ڇڏ.“

”مان ...“ مان ذرا ڇرڪي ويس. دل ۾ چيم، ”ڪهڙي ناتي سان مان سندس فيپ ري سگهان ٿو. پريتما جي ناتي ؟ نہ تہ سرلا ناتو پلا زبان تي آڻڻ جي همت ڪٿي آهي.“

ليڪن ٻئي ڏينهن تي ڇا ڏسان، جو هوءَ ڪاليج جو فارم ڀري آئي آهي. منهنجي خوشيءَ جو ٺڪاڻو ئي نہ رهيو. مان اهو پڇڻ بہ پلجي ويس تہ ڪهڙيءَ تڪليف سان پئسا

هٿ ڪيئہ مان تہ ڪيس سڪولي وديائڻ مان ڦري ڪاليجي ڪڪيءَ جي روپ ۾ ڏسي مگڻ ٿي ويس. ڪرنا سلوارون چڙهي فراڪ پائڻ لڳي هئي. اڳي ڪان هڪدم ہ تي سال ننڍي پئي لڳي. چال ۾ بہ وڏيڪ البيلي پاسڻ لڳي هئي. مون لاءِ رنگيني موٽي ائي. پاڻ سان گڏ رنگہ پيري رت بہ ٿني ائي. اسمان تي بادل رمندا نظر آيا. جنهن وت ٻيا چوڪرا چوڪريون ڪاليجہ جي ڪلاسن ۾ ليڪچر ٻڌڻ ۾ محو هوندا هئا. ان وقت اسين ڪاليج ڪان دور هڪ پارڪ ۾ ڪنهن وڻ هيٺان ويهي ڪوئي شعرن جو ڪتاب پيا پڙهندا هئاسين. هڪ ڀيري اچانڪ ڪتاب بند ڪري سرلا چيو. ”شعر پڙهڻ نٿو وڻي.“

”تڏهين ڇا ٿو وڻيئي؟“

”تون ڳالهيون ٻڌاءِ.“ هن ڪنڌ هيٺ ڪري چيو.

”تليءَ سان تنهنجي گهري ساهيڙپ آهي؟“ مون ڪجھہ ڳالهائڻ لاءِ چيو.

”سڪول ۾ گڏ پڙهنديون هيونسين. انڪري گهري نہ پر ڪافي حد تائين ساهيڙپ آهي.“

”توکي دؤلوءَ جون ڳالهيون ٻڌائي رهي؟“

”اول هوتو توکي پنهنجي ليلان جون ڳالهيون ٻڌائيندو آهي؟“

”جيئن تليءَ جو دولوءَ سان لو (Love) آهي. تيئن هوتوءَ جو ليلان سان لوُ آهي.“

”نہ ڙي نہ. ليلان جهڙي چرٻٽ چوڪريءَ سان پيار رکڻ ڪان تہ بس ڀلي.“

”مان سمجهان ٿي ليلان شاديءَ ڪانپوءِ پاڻيهي ٺيڄي پوندي.“

”سو هوتو ليلان سان شادي ڪري چوتو. هو تہ بڪبڪيءَ ليلان کي چوندو ٿي ”ائسپرو“ آهي.“

سرلا دنگہ رهجي ويئي. ڳاهہ جي سلن تي هٿ ڦيريندي، جڻ پاڻ سان ڳالهائيندي چيائين، ”چوڪرا ائين چو ٿا ڪن. هوتو ليلان سان هيترو گهمندو آهي، ليلان تہ گهڻو بدنام ٿي چڪي آهي. ويچاري نہ گهرجي رهي نہ گهاٽ جي.“

”پڳلي، ههڙيون هلڪريون چوڪريون ڇا پيار ڪري ڄاڻن.“

هوءَ ڳاهہ جو سلو وات ۾ چٻاڙڻ لڳي. هوا جو جهوٽو سندس وارن سان کيلي ويو.

مان ڪجھہ ويجهو سري آيس. چيم، ”سري پيار معنيٰ شادي تہ نہ آهي. پيار ڪرڻ سان ئي اهڙو ڪجھہ پائي ٿو ونجي، جو شاديءَ جي گنجائش ئي نٿي رهي.“

سريءَ پنهنجا موهيندڙ نيڻ مٿي ڪٽي مونڏانهن ڏٺو. گويا ڇئي رهي هئي، ”سچ ڪائي

گنجائش نٿي رهي؟“

پر اتيئي هيون جهڪائي چيائين، ”تنهنجي اڳيان رهندي ته مان تنهنجي ڪنهن به ڳالهه کي رد قد نٿي ڏيئي سگهان.“

ٿورن منٽن لاءِ ٻئي چپ ويٺا رهياسين. مون شعر جو ڪتاب سيرهي پڙهڻ شروع ڪيو:

محبت جن جي من ۾ تن تشنگي تار،
پي پيالو اُڃ جو، اُڃ سين اُڃ اُٿيار،
پنهو پاڻ پيار، ته اُڃ سين اُڃ اجهائيان.

پيريڊ پوري ٿيڻ جي گهنڊ سچيت ڪري ڇڏيو. مگر سچ پچ سچيت ٿيڻ کا سولي ڳالهه ته ڪين هئي. مان ته اهڙي ڪنهن خوب ۾ غلطان هوس جو خبر ئي نٿي پئي ته ڪهڙي جهان ۾ ٿو وسان. سرلا جون اکيون ته وري مون کان ئي وڌيڪ خوابن ڏسڻ ۾ مشغول هيون.

ڪڏهين ڪڏهين سوچيندو آهيان، ايتري مستي رهندي به ڪڏهين سرلا منهنجي بلڪل نزديڪ ڇو نه آئي. ڪڏهين نشي ۾ ايترو الوٺ ڇو نه ئي ٿي جو مان فقط هڪ ڀيرو ئي سندس هٿ پڪڙي، چپن تي پنهنجي پيار جي مهر هڻي سگهان ها. ڪي ڪي ڇوڪريون زبان سان ڪوئي اعتراض نه وٺندي به پنهنجي چوڌاري ڪيڏو نه پهرو رکي سگهن ٿيون!

سياري جي رات موتي آئي. اُتراڻ جو ڏينهن وري آيو. اڳئين هن سياري ۾ ڪيڏو نه فرق هو. اڳئين سياري ۾ جيڪي ٻوٽا زمين ۾ پوکيا ويا هئا، سي هاڻ گل ڪڍي بيٺا هئا.

سري پنهنجي ڪلاس ۾ ويٺي هوندي هئي مگر سندس صورت اکين ۾ اچي وسندي هئي. ائين لڳندو هوس ڄڻ سريءَ جي سنگت مان فرصت ئي ڪانه ملندي هئم. هڪ ڏينهن چيم، ”سري تنهنجي اکين مان ته ائين پيو لڳي ڄڻ ساري رات جاڳي پڙهيو اٿيئي.“

”اڳئين سال ته برابر راتيون جاڳي مئٽرڪ لاءِ پڙهيو هوم...“

”هن سال ڪهڙي امتحان لاءِ جاڳندي آهين؟“

هوءَ کلي پنهنجي چپ کي چڪ پائي هلي ويئي.

سياري ۾ ڪاليج جو ڪمپائونڊ بهار جي رنگ رنگي گلن وانگر، ڇوڪرن ڇوڪرين جي رنگبرنگي پوشاڪن سان ٻهڪي پوندو آهي. سيني ويسن کان سندر ويس ته سرلا جو گلابي سئيٽر ۽ ڳاڙهيءَ گهبر واري پڙي هو. اڪثر ڪري ان ويس ۾ ئي هوءَ سائي گاهه تي ويٺي

ساهيڙين سان کل مسخري ڪندي هئي يا ڪنهن سانتيڪي ڪنڊ ۾ ڪتاب کولي ويٺي پوُر پچائيندي هئي يا ڪهڙي خبر شايد منهنجو انتظار ڪندي هئي. چو ته اڪثر اهڙي وقت مان وچي ساڱس ٻه ٽي اکر ڳالهائي وٺندو هوس. اهڙيون گهڙيون ڪيتريون نه ننڍيون ٿينديون آهن! وري ملنديون به ورلي هيون هڪ اهڙيءَ سندر گهڙيءَ ۾ هوءَ ٿي چوي، ”اڄ هڪ شعر پڙهيم موتي.“

”ڇا هو ايندي.“

”فراق ۽ وصال تي شعر هو.... مان پيئي سوچان شايد چاهڻ ۾ جا خوشي آهي، اها پائڻ ۾ يا وڌي ويندي يا گم ٿي ويندي.“

منهنجي من جو ڪوئي روشن در ڪلي پيو. چيم، ”حق تي شاهه چيو آهي:

ڏوريان ڏوريان م لهان، شال م ملان هوت.“

ائين ته وڏين چوٽين مان ٻتا مطلب نڪرندا آهن. وري هڪ ٻئي جي ابتڙ به ته چوٽيون پيئون آهن. ڏس نه هن شعر ۾ شاعر چوي ٿو، ”جي مليا ناهن تن کي وڇوڙي جي ڪهڙي خبر.“

”ملڻ ڪانپوءِ ته سک شروع ٿئي ٿي ۽ سڪندو رهڻ ئي ته جيون ۾ هڪ اپوُرنتا ۽ تڙق پيدا ڪري ٿو.“

”وچ پوُرنتا ۽ شانتي ئي ته جيون جو اُديش هئڻ گهرجي.“ چوندي چوندي سندس ڳلن ۾ لالي ڊوڙي آئي ۽ اکين ۾ شرم اچي ويس. هوءَ منهن کي هٿ سان ڍڪي تڪڙي تڪڙي پڇي ويئي. مونکي الاجي ڇا ٿي ويو، دوڙي کيس پڪڙڻ ٿي چاهيم، پر بيٺو ئي رهيس.

ٿورن منٽن ڪانپوءِ ڏسان ته هوءَ وڻن جي جهڳٽن جي ٻئي طرف ڪان پيئي اچي. منهنجي اڳيان ويهي رومال مان موتي جا گل ڪيرائي ڇڏيائين. ............................ پرئي وينس. سرلا جي هن حرڪت دل ۾ گدلدي ضرور پيدا ڪئي پر ڪجهه سمجهه ۾ ئي نه آيو. هڪڙو گل سنگهي ڪئي پر ڪجهه سمجهه ۾ ئي نه آيو. هڪڙو گل سنگهي چيم، ”هي گل ڇا لاءِ پڪيڙيا يا اٽيئي؟“

”مونکي وڻن ٿا.“ مونکي سندس هيءَ ڪاراڻي ادا ڏاڍي وڻي. ايتري ۾ پنهنجو ڳڙهيءَ ڪنار وارو گلابي رومال ڪنهن اهڙي اٽڪل سان ويڙهي رکيائين. جهڙو گلاب جو گل پئي لڳو. انجي چوڌاري موتي جا گل پکيڙي ڇيائين، ”ڪيئن ٿهن ٿا نه؟“

مون سندس وارن مان گلاب جو گل لاهي رومال جي جڳهه تي رکي ڇڏيو ۽ رومال ڪڍي سنگهڻ لڳس. منجهائس نرم نرم اچن اچن هٽن جو هڪ خوشگوار ڇهاءُ منهنجي نڪ ۽

چپن کي ڇهي ويو. مسرت ۾ پرجي چيم، ”گلاب جي چوڌاري موتيا ائين ٿا لڳن، جهڙا چنڊ جي چوگرد ستارا.“

هن راند ڦٽائي ڇڏي. رسي چيائين، ”چنڊ ۽ ستارا نه هميشه هڪ ٻئي کان دُور بيٺا ڪلندا مرڪندا آهن. ڪڏهن ملندا ٿورو ئي آهن.“

”ان دُوريءَ ۾ ئي ته جيرت جو ميناج آهي.“

”مان ئي چوان چنڊ ۽ ستارا ملڻ گهرجن. جڏهن هو ملي بيهندا تڏهن ڌرتيءَ تي ايتري ته روشني ڦهلجي ويندي جو اسانکي بتين ٻارڻ جي ضرورت ئي نه پوندي.“

پوءِ ڪٽي منڊل جي سوپيا کي ڪير پڇندو؟“

”سوپيا کان ته روشني سٺي. سوپيا ته هونءَ به پريات ٽيڻ تي ڦڪي پوٽي ئي آهي.“

” A thing of beauty is a joy for ever تڏهن ترسياڻن چيو آهي ته "Beauty is to see, not to touch.

”تڏهين مان گلن کي موتائي وجي ٿي تارين ۾ ٽنگي اچان. گل سنگهڻ سان خراب جو ٿي پوندا.“

”اڙي بيهه ته رسٽي.“ پر هوءَ هلي ٿي ويئي.

عين موقعي تي رسيس جو گهنڊ لڳو ۽ چوڪرن چوڪرين جا گلر ڪمپائونڊ ۾ نڪري آيا. هوءَ ساهڙين سان هلندي هلندي هڪ ڪونڊيءَ ۾ گل ڪيرائي هلي ويئي. ان حرڪت کي پري کان ڏسڻ سان ته ائين لڳو جڻ سرلا سچ پچ ئي گلن کي واپس تارين ۾ اتڪائي ويئي آهي. ليڪن ويجهو وجي ڏٺم ته گردن ٽتل گلڙا اونڌا پاسيرا الاجي ڪيئن ويگاڻا ٿيا پيا هئا.

ڪڏهين ڪڏهين بلڪل نندڙيون ڳالهيون به ٻن ڄڻن جي وچ ۾ هڪ وڏي وڏي ديوار کڙي ڪري ڇڏينديون آهن. ڳالهيون ته وسري وينديون آهن، مگر اها ديوار ڏاڍي ڏکي ڪرندي آهي. ڪرڻ لاءِ سچ پچ هڪ ن جي ئي دير لڳندي آهي. مگر اها ڪن ڏاڍي ڏکي ايندي آهي. ليڪن جنهن جي صورت هر وقت اکين ۾ وسندي هجي، ان سان ته ٿي مهينا نه ڳالهائجي، ته دل تي ڪهڙو وئل وهندو هوندو. اهو اهي ئي ڄاڻن جن پيار جي رسڻ پرچڻ جو اڻيو ڪيو ويندو.

ٽن ڏينهين ٻي هڪ عجيب ڳالهه ٿي گذري. هڪ ڏينهن ڪاليج مان موٽيس ته چا ڏسان ته گهر جا سڀ پاتي ڪنهن معنيٰ ڀريءَ نظر سان مون تڏهن پيا نهارين. وندري مونکان

فقط چار سال ننڍي آهي، پر ان ڏينهن تہ جهڙي ٻار ٿي پيئي. منهنجي ڪاٺي جي ٿالهي ميز تي رکي، ڪلي ڪلي اهڙو ٽڪڙو پچي ويئي، جڻ ڪنهن ڪتڪتائي ٿي ڪيس. مون ڪاوڙ مان چيو، ”ڇا هي وندري؟“ هوءَ دلن پنيان بيهي مونکي ڄڀ ڏيکاري وڏيڪ چيڙائڻ لڳي. مان ائي پنيان پڳوسانس تہ چوٽيءَ کان پڪڙي سڄي ڳالهہ جي سڄي ڪرايانس تہ چوٽيءَ کان پڪڙي سڄي ڳالهہ جي سڄي ڪرايانس، پر اسين اجا ڊڪي رهيا هئاسين، جو بابي رڙ ڪري چيو، ”هيءَ ٿالهي هتي ڪنهن جي پيئي ٿري؟“

مان ڪن پڪڙي گرجندڙ اچي ڪاٺي تي ويٺس. بابي جي آواز جهڙو گرجندڙ آواز شايد شينهن وٽ بہ ڪونہ هوندو. اصل ڪان وٺي بابي جو رڙ ڪرڻ ۽ گهر ۾ موت جهڙو سناٽو ڇانئجڻ، پر ان ڏينهن اجا ڪاڏم ئي ويني جو وندري هڪ گڏي ڪٽي اچي، فرش تي ويهي نچائڻ لڳي ۽ مستيءَ ۾ ڳائيندي ٿي ويئي، ”ميري پيٺا ڪي گهر ۾ هوگا پاپي ڪا راج ڙي، ميري پيئيا ڪي گهر ۾...“ مون بہ دال ڪڇٽيءَ جي ڳتي جو اڇلي مانس تہ سڏو وجي ڳل تي لڳيس. هاڻي منهنجي ڪلڻ جو وارو هو.

وندري اگهندي چيو، ”هاڻي اهڙيون ڳتيون سيرومل جي ڌيءُ کي نہ هٽي ڏيکاريانءِ تہ ڇئج.“

”اڙي واهہ، هيءَ سيرومل جي ڌيءُ جو اڄ تنهنجي غصي جو نشانو بڻي آهي؟“ مان ڳتي هٿ ۾ ئي جهلي ويٺس. پر وندري چپن ۾ ڪلندي، ڪجهہ لڪائيندي ئي رهي. مان سمجهي نہ سگهيس تہ ڪهڙي ماجران آهي، سوچيم، ”ترس ڪائي اُتان تہ مزو ٿو چکايانءِ، نہ تہ جلدي سچي ڪر.“

پاسي واري چمن ماءُ پريان ڪٽ تي چلم مان ٻڙڪو پئي ڪڍيو، تنهن چيو، ”ڏاڙهيل، پٺهين سيرومل جي ڌيءُ سان مڱائي آيو اٿيئي.“ منهنجي نڙيءَ ۾ گرهہ اٽڪي پيو. ٿالهي ڇڏي اٿي ڪڙو ٿيس. اَميءَ کي وجي چيم، ”هيءَ وندردي، سيرومل جي ڌيءُ جي ڇا جي بڪ پيئي ڪري.“ اَمي جا مکين کان بچڻ لاءِ رئو مٿان وجهي ليٽي پيئي هئي، سا اٿي ويٺي. چيائين، ”ٻچا، اَن جو منهن جنڊ ڏانهن آهي. نيٺ تہ ڪا ڪنوار گهر ۾ ايندي نہ پٽ.“

”پر دنيا ۾ سيرومل جي ڌيءُ ڪانسواءِ ٻيون ڇوڪريون ئي ڪونهن ڇا؟“

”پلا سيرو مل جي ڌيءُ ڪهڙي ٻلي ماري آهي. مان پاپان تي وڏي ٿي آهي تہ تو ڏٺي بہ ڪانهي. اهي بہ سڪيلڏي ڌيءُ، رڳو هڪڙو ڀاءُ اٿس. سيرومل کي جا هيڏي ملڪيت پئي آهي. ........ بہ سيڪي......“

”مان تہ بي اي پاس ڪرڻ ڪان اڳ ۾ شادي ڪونہ ڪندس،“ چئي مان ماءُ جي ڪمري

مان تڪڙو تڪڙو نڪري آيس. ليڪن ڳالهه اتي ختم نه ڪلي. پورا اٺ ڏينهن گهر ۾ ٿورو ٿورو جهڳڙو چالو هو. بالي جي اڳيان ته اڪر ڪچڻ به محال هو, پر اَميءَ معرفت گهڻو ئي چوائي ٽڪس. امي به هڪ ڏينهن ته اچي نٽي. چي, ”هيئن چو پيو وجهلين. ڳالهه ڪر. ڪا ڪاليج ۾ته ڪانه پسند ڪري ڇڏي اٿيئي.“

مون ڪڪ ٿي چيو, ”جيڪڏهن ڪاليج ۾ ئي ڪا هجي ته به ڇا توهين منهنجو دم ڪڍڻ ڪانسواءِ رهڻ وارا آهيو؟“

ماءُ رڙهي اچي پاسي ۾ ويٺي. دل وٺندي چيائين, ”سچ سچ ٻڌاءِ, ڪنهن سان انجام ڪري وينو آهين ڇا؟“ مونکي ڏاڍي لڄ اچي ويئي. چيم, ”انجام ته ڪونه ڪيو اٿم پر...“ ماءُ سک جو ساهه ڪٽي چيو, ”ته پوءِ باقي ڇاهي. اهڙيون ساهيڙيون ته ٽڪي ٽيهه پئسي ويهه.“

امي ٺيڪ ته چئي رهي هئي. ساهيڙيون ته گهڻيئي هيون. ته به الاجي ڪهڙيءَ پيڙا ڪان اندر ئي اندر دل ڪڙهڻ لڳي. انجام نه ڪيو هوم, ان ڳالهه هڪ طرح جي چوٽڪاري جو احساس ئي ڪرايو, مگر دل تي ڪجهه بار محسوس ٿي رهيو هو. ڪاش! انوقت سمجهي ..... ها ته انجام ڇا کي چئبو آهي. ڪنهن چوڪريءَ کي ڪلاس جا ڪم ڇڏائي, شعر پڙهائڻ يا سندس نئين ۾ نئين وجهي مدهوشي پرڻ, ڇا انکان وڌ به ڪي انجام سگهن ٿا جي ٻن دلين کي هڪ ڪرڻ جو مطلب سمجهائين؟ سرلي ڪاليج ۾ هڪ ٻه پيرو گڏي, پر الاجي چو ڪيس ڪجهه چئي ڪونه سگهيس. مٿان وري وئڪيشن شروع ٿي ويئي. ڪڏهن دل جي بيچيني ايترو وڌي ويندي هئي جو سڀ ڪجهه سريءَ کي ٻڌائڻ لاءِ پريشان ٿي اٿندو هوس. وشني جو ولايت هجڻ هن وقت ڏاڍو خراب لڳو. هڪ ڏينهن ته ساهس ڪري وشني جي اميءَ وٽ ئي لنگهي ويس مگر من پاڻ وڏيڪ بي چين ڪري موٽيس. وشني جي گهر جي چتين پتين تي سرلا جي ٽهڪن جا آواز اڪريل هئا, بي غم, ابوجهه زندگيءَ جا چٽ چٽيل هئا. گهر اچڻ تي اَما جا وعظ شروع ٿي ويا. ”پٽ, رامچندر پتا جي وچن رکڻ لاءِ ڪيڏا نه ڏک ڏاڪڙا ڏٺا. تون پيءُ لاءِ ڪابه قرباني نٿو ڪري سگهين؟“

منهنجي دل به اندر ئي اندر, هڪ ٻه ويڻ وڌا, ”آخر پيار ڪهڙو جنهن ۾ قرباني نه هجي. پيءُ جي چئي مڃڻ لاءِ پنهنجي پيار جي قرباني ڏنم ته ڇا هي؟“ مگر اڄ سوچيان ٿو ته ان ڪوڙيءَ قرباني4 جي ويس ۾ ته فقط بزدلي لڪل هئي. ڇا بابي جي هڪ به رڙ جي سامهون بيهڻ جي مون ۾ همت هئي؟

شاديءَ جي تاريخ مقرر ٿي ويئي. وئڪيشن به ختم ٿي ويئي. شاديءَ ۾ اڃا به هڪ هفتي جي دير هئي. ڪاليجه کلڻ جي پهرئين ئي ڏينهن سرلا منهن ۾ گڏي ۽ وري ايڏيءَ

اُڪير سان گڏي جو سندس قرب سان ٽمٽار اکيون ڏسي من ۾ زبردست هلچل مچي ويئي. چئني ڏسائن مان هڪ آواز گونججي اُٿيو، ”سريءَ جو توسان پيار آهي موتي!“

”پوءِ ڇا، رڳو شاديءَ سان ئي پيار نباهي سگهجي ٿو؟“ هڪ ٻيو آواز هو.

”تڏهين مان سريءَ اڳيان پاڻ کي هن طرح ڏوهاري ڇو پيو سمجهان؟“

”اهو وهم آهي. ڇا توکي پڪ اهي ته سري توسان ئي شادي ڪرڻ چاهي ٿي؟ ڇا سندس سندرتا تي ٻيا ڇوڪرا مست نه هوندا؟“

مان سريءَ جي اڳيان نظر ڦيرائي هليو ويس. دل ۾ عجيب غريب سوالن جو سلسلو جاري هو. هڪ ٻه ڏينهن ته سريءَ سان خلاصو گڏجڻ جو موقعو ئي نه مليو. اندر ۾ گهٽ ٻوساٽ ٿيڻ لڳي. هڪ ڀيرو گهر سان ملندڙ پاڻ کي ڪاري زبان تان سريءَ جو خط لکي هڪ ڪتاب ۾ وجهي سريءَ کي ڏيئي ڇڏيم. هن ڪتاب کولي چٽڪي ڏني ۽ اکين ئي اکين ۾ قبوليت ڏيندي هلي ويئي.

پارڪ ۾ گڏجندي ئي منهنجي وت مان نڪري ويو، ”سري ٿورن ڏينهن ۾ منهنجي شادي آهي...“

هوءَ ڪجهه دير سناٽي ۾ ويٺي رهي. پٽ تي اُپريل گاهه تي سلن کي چني چني، ٻڪ ڀري ڀري اُڇلي ڇڏيائين ڪيڏي دير کان مونکي دم روڪي جواب جو انتظار ڪندو ڏسي، ڊگهو ساهه کڻي، بي پرواهيءَ سان چيائين، پوءِ؟“

”پوءِ تون ڇا ٿي چوين؟“

”مان ڇا چونديس!“ هوءَ وائڙي ٿي مون ڏانهن ڏسڻ لڳي.

مون کي الاجي ڇو سخت لڄ اچي ويئي. ڪنڌ هيٺ ڪري ڇڏيم.

هن ڏيمي سر ۾ چيو، ”شادي تنهنجي آهي؛ تون ئي ها، نه ڪري سگهين ٿو. مان ڇا ٿي ڪري سگهان؟مان خاموش هوس.

ٿوريءَ دير ڪانپوءِ ڦڪي مرڪ چپن تي ڦهلائي چيائين، ”تو ڇوڪري ڏٺي آهي؟ سهڻي آهي؟“

اسين مرد ٻاهرين سونهن تي مرندا آهيون. اها ڳالهه عورت بخوبي ڄاڻي ٿي. ليڪن مون لاءِ ته سونهن نه سونهن جو سوال ڇڏيو ئي نه ويو هو. مون چيو ”ڇوڪريون مڙيوئي ڇوڪريون آهن.“

سريءَ چپ کي چڪ پائي چيو، .اها ته سني سمجهه آهي. ڇوڪريون مڙيوئي ڇوڪريون

آهن.“

مون پنهنجي بيوسيءَ کي اکرن ۾ پيري چيو, ”مائٽ ته بي اي جو امتحان ڏين تائين به نٽا ترسن.“

سريءَ محڪم ۽ ڪڙڪ آواز ۾ دهرايو, چرڪريون مڙيوئي چوڪريون آهن“ ۽ ڪنڌ هيٺ ڪري ڪالرجي ڪنڊ وات ۾ وجهي چٻاڙيندي رهي. ها ڪالرجي ڪنڊ اڄ به مون کي ياد آهي. جنهن وقت هن غرور سان ڪنڌ مٿي ڪنيو ان وقت تائين ڪارجي ڪنڊ چٻاڙجي چڇڙجي پئي هئي. ڪاش انوقت استريءَ جي دل جي پرک هجيم ها!

هوءَ اُتي بيٺي. هڪ تکي نظر اچلي وڃڻ لڳي. مون سڏيو. ”سري!“ هوءَ آڱرين کي مروڙي مروڙي منجهائڻ نڪاءَ ڪيڊي. ڪن لاءِ مڙي, هلڪو ٺهڪ ڏيئي ڪلي ۽ هري هري واپس وڃڻ لڳي. پلاخوشيءَ ڪانسواءِ به ڪنهن مطلب سان ڪلبو آهي, سا ڄاڻ مون کي ڪانه هئي! مون کي ته ان مهل اها ڪل بڪل ئي بري لڳي شايد مان ائين سمجهي ويٺو هوس ته سري روئي رڙي مون کي مڃائيندي ۽ پوءِ مان ڪيس مجهائيندس ته ”سري پيار معنيٰ هروڀرو شادي ته ناهي.“ هوءَ پوءِ اکٽ آنسو ڪيرائيندي ۽ دک پريو مکڙو ڪٽي چوندي, ”موتي تون منهنجو آهين. تنهنجي شادي ڀل ڪنهن سان به ٿي وڃي, منهنجي من اندر جو تنهنجو ڏيرو آهي, اتان تون ڪڏهين نڪري ئي نه سگهندين. ساري زندگي ان پريت جي ڏيري تي آنسن جا قول چڙهائيندي رهنديس.“ مگر ٿيو چا! هوءَ منهنجي شاديءَ جو ٻڌي کلي ويئي! غرور سان ڪلاس ڏانهن هلي ويئي!

بنا هٿ جي به ڪوئي ايڏو وڏو ڏک هني سگهي ٿو؟ هڪ نامعلوم ڪروڌ ڪان منهنجو سرير ڏکي ويو.

گهر اچي شاديءَ جي ڪاردن جو ٿهو ڏٺم. ”آرنوار تي شادي آهي. فقط چار ڏينهن آهن. چار ڏينهن!“ سوچيندي منهنجي من کي ڪن گهڙين لاءِ شانتي اچي ويئي. هيءُ مهورت مون کي بلڪل ئي سٺو لڳو. ليڪن پورا به ڏينهن گذري ويا. سڄو گهر مهمانن سان ڀرجي ويو ته به سري فقط هڪ ڪن لاءِ به منهنجي اندر مان ڪين نڪتي. عجيب ماجران هئي! سنان ڪندي, ڪائيندي, ڳالهائيندي, هر وقت هن جي ياد منهنجي دل سان چهتي ئي رهي. گهڻو سوچڻ ڪان تنگ ٿي, هڪ عجيب ساهس ڪري ويٺس.

سريءَ جي گهر لنگهي ويس. پنهنجي گهر ۾ الاهي ڪم پيا هئا ته به سريءَ جي پيءُ ماءُ سان ڪيڏو وقت فضول ڳالهيون ڪندو رهيس. سري اڄ ڳالهائيندي بيهجي ٿي ويئي. سندس شڪل پروتيل ۽ من منجهيل پئي لڳو. منهنجي به ته اهائي حالت هئي, ”آرتوار تي

شادي آهي تون اچج" اهي اکر منهنجي وات مان پچاڙيءَ تائين ڪين نڪري ڪين نڪري سگهيا. هوءَ نوان نوان ڪتاب ڏيکارڻ جو بهانو ڪري مون کي پنهنجي ڪوٺيءَ ۾ وٺي هلي. "ڇو پريهڻ شاديءَ تي گهرائيندين ٻه ڪونه ڇا؟" سريءَ چيو.

مان سندس ڇهري کي ڏسڻ لڳس. سڄي ڇهري تي پکهر اچي ويو هوس. تہ بہ ڪلي رهي هئي هيم. "توکي ڪنهن ٻڌايو تہ پهرينءَ منهنجي شادي آهي؟"

هوءَ اجا بہ زور سان کلڻ لڳي. "واهہ! جي ان طرح لکي شادي ڪرڻ جو ويچار هو تہ چاچيءَ جي گهر شاديءَ جو ڪارڊ ڇو پهچائي آئين؟ ها امي اچان تي..." چوندي سرلا اوچتو ڊوڙي ٻاهر نڪري ويئي. ڪمري جي ڀتين تي امتحان جا سرٽيفڪيٽ, سرلا جا فوٽا ۽ قدرتي نظارن جون تصويرون لڏڻ لڳيون.

هوءَ موٽي آئي تہ بہ مرڪي رهي هئي.

اُف مرڪ ۾ لڙڪ لڪائڻ واري ٻهروپڻ ڇو ٿينءَ؟

"شاديءَ تي ضرور اچڻو پوندوءِ سرلا." مون چيو.

"نہ اچان تہ؟"

"تون نہ ايندينءِ تہ مان شادي ئي نہ ڪندس!" هي مستيءَ ڀري حجت الاجي ڪيئن منهنجي وات مان نڪتي؟

"شادي نہ ڪندين؟" سات ئي سات هوءَ منهنجي منهن ۾ ڪجهہ ڳولڻ لڳي ۽ ڪن ۾ ئي سندس ڇپن تي نچندڙ مرڪ قتل ڪيرجيان سرڪائي وڃائي ويني.

"اچبو.... ضرور اچبو." چوندي سندس ڇپن جون ڪنڊون ٿورو ڏڪيون. ڪاڏيءَ تي هلڪا گهنج پيا ۽ "گهر ۾ گهٽو ڪم پيو آهي" چئي, پٺي ورائي, تڪڙي تڪڙي ڪمري مان نڪري ويئي.

مان وڌيڪ ترسي نہ سگهيس. بيعزتيءَ جو احساس منهنجي دل پي رهيو هو.

گهر پهچي مهمانن جي آءُ ياءُ ۽ شورغل ۾ پاڻ کي ڪوئي ڇڏيم. لاڏين ۽ دهل جي ڌمڪ اُنجي مٿان وري اگهارن ڇرچن آ. ٻڌي دل جي پريشانيءَ کي وساري وينس.

شادي ٿي ويئي.

لڄاري جمنا شڪل جي سانوري هوندي بہ موهيندڙ لڳي. شايد هر ڪا ڇوڪري شاديءَ رات بلڪل ئي موهيندڙ لڳندي آهي.

گهر جون مهمانڻيون ونيءَ کي وٺي وچي ڏيون اڳيان وينيون. لاڏن ۽ ناچ جو ڌمچڪر

پئي پيو. ڪيڏي رات تائين من ئي من ۾ هن نئين ڪنوار جو انتظار ڪندو رهيس. انتظار جي انهن گهڙين منجهه، هڪ پيرو سرلا ڳاڙهيون سڄيل اکيون کڻي منهنجي تصور ۾ اچي ويني پر مٿس سنڌر چٽيل جمنا تصور ۾ اچي ويني پر مٿس سنڌر چٽيل جمنا جي صورت چانئجي ويئي.

ڪي ڏينهن ته هڪ عجيب نشو ساري سرير کي گهيري ويٺو هيو. پر جيئن ئي اهو نواڻ جو نشو لٿو، نئين ئي اچانڪ هڪ ڏينهن هليا. مگر نچڻي ڪلڻي سرلا ته گم ٿي ويئي هئي. اتي هڪ شانت، پاوهيڻ پٿر جي مورتي ڪڙي هئي. سندس ڳالهائڻ جون سڀ ڳالهيون ختم ٿي چڪيون هيون. سندس ماءُ پيءُ اڳي وانگر ڳالهايو پر مونکي ائين ۾ حسوس ٿيڻ لڳو، جڻ ......... گهر ۾ هڪ دروازو ڪليل هو جو هاڻي بند ٿي ويو. ”مونکي تنهنجن ڪتابن مان هڪڙو ڪتاب کپي.“ ائين چئي سرلا کي مجبورن سندس ڪمري ۾ وٺي ويس. اڪيلائيءَ ۾ چيم، ”تون ماٺ چو آهين سري؟“

هن ڦڪي ڪل ڪلي چيو، ”ڳالهائڻ لاءِ جو ڪجهه ڪينهي.“ ۽ نظر جهڪائي چڏيائين، ”توکي جيڪو ڪتاب کپي سو ڪيٽ مان کڻ.“

”مونکي ڪتاب ته ڪو ڪونه کپي.“ مون چيو.

”تڏهين اهو بهانو چا لاءِ هو؟“ هن ڪنڌ مٿي ڪري اهڙي تيز نظر مون تي وڌي جو هڪ لخطي لاءِ مان لاجواب ٿي ويس.

هيءَ ڪهڙي نظر هئي؟ چا مان هفتي اندر سريءَ لاءِ هڪ ڌاريو شخص ٿي ويو هوس! چيم، ”سري مان ساڳيو اڳيون موتي آهيان!“

هوءَ ننهن ڪان چوٽيءَ تائين مونکي جاچي ويئي. ڪيس منهنجن لفظن ۾ گويا ڪابه صداقت نظر ڪين آئي. زوري4 مرکي چيائين، ”ڪيستائين؟“.

”چو سري، اسين آڪاش جي چنڊ ستارن وانگر هميشه الڳ هوندي به، گڏ نتا رهي سگهون چا؟“

”ه ...“ هڪ ننڍڙو ننوليءَ پريو اکر غم گاڏر ڪل سان چئي، هوءَ ٻاهر هلي ويئي.

ڇ.... هڪڙي بي عزتي! مان هن گهر ۾ وري پير نه پائڻ جو قسم کڻي ٻاهر نڪري ويس.

ڪيترن ئي مهينن ڪانپوءِ خبر پيم ته سرلا جي مڱڻ جون ڪوششون هلي رهيون آهن. ليڪن منهنجي دل مان ڪجهه بار هلڪو ٿي وجڻ بدران پاڻ دل ڳري ٿي پيئي.

الاجي منهنجي اندر اها خود غرضي ڪٿي لڪي ويني هئي. اندر ئي اندر ڪا لڪل

ڀاونا چاهي رهي هئي، ڪاش! هوءَ منهنجي ياد ۾ هميشه هميشه لاءِ ڪنواري رهي.

# سرلا

اها بہ هڪ عجيب حقيقت آهي تہ پهرين دل ڪوئي جذبو پيدا ٿئي ٿو ۽ پوءِ ئي اُنجي هجڻ جي ڄاڻ پوي ٿي. اگر ائين نہ هجي تہ ڪهڙو نہ سٺو. دماغ جيڪر پهرين ئي ٺيڪ راهہ ٻڌائي ۽ دل ان طرف هلڻ شروع ڪري. پوءِ جيڪر انسان گهٽ ۾ گهٽ ئي خطرن کان بچي وڃي. مگر مصيبت تہ اها آهي جو جذبات، پاڻيءَ جي وهڪري جيان هڪ طرف هلندي هلي، جڏهين اوچتو ڪا روڪ اڳيان اچي، تڏهين وڃيو ڄاڻ پوي تہ مارا هيڏي وهڪري کي هاڻ واپس پاڻ ۾ سمائڻو اهي، نہ تہ روڪجي اردگرد جو تلاءُ ٺهڻ لڳندو، ان ۾ گهٽ ئي انسان جي خوشيءَ کي ۽ آخر ۾ پاڻ کي ٻوڙڻو پوندو.

ليڪن ايترو سڀ سوچڻ جي فرصت ڪٿي هئي. سڀ ڳالهيون بلڪل اوچتو ئي تہ ٿي گذريون. موتيءَ کي ڏڪا سڌ ئي ڪانہ ٿي پئي تہ سندس هڪ هڪ اکر منهنجي دل جي وهڪري اڳيان ڪيڏانهن پهار ڪندو پي ويو!

”تورن ڏينهن ۾ منهنجي شادي ٿيڻي آهي“ موتيءَ جا بلڪل آسانيءَ سان پارڪ ۾ چيل اکر، مون لاءِ تہ پرلئہ جو احساس ڪٺي آيا. شادي موتيءَ جي ٿي رهي هئي. گهٽ ئي ماڻهن جون شاديون پيئون ٿين، مگر هيءَ خبر ٻڌي دل جي مشڪ بلڪل زور زور سان سسڻ وڏڻ لڳي. ساهہ جي ڪجڻ ۾ عجيب مونجهہ محسوس ٿيڻ لڳي. شايد جل مئي ٿيڻ وقت بہ ماڻهن کي ايڏي مونجهہ محسوس نہ ٿيندي هوندي!

”پوءِ تون ڇا ٿي چوين؟“ موتيءَ پڇيو.

مونکي ائين لڳو ڄڻ ڪوئي ظالم ديوتا پوڄاريءَ جا شرڌا سان چڙهايل گل ڪٽي، پڇي رهيو هجي، ”هنن گلن کي ڪسيءَ ۾ لوڙهي ڇڏيان؟“ ڪاش! هن وٽ استريءَ جي دل هجي ها! شايد تڏهين هو سمجهي سگهي ها تہ سندس هنن اکرن تي هيءَ دل جي ننڍڙي مشڪ ڪيئن نہ اندر ئي اندر هاهاڪار مچائي پڇي رهي هئي، ”هيءُ تہ ڇا چيو موتي! وئڪيشن جو هڪ هڪ ڏينهن مالها جي داڻي وانگر سمجهي، تنهنجو نالو جپيندي رهيس. پوءِ اوچتو ئي منهنجي من جي ويڻا تي هلندڙ ان پيار جي آلاپ کي بند ڇو ڪري وڌءِ موتي؟“

ليڪن پاڻ کي لڪائڻ بہ انساني فطرت جو هڪ انگ آهي. اندر ۾ ٿيندڙ گهٽ ٻوساٽجي پلا موتيءَ اڳيان ڇو ظاهر ڪريان؟ چيم، ”مان ڇا چونديس موتي!“

اَلا! منهنجن اکرن مان هن طرح ٻوسي ڇو ٽپڪڻ لڳي؟ مون پاڻ کي بيحد مضبوط

ٻڌائڻ جي ڪوشش ڪئي، پر ڪوئي ڪيترو پاڻ کي مضبوط بنائي سگهي ٿو. جڏهن هن لاءِ ڇوڪريون مڙيو ئي ڇوڪريون آهن! اُف! فل لاءِ هڪ ئي دمينتي ڇو هئي؟ رام لاءِ هڪ ئي سيتا ڇو هئي؟ ميهار لاءِ هڪ ئي سهڻي ڇو هئي؟...

۽ مون لاءِ؟ ڀلا مون لاءِ هڪ ئي موتي ڇو آهي! ڇوڪرا مڙيوئي ڇوڪرا آهن!! ليڪن آنچل ۾ آنسو جو ڪري پون. ان ڪان وڌيڪ منهنجي ٻي ڪهڙي هار ٿي سگهي ٿي. مان ڪلي وينيس. وڌيڪ ڀلا ڪري ئي ڇا ٿي سگهيس. چوٽ کي سهارڻ لاءِ ڪاليج جي ڪلاس رم ۾ هلي آيس. پر پروفيسر جي ليڪچر ۾ ڌيان ئي نہ لڳم. ٻئي ڏينهن ٿي بہ ڪلاس ۾ فقط اپاسيون ئي ڏيندي رهيس. اصل ڪجهہ بہ سمجهہ ۾ نٿي آيو. فقط موتيءَ جا اکر ئي دماغ ۾ ڦرندا گهرندا ئي رهيا. سڄي ڪاليج ۾ الاهي مهاندا حاضر هئا. رڳو هڪ ئي مهاندو نظر نٿي آيو. مان پاڳلن وانگر پارڪ جا چڪر لڳائي بيٺس، ڦليليءَ جي ڪناري تي گهمندي رهيس، مگر دل کي چين ڪٿي ٿي آيو؟

صبح صبح ڪوئل وڻن تي پڪارڻ لڳي. منهنجو من پريشان ٿي ويو. آڪاش تي هلڪا بادل ڇانئجڻ لڳا. منهنجو سهڻ‍ائجي ويو. سارو ڏينهن ڪاليج جي ڪنڊ ڪنڊ ڳوليندي رهيس، پر موتي ڪٿي هو؟

ڪاليج کان موٽندي چاچيءَ جي گهر هلي ويس. جنهن هنڌ بي صبريءَ ۾ پنهنجي دل سان وڙل ڪري چڪي هئس، اتان جي زيارت لاءِ روح ويلو ڏنو. ليڪن اتي جيڪي ٻڌم، ان تہ سڀ سهارا توڙي ڇڏيا. مان هٿن ۾ منهن جهلي پينگهي ۾ ئي ويهي رهيس. اوچتو هيءُ ڇا ٿي ويو؟ اَروڪ آنسو جهر جهر ڪري آڱرين جي وئين مان نڪري، منهنجي جهول پرڻ لڳا. باقي ٻہ ڏينهن ئي تہ وڃي رهيا هئا. ٻن ڏينهن کان پوءِ منهنجو موتي پراڻو ٿي ويندو! پينگهي ۾ پيل ڪارڊ تي صاف صاف اکرن ۾ جو لکيل هو. ڀلا.... سچ پچ هن جي شادي ٿي ويندي! منهنجي موتيءَ جي شادي ٿي ويندي!!! هاءِ! ان کان اڳ مري ڇو ڪين وڃان؟ موتي، تون ٻوڙو تہ ڪونہ ٿي ويو آهين؟ منهنجي دل توکي پل پل پڪاري رهي آهي. ڇا منهنجون دانهون توتائين پهچن ئي ڪين ٿيون؟ ڌرتي ماتا، ڇا تو وٽ بہ مون لاءِ جا ڪينهي...

الاجي جا جا سوچي ڏري رهي هئس. چاچي مانيون پچائڻ اڌ ۾ ڇڏي، اچي مونکي پرچائڻ ويٺي. ليڪن جو بند ٽٽي چڪو هو، ان کي ٿاهڻ ان مهل تہ آسان ڪونہ هو. چاچي پاڻ بہ روئي ويٺي. ويچاريءَ جي ٽتل دل ڏري پيئي. ٻنهي کي ڪا سڌ تي نہ رهي ۽ ڪيترو وقت اسين انهيءَ طرح ويٺيون هيون. آخر چاچيءَ کي پيٽ جي سوُر جو بهانو ڏيئي گهر هلي آيس. ليڪن گهر جي هر ٽڪريءَ ۾ موتيءَ جا خواب سمايل هئا. منجهند جا ٿي لڳا تہ انهن خوابن جو خالق خود گهر ۾ گهڙي آيو. آنسوُ سڪي ويا، دل ۾ اميدون جاڳي اُٿيون. اندر ئي اندر ۾

ڪو چئي اُٿيو، ”پڳلي پريتم گهر پيهي آيو اٿيئي. اُٿي آجيان تہ ڪرينس.“

”وچ وچ، مان ساڻس نہ ڳالهائيندس.“

”چري، هو توکي چوندو، مان پليل هوس. سري! تون ئي تہ منهنجن خوابن جي راڻي آهين.“

مان اميد ناميديءَ جي خوابن جي لهرن تي ترندي، موتيءَ سان ٿورو گهڻو ڳالهائيندي رهيس. مگر هي ڇا ٿي رهيو هو؟ سچو ڪلاڪ هيڏانهن هوڏانهن جون ڳالهيون ڪندو رهيو. هاڻي وڃڻ لاءِ بہ اٿيو آهي! مون کيس چيو، ”وشني جا سڀ ڪتاب مان گهر کڻي آئي آهيان. تون ڏسندين؟“ ان بهاني کيس پنهنجي ڪمري ۾ وٺي آيس.

دل جي ڌڙڪڻ کي مضبوطيءَ سان روڪي پڇيم، ”موتي، شاديءَ تي گهرائيندين بہ ڪونہ ڇا؟“ ۽ دل ۾ الاجي ڇو اها آس هئم تہ هو چوندو، ”ڪنوار ڪانسواءِ رڳو گهوٽ ڪيئن شادي ڪندو؟“

ليڪن هن پڇيو، ”توکي ڪنهن ٻڌايو؟...“

پاڻ کي مضبوط رکڻ لاءِ کلي چيم، ”جي ان طرح لڪي شادي ڪرڻي هيئہ تہ پوءِ چاچيءَ جي گهر ڪارڊ ڇو پهچائي آئين؟“

هن چيو، ”تون نہ ايندينءَ تہ مان شادي ئي نہ ڪندس.“

مان اکڙين ۾ اُميد جي جوتي کڻي موتيءَ کي چتائي چتائي ڏسڻ لڳيس. ليڪن اهي اکر بہ رڃ وانگر هئا. هڪ ونيءَ لاءِ جا ورجي اکين ۾ ڪوٽ هوندي آهي، انکي اتي پائي نہ سگهيس. بس مون ”اڇبو“ چيو، تہ هو هليو ويو.

آشا جو ٽمٽائيندڙ ديپ وسامي ويو. چوطرف انڌيرو ڇانئجي ويو. مون پاتيو هو، هو اُجهامندڙ جوتيءَ کي گيهہ سان روشن ڪرڻ آيو آهي، ليڪن هينئر ڇا هو؟ فقط اکين جو ٽمندڙ نير ساگر ٻڌجي ان جوتيءَ کي ٻوڙڻ لاءِ وڌي رهيو هو. مون تہ موتيءَ کانسوا3 ڪڏهين ٻئي انسان جو فقط ويچار بہ نہ ڪيو هو. وشني سان راندي ڪندي، خبر ناهي ڪيئن هو منهنجي دل ۾ آڪيرو ناهڻ لڳو هو. منهنجي هر ادا کيس وڻڻ لڳي هئي. سندس نظرون مونکي ڇهنديون رهنديون هيون. منهنجي لوڏ، منهنجي نهار، هر چيز کيس پياري لڳندي هئي. ڇا اهو سڀ ڪجهہ مان ڏسي نٿي سگهيس ۽ ان ڪانپوءِ جي مون کيس پنهنجن سپنن جا راجا ڪري مڃيو تہ منهنجو ڪهڙو ڏوهہ؟ ... نہ، هو منهنجو آهي. ڪڏهن بہ پراڻو آهي ئي نٿو سگهي. منهنجي موتيءَ جي ٻئي ڪنهن سان شادي ئي نٿي سگهي. پلا ائين بہ ڪڏهن ٿي سگهي ٿو ها... ها... ان وقت طوفان لڳندا.... پوڄا جي سامگري اڏامي ويندي .... لٽيون

ڪري پونديون... الاجي ڇا ڇا ٿيندو.

انهن سيني ڳالهين جي انتظار ۾ شاديءَ واري ساري رات دريءَ جي شيخن تي مٿو رکي ويٺي رهيس.

ليڪن ڪجهه ڪونه ٿيو! اڙي سچ ٿي چوان ڪجهه ڪين ٿيو!! منهنجي اکين پاڻي وهائي وهائي وس ڪري وڌا. اکين جا ڇپر سڄي دبا ٿي پيا، پر گهڙيال جا ٻجا هڪ هڪ ٿي ٻڌائيندا رهيا. نه ڌرتي، آڪاش، طوفان، وڄ ڪوئي به منهنجي مدد ڪرڻ ڪين آيو. اها ڪتن رات، ورهيه ڪان به وڏي رات. ڪيئن صبح جي روشنيءَ ۾ گم ٿي ويئي، ڪيئن ٻڌايان؟

۽ ان ڪانپوءِ به مان جيئري هيس!!

مون سوچيو. مونکي جيئري رهڻ جو ڪوئي حق ناهي. پريتم جي ٺڪرايل ناري هن پرٿويءَ تي بار آهي. نه، مان هاڻي جيئري نه رهندس. گهر، ڪاليج، ڪتاب ڪپڙا، ويندي صبح جي ٿڌي هير، سيڪجهه ڦڪو ڦڪو پاسڻ لڳو. هر چيز مٽيل خواب جيان ٿي لڳي، پوءِ پلاجيئڻ جي ڪهڙي ضرورت هئي.

آرسيءَ اڳيان ويهي، وچي ٻئي هٿ گلي ۾ وجهي، زور سان دٻائڻ لڳيس. اکين ۾ رت مڙي آيو. چپ خون جي گرمائش ڪان جلڻ لڳا. مان پنهنجي ڀيانڪ شڪل ڪان ..... ويس. گلي ۾ اَسهه درد ٿيڻ سبب هٿ ڍلائي ويا.

ان ڏينهن مونکي هڪ عجيب ڄاڻ پيئي، پر ڌنڌلي روپ ۾ ته زندگي سک ڇاهي ٿي، سونهن چاهي ٿي، مڌرتا چاهي ٿي.

ان هوندي به مان پاڻ کي ڏکوئڻ جا گهڻ ڀيانڪ طريقا اختيار ڪندي رهيس. ليڪن اُس ۾ پير اگهاڙا ڪري هلان ته پيرن ي ڪنهن حد ڪان وڌيڪ جلائي ته پيئي سگهان. پر ٻرندي پاڻيءَ سان سنان ڪرڻ چاهيان ته ڪن منٽن ۾ ئي هٿ نابري واري وهن. جيئڻ مرڻ جي وچواري ڪنڌيءَ تي جا ڪشمش ٿيندي آهي، ان مونکي بي حد پريشان ڪري ڇڏيو.

بيماريءَ جو بهانو ڏيئي، بستري داخل ٿي ويس. ڳاڙهين ۽ سڄيل اکين ڪانسواءِ ته بيماريءَ جي ڪابه نشاني ظاهر ڪين هئي. جي اکين مان نيڙ وهندو هو ته لوڪن ڪان لڪائي ڇڏينديي هيس. سکيون ساهيڙيون پڇڻ ايندڀون هيون، ”ڪهڙي بيماري اٿيئي؟“ مان فقطف وڏيون وڏيون اکيون کڻي، سندن البيلائيءَ کي ڏسندي هيس. هوءَ کلي چونديون هيون، ”شايد ورهه جي ويدنا آهي، نهائين وارو نينهن آهي، پوءِ پلا ٻاهر ڀاڦ ڪيئن ڪڍندينءَ؟“

مان تڪڙ ۾ چوندي هيس، ”اهڙي ڪا ڳالهه ڪانهي.“ من چوندو هو، ”هل، ڪوڙي قصا ڪڻ!“

اهڙي ئي هڪڙي ڏينهن، موتي اتي پر گهٽ ٿيو. سندس چهرو لڳي ڪان ڪجهه ويڪرو ٿي لڳو. هيئين چپ ۾ لال خون ڦري رهيو هوس. چيائين، ”سري، مان ساڳيو اڳيون موتي آهيان.“

مرد جو اهو روپ ڪيترو نه ڏڪار لائق هو. موتي به ڏڪار لائق ٿي سگهي ٿو! دل ۾ چيم، ”توکي ته مون جيءَ جان سان پيار ڪيو هو موتي! شايد مان ئي ته ڪانه بدلجي ويئي آهيان!“هن چيو، سري! اسين ڪاش جي چنڊ ستارن وانگر هميشه الڳ هوندي به، گڏ نتا رهي سگهون ڇا؟“

منهنجي اندر ۾ ڪا پيڙا سئيءَ جيان چڀڻ لڳي. دل ۾ چيم، ”موتي تون ان ڪان وڌيڪ ڀي ڪاٻه نٿولي مون تي نٿو ڪري سگهين. تون پنهنجي ونيءَ ڪي پاسي ۾ بيهاير هزار گناهه ڪري سگهين ٿو. هوءَ تنهنجا سڀ ڏوهه پاڻ تي ڪني وٺندي. دنيا توکي هڪ اکر به نه چوندي. مگر مان تنهنجي ويجهو رهي ڪارنهن جو تڪو ٻٽجي پونديس. دنيا مونکي بيگناهه ڏسي به سخت گنگهارن جي صف ۾ بهاري ڇڏيندي. ماءُ پيءُ، جن هيڏي پيار واري دل ڏني، اهي هن گانهه جو بوجو ڪٽندي ئي جهڪي پوندا. ڪاش! ڪوئي منهنجي هٿ ۾ پريت جي سڪان ڪي ڏسي، جيون نئيا ڪي ڊڪيلڻ مهل ٻڌائي ڇڏي ها ته هن طرف نه وڃ. انهيءَ طرف ڪن اليئي. تنهنجي ٻوندي ڦري ڪنهن اوڙ وجي پوندي.“ پر اهي ڳالهيون موتيءَ ڪي ڪيئن چوان؟ مان انهن ئي خيالن ۾ سرگردان ٿيندي ٻئي ڪمري ۾ هلي ويس. موتي آيس ته ڏنم موتي هليو ويو هو. مونکي ڏک ڪونه ٿيو. شايد مونکي سندس وڌيڪ ضرورت به ڪين هئي.

مگر چوٽ اهڙي لڳي هئي جو هر وقت مرڻ ئي پيو سمجهندو هو. بابا اميءَ ڪي به چئي ڇڏيم ته مان ٿورن ئي ڏينهن جي مهمان آهيان. امي ته رئي ڪي ڳنڍ ٻڌي، دعائون پنڻ لڳي، چي، ”گرو منهنجي هاتي ڏائي ٻچڙيءَ جو وار به ونگونه ڪجانءِ...“ بابو ته ٿٻيءَ ۾ پئجي ويو. هو شام جو هڪ ڊاڪٽر ڪي وٺي آيو. مان هڪ ٻِڪي تي ويس. جنهن مردهد ل ۽ نستي بدن ڪي ڪٽي مان ڪت تي ليٽي پئي هئس، ان جي اُبتڙ هن داڪٽر جي هلڻ چلڻ، ڳالهائڻ بولائڻ، سڀ منجهان زندهه دلي ٽپڪي رهي هئي. هو نبض جاچي، ققتڙ تپاسڻ لڳو. جو مون چيو، ”ڊاڪٽر، مهرباني ڪري مون ڪي پنهنجي حال تي ڇڏي ڏيو. مان خود جيئڻ نٿي چاهيان ۽ مري ئي ويندس..“

ڊاڪٽر منهنجن اکرن تي ڌيان ئي نه ڏنو. هڪ عجيب خوشنما مرڪ ڪٽي منجهين

اکڙين ۾ ڏنائين، پر مان تہ سيکجھ وڃائي چڪي هئس، سو مرڪ ڪيئن ورايان؟"

ڊاڪٽر اميءَ کي چيو، "خاص ڪجھ ڪونہ اٿس." هو ڪيترو وقت ساڻس هيڏانهن هوڏانهن سبتيون ڳالهيون ڪندو رهيو. هڪ ڳالھ ٻڌايائينس، "دادي، اڄ هڪ ڇوڪريءَ کي اسپتال ۾ ڪٺائي آيا. هوءَ ڪنهن ڇوڪري جي جار ۾ ڦاسي ويئي هئي. ڇوڪرو ڪيس دغا ڏيئي ويو هو. بيوقوف ڇوڪريءَ زهر کائي ڇڏيو. پاڳل ڇوڪري، حياتي، جهڙي املھ چيز کي هڪ دغاباز تي ٻليدان چاڙهڻ هلي هئي. وري جڏهن زهر ڇوڪريءَ جي نسن کي ڦاري باهر نڪري رهيو هو ۽ ڇوڪري چڙهيون بہ نہ پئي هئي سگهي، تڏهن ڪيڪرائيندي چوي پئي، "حياتي وڃي رهي آهي، مگر هن گهڙيءَ الاجي ڇو زندھ رهڻ جو موھ اچي جاڳيو آهي. ڊاڪٽر بچاءِ نہ مونکي."

اَميءَ چيم، "ٻچا، پوءِ هوءَ ٻچي؟"

ڊاڪٽر اُداسيءَ ڀري ڪل ڪلي چيو، "دادي، حالت ئي اهڙي ۾ ڪجي آئي، جو ڪيس هٿن مان نڪري چڪو هو. ڏس، دادي هڪ منٽ ئي نڪ بند ڪري ڏس. انهيءَ گهٽ ڪانپوءِ جا آزادي ساھ کڻڻ ۾ آهي، انهيءَ ۾ ڪيترو نہ لطف آهي. چڱو مان دوا موڪليان ٿو."

ڊاڪٽر هليو ويو. مون سچ پچ ئي نڪ بند ڪري ڏٺو. جڏهين بلڪل ششدر اچي ٿيس، تڏهين نڪ کولي ڇڏيم. مارا! ساھ کڻڻ ۾ ڪيڏو نہ آنند آهي.

ٻئي ڏينهن تي بہ ڊاڪٽر آيو. اهائي زندھ دل صورت! خوش خلق چال. سندس عمر 45 يا 50 ورهيہ بيشڪ هوندي. مهمان هيتري ننديءَ عمر ۾، جا چنچل چال وڃائي ويٺي هئس، سا هن انسان وڏيءَ عمر ۾ بہ قائم رکي هئي. هو مون سان ڳالهيون ڪرڻ لاءِ ويهي رهيو. مون پڇيو، اڄ بہ ڪوئي موت جو ڪيس آيو ڊاڪٽر؟"

"ڪڪي توکي موت سان لگن ٿي ڏسجي. پر اڄ تہ جيئڻ جي اڇا رکندڙ هڪ 22 ورهين جي ٻڏل جوان کي کٽي آيا. اَحمق کي جڏهين پاڻي ٻاڻي ڪڍي ٺيڪ ڪيم، تڏهين ٿو چوي، "بي روزگار کي جيئاري، توهان چڱو ڪو نہ ڪيو ڊاڪٽر!" چيومانس "مرڻو اٿيئي تہ ڪنهن سني ڪار بہ لاءِ مر، گيدي ٿي ڪنهن ڪنڊ ۾ کٽي جو موت مرڻ مان ڪهڙو فائدو؟ تڏهن ذرا دماغ ٺڪاڻي آيس." چيائين، "مرڻ جو آزمودو ڏاڍو ڪرو آهي. اڳ ۾ سکيو جيئڻ لاءِ واجھ تي وڏم، هاڻي فقط جيئڻ جي ئي ڪوشش ڪندس. سچ تہ جيئڻ لاءِ هر هردي اندر ڏاڍي تڙڦ اٿم. حياتيءَ جو پورو پورو مزو ماڻڻ جو شوق هوم پر سڀ وسيلا ٽٽي پيا" تڏهين ئي وڃي ساگرجي گود ۾ ڪريس!"

مان ڊاڪٽر جون ڳالهيون ڏاڍي ڌيان سان ٻڌندي هيس. جيترو ئي زور سان مون ۾ مرڻ

جي چاهنا جاڳي هئي، ايتروئي زور سان شايد جيئڻ جي اڇا به جاڳڻ لڳي هئي. ڊاڪٽر چار پنج ڏينهن روز ايندو رهيو. ليڪن مان اڃا به کٽ تان اٿڻ ڪين چاهيندي هيس. هڪ ڏينهن بابي ڊاڪٽر کان اچي پڇيو، "ڊاڪٽر اهڙي ڪهڙي بيماري آهي، جا دوا سان به نٿي لهي." منهنجا روم روم ڪَنَا ٿي ويا. بابي مون کان پڇيو، "پٽ، دوا ته روز پيئندي آهين نه؟"

بابي جي پٺيان ڊاڪٽر هٿ جي اشاري سان "ها" چوڻ لاءِ مجبور ڪري رهيو هو. مگر دوا ته مون هڪ ٻه ڀيرو مس پيتي هئي. هٻڪي هٻڪي، "ها" ڪيم. بابي انجو مطلب ٺي ٻيو ڪڍيو. چيائين، "شايد هيءَ دوا هاري ڇڏيندي آهي. هاڻي روز منهنجي سامهون دوا پيئندي ڪج."

پر ڊاڪٽر به حاضر جوابي هو. سو چيائين "دراصل هينئر دوا هنڪي ڪافي فائدو ڪري چڪي آهي. ڪوشش ڪندي ته ڪاليج به وڃي سگهندي."

مان سمجهي نه سگهيس ته ڊاڪٽر جي انهن ڳالهين ۾ ڪهڙو اثر هو جو ٻئي ڏينهن سچ پچ مان پاڻ کي ڪيترو نيڪ سمجهڻ لڳيس ۽ ڪاليج مان به ٿي آيس. موٽيس ته ڏسان، ڊاڪٽر اڳ ۾ ئي مون لاءِ سيڙيو ويٺو آهي. چيائين، "هڪڙي جلسي جون ٽڪيٽون، ڪوئي مڙهي ويو آهي، مان ته وڃي ڪونه سگهندس. تون وڃي پيءُ سان گڏ ڏسي اچ."

مان منجهي پيس. آخر ڪوئي ڊاڪٽر پنهنجي مريض ۾ هيڏو چاهه وٺي ۽ مريض کٽ تي پيو پيو، فقط دک کي ڏيايندو رهي، اها به ڪيتري نه بي شڪري آهي. دوا سان گڏ ڪيترين نه من بهلائيندڙ ڳالهيون تي ڪيائين ۽ سچ پچ ته مونکي سندس ڳالهيون وڻيون پئي. تنهن هوندي به چيم، "جلسا ڏسي ڇا ڪبا؟ مونکي ته جيئڻ جي به اِڇا ناهي."

"اهو ته بلڪل سنو خيال آهي. جنهن کي جيئڻ لاءِ موهه نه هوندو آهي، اهوئي انسان وڏا ڪم ڪري سگهندو آهي. چوندا آهن ته ڪلاڪار کي ڪا چوٽ لڳڻ ضروري آهي، خبر اٿيئي چو؟"

"ان لاءِ ته هو پنهنجي رچنا ۾ درد پيدا ڪري سگهي."

"ٿي سگهي ٿو، مگر منهنجو خيال آهي ته چوٽ لڳڻ ڪانپوءِ پنهنجي جيوت مان ڪجهه موهه گهٽجي وڃي ٿو ۽ ڪلام ۾ پريپورڻ ٿيڻ لاءِ، هو جيءَ جان سان مست ٿي، پنهنجي ڪم کي ڇهتي پوندو آهي."

مونکي ڊاڪٽر جو دليل وڻيو سهين، پر ٻاهران ڪلي ڪنڌ سان ناڪار ڪري چيم، "اون هون."

"چوڪريون به ڪڏهين پنهنجي هار مڃنديون آهن! چڱو نيستي. جلسي تي ضرور

وجهه" چوندو ڊاڪٽر وڃڻ لڳو. مگر جنهن خوشيءَ جي لهجي ۾ هن "چڱو نمستي" چئي ان تي مونکي وائڙو ڪري ڇڏيو. پيٽ تي ڦري، بوٽ جو چيچاٽ ڪري، هو بابي جي اوطاق ۾ انطرح هليو ويو، ڄڻ ڪا فتح حاصل ڪئي هئائين. ٿورن ئي منٽن ۾ بابا مونکي سڏ ڪري پڇيو، "سري، هاڻي ته ٺيڪ آهين نه؟"

مون ڪلي چيو، "ٺيڪ نه آهيان...." ۽ پنهنجي ڪمري ۾ موٽي آيس. اڄ خبر ناهي، ڪيترن ڏينهن کانپوءِ مون ڪليو هو ۽ انجو خيال ڪندي وري به ڪل اچي ويئي. ائين پئي لڳم، گويا ڪيترن ڏينهن کان مان سمجهي پئي هيس. بڪل گهري ۽ ڊگهه پريل خوابن واري ننڊ هئي ۽ هاڻ جاڳ ٿيڻ تي، انهن ڊگهائي خوابن کي ختم ٿيل ڏسي، دل کي ڪجهه فرحت اچي ويئي هئي.

رات جو جلسي جا راڳ ناچ ڏسي موٽڻ کانپوءِ دل اڃا به ٻوڏ ۾ پرچي ويئي. وسريل گانن جون نڪون ڳائيندي، ائين پيئي سمجهان ته زندگي خود ئي هڪ ساز آهي، جنهن تي ڪوئي وسريل راڳ موٽي آيو آهي. ليڪن هاءِ! پنهنجي دل جهڙو به ڪوئي حاسد، دل چوي، "توکي خوش ٿيڻ جو ڪهڙو حق آهي؟ تنهنجي زندگيءَ جي خوشي به ختم ٿي چڪي آهي. ڇا تون وري به کلي خوش ٿي، عورت جي وفا تي داغ لڳائڻ ٿي چاهين؟ جي هو وساري ۽ تون به وساري ويهين ته تنهنجي پيار ۾ سچائي ڪهڙي چئبي؟ سچو پيار ته پٿرن کي به پاڻي ڪري ڇڏيندو آهي. دنيا جي ڪا به اسٿوُل وستو ان ۾ رڪاوٽ نٿي وجهي سگهي. "سهڻي" جي محنت ڪين ڪچي گهڙي تي به ڪيس تاري ويئي. ڇا تنهنجي محبت جو ڪوئي اثر نه ٿيندو؟"

پر وري دل ۾ هڪرو ٻيو آزار، شيطان جي ٻچي وانگر شور مچائي اُٿيو. چي، "محبت جو اثر اگر ٿيڻو هو ته ان ڏينهن ٿئي ها، جنهن ڏينهن تو ساري سنسار جي برسات کان وڌيڪ رنو هو. ڪير ٿو چوي "سهڻي" تري پار پيئي هئي؟ هوءَ ته سسي ڏاڍئون ڏار، ڄنگهه ڄرڪي وات، ۾، پاڳو پاڳو ٿي، ختم ٿي ويئي."

"مگر ختم ٿي وڃڻ ئي ته محبت جو سچ آهي." مان اڪيون پوري چوندي هيس.

ليڪن ڊاڪٽر ته اهڙي سچ کي ڪوڙ ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ ڪامياب به ويو. اڄ مان وري سازن جي آلاپ تي جهومي اٿي آهيان. منهنجي اندر اها هستي، جا کلي، روئي، ڳائي، نچي جاڳي، سا اڃا مري ڪتي ويئي آ ح:؟ ڇا مان پاڻ کي ٺڳڻ کي ئي سچ سمجهان؟

اهڙيون عجيب غريب ڳالهيون ڳڻيندي، ڪيترا ڏينهن گذري ويا. مان باقاعدي ڪاليج ۾ ويندي هيس. ڪتاب پڙهندي هيس. جيوت جي روزاني ڪريا ڪندي هيس. سڀ ڪجهه

اڳي جيئن تي رهيو هو. ڪوئي ڦيرو ڪونہ آيو هو. ها ڪڏهين ڪڏهين سو دل ۾ هڪ اهڙو خال محسوس ڪندي هيس، جو پاڻ سنڀالي نہ سگهندي هئس. ڪنهن ايڪانت واري جڳهہ تي وڃي ليٽي رهندي هئس، جتي گذريل حياتيءَ جون يادگيريون اينديون هيون. موتي4 جي هر دفعي چيل ڪا دل نيائيندڙ ڳالهہ. سندس شاندار روش ۽ دلڪش مهانڊو ۽ ان ڪانپوءِ هميشہ لاءِ جدائي، سڪ ۽ دڪ جا بہ عجيب چتر پيش ڪندا هئا. ڪڏهين ڪڏهين ڊاڪٽر جو چهرو بہ ياد ايندو هو. مگر ان رمليس عينڪ پاتل صاف ستري، ٻهڪندڙ نراڙ واري چهري سان گڏ، ڪوئي بہ سڪ يا دڪ جو احساس گڏجي ڪين ايندو هو. اتي تہ قط هڪ اَچل ديوتاپڻو راج ڪري رهيو هو. ڪيترن ٿورن ڏينهن لاءِ هو آيو هو ۽ هليو ويو.

اج بہ ڪڏهين ڪڏهين سوچيندي آهيان، ”هيءُ ديوتا منهنجي حياتيءَ ۾ ڇو آيو؟ شايد...... شايد مان جنهن نراشا جي سمنڊ ۾ ٻڏي رهي هيس، ان مان ڪڍي پاڻي جي سطح تي چڙهڻ لاءِ!....“

ليڪن ڊاڪٽر جي وڃڻ ڪانپوءِ مان سچ پچ تي پاڻي جي سطح تي وڃي رهيس. مگر هيءَ حالت اهڙي هئي، جنهن ۾ نہ تري ٿي سگهيس ۽ نہ وري ٻڏي ٿي سگهيس. ٻ ـڻ جو تہ تازو ئي آزمودو مليو هوم، جو بلڪل ئي پيانڪ لڳي رهيو هو ۽ ترڻ لاءِ وري ڪا ٻيڙي ئي ڪين هئي.

اوچتو سخت طوفان اچي ويو. ملڪ جي ورهاڱي ڪري اهڙيون حالتون پيدا ٿي ويون، جو اسين سنڌ ڇڏي بمبئي ۾ لڏي آياسين. هيتري هڻ پڇاڙ تي، زندگي جي روزاني ڪرت ڪار ۾ هيترو ڦيرو اچي ويو، تہ بہ منهنجي دل جي حالت ساڳي ئي رهي. ڪڏهين ڪڏيهن پاڻ تان ڪلي بہ وهندي هئس. هاءِ هيڏي هلچل متي، مگر دل اٿين شانت ويني رهي، گويا ڪجهہ ٿيو ئي ڪونہ هو. ڪڏهين ڪڏهين ڪي نوجوان ان زندگي4 جي لهر تي سسس ڪيندا هئا، منهنجي دل جو در کڙڪائي چوندا هئا، ”سندر مورتي، هل اسين توکي ترڻ سيکاريون. تون بہ تنگون ٻانهون هڻي، ڪن گهڙين لاءِ تري زندگيءَ جو مزو ماڻ.“ مگر سندر مورتي فقط مورتي ئي تہ هئي! ڪڏهين بہ در ڪونہ کلندو هو. سندن سڏن جو ڪوبہ اثر ڪونہ ٿيو! ها، هڪڙو سڏ جنهن جو اثر ٿيو، سو هو بابي جو سڏ — ”سري، ڪاڏو خلاص ٿي ويو آهي. اگر تنهنجو بوجو سر تي نہ هجي ها، تہ رکو سکو ڪائي، ڪجهہ ڏينهن وڌيڪ هلي سگهون ها.“

مورتيءَ جي اکين ۾ چرپر ٿي، جڻ ڇئي رهي هئي، ”اها حالت مان سمجهان ٿي. پلي توهين پنهنجو بوجو لاهي ڪنهن اناج جي ڍير تي ڦٽو ڪري ڇڏيو.“

ڪاش! ان وقت بابو چوي ها، ”ڪاليج جا بہ سال پورا ڪيا اٿيئي. پاڻ ڇو ڪين ٿي

اناج اُپائين، جنهن جي لپ ڪاڻ لا3، اسين بہ حقدار تي سگهون!“

ليڪن هن ريت رسم جي پابند پتا، سچ پچ ئي مون کي اناج جي ڍير تي اُچلي ڇڏڻ چاهيو. سندس ڏوهہ بہ تہ ڪونہ هو. جيڪي نوجوان مون سان گهمڻ ڦرڻ لاءِ تيار هئا، تن مان وبہ ان شرط تي شادي ڪري سگهيو ٿي، تہ بابو ڪيس منهنجي سڄي عمر جي گذران جيترو اناج ڪنهن نہ ڪنهن روپ ۾ ڏيئي ڇڏي. هڪڙو شيام سندر ئي هو، جنهن ڪنهن بہ چيز جي تقاضا نٿي ڪئي. دراصل هنجون تقاضائون تہ وڏيون هيون! ان مون منجهان هڪ مانا جي تقاضا ٿي ڪئي، جا سندس ڇئن بارن کي آسرو ڏئي. هن گهر ٿي ڪئي تہ سندس لِقندڙن وٽ، جي اَڃا وار وڏيءَ عمر جي چاپ هني بينا هئا، تن کي ڏسندي بہ نہ ڏسان! هن اُميد ئي رکي تہ سندس ڦهليل سرير ۾ شانت مکري سان ڪلول ڪريان..... مگر..... مگر مان تہ اجا پريتما ئي ڪين ٿي هيس، سو ماتا جو پد ڪيئن ٿي پائي سگهيس! بابي اَميءَ کي ڇا چوان؟ هڪوار اڪيون ڇلڪي پيئون. ماتا جو هردم موم ٿي ويو.

مون چيو، ”افمي مان ڪنهن آفيس ۾ نوڪري ڪري وٺنديس.“ هوءَ وڏن جي نيتي مرجانا کي تلانجلي ڏيئي، مون کي موڪل ڏيئي ويٺي.

لهرن کي چيري اڳتي وڌڻ ۾ جو لطف ايندو آهي، ساڳيو لطف نوڪري ڪرڻ سان منهنجي حياتيءَ ۾ اچڻ لڳو. بابي جي ٿوري پينشن سان گڏ منهنجو ننڍڙو پگهار ملائي گهر جو خرچ هلائڻ، ڪا ڏکي ڳالهہ ڪين هئي.

ٿورن ڏينهن لاءِ ڪم سکندي، آفيس جي نون نون مهاندن سان سجاٽپ ڪندي جيوت ۾ ڪجهہ نواڻ معلوم ٿي. ليڪن ڏيري ڏيري وري بہ من ۾ اداسي گهرڻ لڳي. بابو امي اڪثر ائٽندا رهندا هئا ۽ امي چوندي هئس، ”نيانيءَ جي ڪمائي ٿا کائو، ڪوئي شرم اٿو؟“

بابو وراٽيندو هو، ”نياڻيءَ جي ڪمائي تہ پاڻ، تون ويٺي کائين. مان تہ پنهنجي پينشن وينو کان.“

هوءَ مٿو پٽي چوندي هئي، ”منهنجو پار تڏهين هي نياڻيءَ جي ڪلهن تي وجهڻ لاءِ مون سان لاڻون لڏيون هيئہ.......“

هاءِ! مون کي تہ هن فضول واد وواد تي شرم ايندو هو. اهڙين خسيس ڳالهين تي چوپچو هلندي هئي، جو مان بلڪل ئي بيزار ٿي پوندي هئس. اَمي تہ اڻ پاتل سکن جا خيال ڪري ڪري بيمار ٿي پوندي هئي. مان گهر جو پوڙهيو ڪندي، آفيس جو ڪم سنياليندي، اڪثر ٿڪي پوندي هئس. آفيس جو ڪم سنياليندي، اڪثر ٿڪي پوندي هئس. آفيس ۾

گڏجندڙ مسجندڙ چوڪرين چوڪرن سان تہ بلڪل ئي رواجي ڏيٺ ويٺ رکي هيم. مون پنهنجي دل جا در خود ئي بند ڪري ڇڏيا هئا. من کي سخت پٿر ڪري ڇڏيو هوم. ليڪن هاڻي اهو سڀ ڪجهہ سهارڻ نٿي ٿيو. ائين پئي سمجهيم تہ پنهنجي ٺاهيل قيد ۾ رهي رهي، منهنجو من گهبرائجي اٿيو هو. گهبرائجڻ کان وڌيڪ غصي ۾ هو. جڻ هن قيد مان آزاد ٿيڻ جو مون کي هر ڪو حق هو ۽ ڪوئي اهو حق مون کان زوريءَ ڇني ويٺو هو. اهو ڪير هو. ڪيئن سمجهان! مان بلڪل ئي چڙني تي پيس. مان پانيان تي اهڙي وقت هر ڪا استري چڙٽي تي پوندي اهي ۽ ان چڙ کي ختم ڪرن لاءِ، ڪنهن جي اُتاهہ پيار جي ضرورت ٿيندي آهي. هتي تہ ان چر کي اندر ئي اندر سانديي پي وڄٹو هو ۽ چڙ کي پيئندي رڳون سڙڻ لڳيون هيون، سرير چٽپٽائي اٿيو هو... اهڙي وقت آفيس ۾ نئين ڪلارڪ، جڏهين فائيلن جو ٿهو آڻي، منهنجي ميز تي رکيو، تڏهين فائيل زمين تي اڇلي چيم، ”لنچ ٽائيم ۾ بہ ڪوئي ڊيري جو واهي آهي؟“

ناراڻ مون ڏانهن ڏسڻ لڳو. مان غصي کان ڏڪي رهي هئس. دل چاهي رهي هئي تہ ڪوئي مون سان خوب وڙهي ۽ مان شينهڻ جيان ڪيس ڳرڪائي وڃان. مگر ناراڻ مشڪي رهيو هو. نئڙي فائيلن جو بنڊل ڪنيائين ۽ وري مون ڏانهن ڏڻ لڳو. سندس چهري تي ڪاوڙ جو نشان بہ ڪونہ هو. فائيلن جي بنڊل کي ڇنڊي ڇيائين، ”ڪوئي پولو ناهي، توهين اڄ ٺيڪ نٿا نظر اچو.“ ۽ هو هليو ويو.

مان لنچ روم ۾ وڃي ڳلي تي هٿ ڏيئي ويهي رهيس، سوچڻ لڳس، ”مونکي هيءُ ڇا ٿي رهيو آهي. سيني سان خفي پئي ٿيان. گهر ۾ بابو امي پاڻ ۾ لڙيا ٿي تہ بہ ان جو ٿي ڪڪ ٿيس. مون سان ڪنهنجو جهڳڙو ڪين هو. بابو امي منهنجي عمر جا بہ تہ ڪين هئا. پنهنجي عمر جي ماڻهن جو گهر ۾ هجڻ بہ تہ هروپرو ضروري ڪونهي..... ليڪن منهنجي دل هن طرح اڏيرچو ٿي آهي؟.....“

مگر مون وٽ ڪنهن بہ ڳالهہ لاءِ جواب ڪين هو. فقط سوال ئي سوال هئا.

پنهنجي دابلي مان روٽي ڪڍي ڏيري ڏيري ڪائڻ لڳيس. اڌ گيدو ڪائي باقي بچيل روٽي ڪٽي دابلي ۾ وڌيم. چانهہ واري چوڪري کي سڏيم تہ منهنجي سڏ سان گڏ ٻيو بہ هڪ سڏ ٿيو ۽ جان ڪٽي ڏسان تہ منهنجي پر ۾ ناراڻ پنهنجو ڪاڏو خلاص ڪري چڪو آهي ۽ چانهہ آڻڻ لاءِ چوڪري کي سڏي رهيو آهي. چوڪرو ويجهو آيو تہ ناراڻ ڪيس ٻن ڪوپن جو آرڊر ڏيئي، مون ڏانهن ڏسڻ لڳو. دل ۾ چيم، ”نئون ڪلارڪ هيڏي حماقت!“ مگر هاڻ وري سندس بيعزتي ڪرڻ تي دل نہ هئي. هونئن تہ مان ڪنهن کان چانهہ ڪين وٺندي هئس، پر ناراڻ کي ناڪار نہ ڪيم. ٻئي چانهہ پيئڻ لڳاسين.

نارائڻ سهج ڀاوَ سان چيو، ”آفيس ۾ ڪنهن وٽ به توهان جيتري پنهنجائي ڪانهي.“

مون تي ڪائي پنهنجائي ڪين ڏيکاري هئي، ڪڙو منهن ڪري چيم، ”مطلب؟“

”توهين جيڪڏهين مونکي گهرجي ياتيءَ جيان نه سمجهو ها ته ايترو غصو نه ڪري سگهو ها. آفيس ۾ هڪ ٻئي سان عجيب برادري ڀڄهيو وڃي....“

مان ماٺ هئس. ڪن رکي چيائين، ”ڪي اهڙيون ڳالهيون اکين اڳيان ٿيو گذرن، جن تي انسان جو ڪوئي وس نٿو هلي. انهيءَ لاءِ جوابدار اڪثر ڪري جهونا خيال ۽ پراڻيون رسمون آهن. انهن تي گهڻو سوچڻ سان اجايو من کي دکي ٿو ڪجي. ڇو ڪين هڪٻئي سان دک سور ونڊي من هلڪو ڪري وٺجي.

منهنجو ڪروڌ ته پاڻي ٿي ويو، اٿلو دل پرچي آئي. ذري گهٽ روئي وجهان ها، جوشيلا اچي پڇيو، ”سري، تون ڪيئن نارائڻ کي سڃاڻين؟“ مون جواب ڏيڻ لاءِ وات ئي ڪين کوليو هو، جو نارائڻ چيس، ”اڄ ئي نه پيو متي ته ويچاريءَ منهنجو پاڙو پري ڏنس. ڪيس چانهه پياري قرض چڪائي رهيو آهيان.“

نارائڻ، شيلا جو ماسات هو، اها ته موني به خبر هئي. نچڻي منت به وڏيڪ ڪانه ٻيئي. ٻين سرتين سان ڳالهيون ڪرڻ هلي ويئي. مونکي نارائڻ واري ڳالهه تي ڪلي پئي آئي. آهستي چيم، ”ڏاڍو تپتائي آهين. ڪهڙيءَ بس تي پئسا ورتا هيئه.....؟“

لنچ ٽائيم ڪانپوءِ جيئن پنهنجن فائيلن اڳيان وڃي ويٺيس تيئن محسوس ڪيم، مان چوڪري ئي ڪا ٻي آهيان. اَلاجي ڪيئن دل بلڪل هلڪي ٿي ويئي هئي. ليڪن رات جو اچانڪ ننڊ اکين مان غائب ٿي ويئي. ڪمري جي دريءَ ڪان ٻاهر جيستائين نظر پهچي سگهي ٿي، اوستائين ته فقط ڪاري ٻات لڳي پئي هئي. دل خود بخود سوچڻ لڳي، ”هن طرح زوريءَ پنهنجائي جتائڻ جو ڀلا ڇا مطلب....؟“

مون به ته گهٽ چريائي ڪين ڪئي، جو ڏيمي سر ۾ چيم، ”تپتائي آهين. ڪهڙيءَ بس ئي پئسا ورتا هيئه؟“ هن کي اٿلو شرم اچي ويو هو. ڇپن ۾ مرڪ دٻائي چيائين ”توکي نه وڻيو؟“ ۽ ان ڪانپوءِ ڪتابن، سئنيمائن وغيره ڪيترين ڳالهين لاءِ پڇڻ لڳو هو. جيڪي ڪتاب سندس خيال موجب پڙهڻ ضروري هئا، اهي مون کي ڏيڻ لاءِ هو پاڻ ڪان پاڻيهي منتظر پئي ڏٺو.

”... خبر آهي، خبر اهي هيءُ سندس رستي وڏائڻ جو نمونو آهي. اَلڙ کي اها به خبر ناهي ته استري فقط هڪ پيرو پيار ڪندي آهي. هو جو اڳتي وڌندو ته پاڻ ئي نوڪر ڪائيندو....“ مان پنهنجي دل کي ڪتر ٻڌائڻ جا سپ پر ٻوڙ کي ڏيئي سمهي رهيس. پر ٺيڪ

طرح ننڊ ڪين آئي. ان هوندي به صبح جو ڪابه ٿڪاوٽ نٿي محسوس ٿي. جان تان پاڻ کي تازو توانو پئي سمجهيم.

ان ڏينهن آفيس ۾ به هونءَ ڪان ڪجهه سويل وڃي پهتيس. اسان جي برئنچ ۾ اجا ڪير به ڪونه ايو هو. پر واريءَ برئنچ ۾ به فقط شيلا ۽ نارائڻ چانهه پي رهيا هئا. ٻين برئنچن ۾ ته ڪو ايڪڙ ٻيڪڙ آيو هو. تازو صفائي ٿي چڪي هئي. وايو منڊل ۾ اڏاميل دز اجا پنهنجي ٺڪاڻي ڪين لڳي هئي. فائيل، رجسٽر ڪرسيون، ميزون، هرچيز پنهنجي جڳهه تي ڄڻ ستي پئي هئي. شيلا سڏيو، ”سري، تون به اڄي اسان سان چانهه پيءُ.“ مان سنديس ميز وٽ وڃي ويٺيس. چيم، ”شيلا، اڄ آفيس هڪ ستل ديوتا جيان پيئي لڳي. هتي ويٺل ٿورا ماڻهو ڄڻ ان ديوتا جي ننڊ جا خوابي انسان آهيون.“

شيلا هڪڙو مٺڙ ٽهڪ وايو منڊل ۾ ڦهلائي ڇڏيو. نارائڻ فقط ٿورو مرڪيو. پر ڪنهن ڪنهن ماڻهوءَ جي مرڪ ايترو دل لڀائيندڙ ڇو لڳندي آهي، اها ڳالهه مان اڄ به سمجهي نه سگهي آهيان. نارائڻ جي مرڪ مان ائين لڳو ڄڻ نه سگهي آهيان. نارِائڻ جي مرڪ مان ائين لڳو ڄڻ سندس مرڪ آفيس جي ننڊ اکڙي ملولائيءَ کي صبح جو اجالي ۾ بدلي ڇڏيو. نارائڻ ۽ شيلا پنهنجي ڳالهه جاري ڪري ڇڏي. نارائڻ چيو، ”مڃان ٿو، ماڻهو پنهنجي آزمودي مان به گهڻو ڪجهه سکي ٿو. ليڪن ڪري ڪوٺي جي ڪسوٽي هر ڪنهن وٽ ته نٿي ٿئي ۽ جيڪي ڪجهه پاڻ کي چڱو لڳي ٿو، اهو ٻئي کي سيکارڻ سان پاڻ کي به سک ملي ٿو ۽ ٻيا به اڳتي وڌن ٿا. “

”پر پائي، ٻين ۾ اڳتي لاءِ ڪو چاهه به ته ڏسجي. هن سرلا جو ئي مثال وٺ، سدائين غمگين گذاريندي. پنهنجو پاڻ ۾ ئي محو رهندي پر ڪنهن سان خيالن جي ڏي وٺ ڪانه ڪندي،“ شيلا چيو.

مان هن طرح پاڻ کي ڳالهين ۾ گهليل ڏسي منهنجي پيس. نارائڻ هڪ گنڀير نگاهه سان مون ڏانهن ڏسي چيو، ”هرڪو انسان سجيو جيوت گهارڻ جو ڪانکي آهي. ٻيٺل پاڻيءَ جهڙي موڳي حياتي پلا ڪير چاهيندو؟ جيتوڻيڪ مون کي سرلا جي حالتن جي پوري سڌ ناهي ته به مان دعويٰ سان چئي سگهان ٿو ته هن کي جيڪڏهن سجيو جيوت گهارڻ جو رستو ڏسي وڃي ته هوءَ ڪڏهين به چپ ڪري ڪانه وهندي.“

مان هيڏي وشواس جي لائق هئس يا نه، اهو سوچي شرمائجي ويس، پر ساڳئي وقت ٿوري خوشي به ٿيم.

آفيس ۾ گهٽيئي ملازم اچي ويا هئا ۽ اسين چانهه پوري ڪري ڪم کي لڳي وياسين.

جيتوڻيڪ شيلا ۽ نارائڻ کي ٻاهروني طرح تہ جواب ڪين ڏنو تہ بہ اندر ۾ الاجي ڇو ڪيترين ڳالهيون ڇئي ويس.

منجهند جو شيلا، مون ۽ نارائڻ لنچ روم ۾ ماني پئي کاڌي سين تہ ڏٺم، تہ جيڪو ئي لنچ روم ۾ آيو تنهن ئي نارائڻ کي ڪيڪاريو. دل ۾ ڏاڍو پيئي عجب کان تہ نئين ڪلارڪ کي ٿورا ڏينهن تہ پچندا بہ ڪونہ آهيون مگر نارائڻ سان ٿوروئي ڏينهن ۾ ڪيترن ماڻهن جاڻ سڃاڻ ڪري ورتي هئي، وري ڪيڏي نہ قرب سان هو سڀني سان پيش ٿي آيو. مون پڇيو، ”ڇا اڳ ۾ ئي سڄي آفيس کي سڃاڻندا هئا؟“

”ملازم سڀ هڪ ئي برادريءَ جا تہ ٿيا آهيون. پوءِ هڪٻئي کي ڪيئن نہ سڃاڻبو؟“ نارائڻ وراڻيو.

مون من ۾ چيو، ”پوءِ ڀلا مون ڇو پاڻ کي پاڻ تائين محدود رکيو آهي.“

نارائڻ جي ڳالهين ۾ مونکي ڏاڍي دلچسپي محسوس ٿيڻ لڳي. هاڻي مان اڪثر ڪري سويل ئي آفيس ۾ هلي ايندي هئس ۽ شيلا ۽ نارائڻ سان خيالن جي ڏي وٺ ڪندي هئس.

رات رات جو اڪثر نارائڻ جون ڳالهيون منهنجي من جي سچائيءَ ۾ پڙاڏو ڪري اُٿنديون هيون. ”زماني ۾ عجيب عجيب قيريون گهيريون ٿين ٿيون، جنهن ڪري گهٽيون اڳيون ڳالهيون، گهڻا اڳيان رواج بلڪل بيفائدي ۽ نقصانڪار ٿيو پون. مگر ڪيترا بي سمجهہ انسان انهن کي ڇهتي تا رهن، جنهن ڪري سماج ۾ دکدائڪ حالتون پيدا ٿين ٿيون. جيڪي سمجهو ۽ بهادر شخص آهن، اهي پيڙيل انسانن کي وني اڳتي وڌن ٿا. جنهن ڪري پراڻي ۽ نئين زماني جو ٽڪر لڳي ٿو. جيڪو انسان پنهنجي سمجهہ ۽ عقل سان انهيءَ ٽڪر ۾ سچ واري پاسي جو ساٿ ڏئي ٿو، سوئي حقيقي معنيٰ ۾ زندگي گذاري ٿو.“

مان حيران ٿي سوچيندي هئس، ”دل جا دنيا کان ٻاهر بہ ڪيڏي نہ وسيع دنيا سوچڻ ۽ ويچارڻ لاءِ پيئي آهي، ان هوندي بہ مان فقط پاڻ تي ۽ ننڍڙي گهر تي سوچڻ ۾ ئي غلطان هئس!“

ڏيري ڏيري آفيس جي ماڻهن کان پاڻکي ڪوئي رکڻ جي ريت مونکان خود بخود ڇڏائجي ويئي.

نارائڻ سڄيو جيوت رهڻ جو چٽر منهنجي اڳيان پيش ڪيو ۽ مان پنهنجي ٻٽايل سٿلتا جي قيد کان زير گهٽ ٻاهر نڪري آيس. جڻ خود ئي اڳتي وڌڻ لاءِ آئي هئس جو نارائڻ راهہ ڏيکاري تہ مان اچلجي پيس. ائين ڀانيم گويا فضا بہ پُرسڪون ٿي ويئي آهي.

گلن پنن ۾ خوشبوءِ موتي آئي آهي. هاڻ بابي اميءَ جي واهيات بحثن ۾ بيشمار چرچا نظر اچڻ لڳا. مان چڙڻ بدران کلڻ لڳيس. دکہ پريا خواب لهڻ بدران کم ڪرڻ لڳيس. جيئن طوفاني هوا سيني سين کي گهليندي ويندي آهي، تيئن منهنجي اُتساهت جيون جي گهيري ۾ آفيس جا گهٽا چوڪرا چوڪريون گهلجي آيا. هڪڙي جي گهر ۾ لئبرري کولي وڌيسين. هر ڪو انجو پورو فائدو وٺڻ لڳو. ڪتابن جي امنگن پري رنگين دنيا اسان سيني جي ارد گرد ڦرڻ لڳي. اسين ڪيترين آکاڻين، ناولن وغيره تي نڪتچيني بہ ڪرن لڳاسين. اسان لاءِ لنچ ٽائيم، هاڻي گهٽي ۾ گهٽي وندر وارو وقت ٿي پيو.

نارائڻ ظاهري تہ خاص ماڻهو ڪين لڳندو هو پر ڪاريہ ۾ سندس ڪيڏي اهميت هئي، اهو مون خوب ڄاتو ٿي. ڪتاب اڪثر سندس ئي صلاح سان گهرايا ويندا هئا. اسان گڏجي اڳتي وڌندڙن لاءِ، ڪيس جا قرب ۽ نياز هو، تنهن تہ گهڻن کي موهي وڌو. بحث مباحثي ۾ بہ ورلي ڪو ڪيس اپي ڪان ٻاهر نڪرندو ڏسندي هئس. هميشہ ديرينو ۽ پر اُتساهہ نظر ايندو هو. وڏي ڳالهہ تہ ڪير بہ ڪيس سبب ڏيئي سندس غلطي ڏيکاريندو هو تہ اَب گهڙيءَ مڃي وجهندو هو. اڪثر ڪري دنيا ۾ پنهنجي پل ڪير محسوس ئي نہ ڪندو آهي، سو مونکي نارائڻ جي هيءَ لوڪ کان نياري ريت ڏاڍي وڻي. هونءَ بہ مونکي سندس رايا بلڪل وزندار لڳندا هئا. اسين بہ هاڻ ”رايي“ ۽ ”پسندي“ جهڙيون ڳالهيون سکڻ لڳاسين. ٿورن ٿورن ڏينهن ڪانپوءِ ايڪسڪرشنس ڪندا هئاسين، جتي بہ خوب بحث ٿيندا هئا. سکن سيکارڻ واري ان هلچل ۾ سيني کي ڏاڍو لطف اچڻ لڳو. اسان وٽ هڪ نئين قسم جي زندگي ڪڇي آئي. سنسن پرمن ڪان آجي، خوددار، اُدم ۾ وشواس رکندڙ زندگي! مگر اُنتيءَ جي هيئين متين ڏاڪن تي هڄن سبب هڪٻئي ۾ ٽڪر بہ ٿيندا هئا، شوخيون بہ ٿينديون هيون، پر کهڙيون نہ دلچسپ!

مونکي ياد آهي، هڪ ڀيري سڀ ڪٺا ويٺا هئاسون، جو مون چيو، ”اگر مٽ پر انسان ئي اهڙا هجن جن جا خيال بلڪل اوچا هجن تہ ملڪ ۾ اُٿل پٿل اچي سگهي ٿي.“

شيلا چيو، ”سرلا جا خيال اچا ڏنڏ لاءِ آدرشوادي آهن. خبر ڪين اٿس تہ هاڻي سنگهٽن — يگہ چالو آهي، جڏهين نئين نموني جي زندگي اڏڻ لاءِ اِلاهي ماڻهن کي گڏجي ڪم ڪرڻو آهي.“

مون کي ڪجهہ خار لڳا. مگر منهنجي منهن ۾ گهنج پيل ڏسي، نارائڻ منهنجي راهہ کي صاف ڪرڻ شروع ڪري ڇڏيو. چيائين، ”شيلا جي ڳالهائڻ مان معلوم ٿئي ٿو تہ سندس نظر بلڪل صاف آهي. هوءَ راهہ ڏيکاريندي ۽ سرلا ان راهہ تي روشني ڦهلائيندي.“

ٺاڪر ننولي ڪئي، ۽ ”۽ تون ڪوچوان تي ٽانگي تي چڙهي، ڳائيندو هلج:

”چل ميري گهوڙي، چل چلاچل.“

گلاب ڪنهن سوچ ۾ وينو هو. ناڪر ڏانهن ڏسي، هڪ گنڀير مرڪ مرڪي وينو. چيائين، ”جتي سچ پچ سنگهڻ جي پاونا پيدا ٿي آهي، اتي تنهنجي ٽنولي ڪي جيسين صالح نڪتچيني جو روپ نه مليو آهي، تيسين اسين تنهنجين ڳالهين ڪي فقط چرچو ئي ڪري وٺنداسين.“

مان هن سرهي وايو منڊل تي من ئي من ۾ ايترو پرسن ٿي ويس جو اڪين ۾ پاڻي پرجي آيم. دل ۾ چيم، ”مون ڪي ته خبر ئي ڪانه هئي ته خيالن ۾ هيتري اختلاف هوندي به منهنجي آفيس جي ماڻهن وٽ ايڏي وڏي دل آهي جو هڪ ٻئي جي ڪهڙي به ڳالهائڻ ڪي سٺي نموني وٺندا.“

پر عجب ته اهو هو جو ههڙي دلچسپ زندگي گذاريندي به جيئن جيئن خيال صاف ۽ اوچا ٿيندا ٿي ويا، تيئن تيئن منهنجي من، هڪ پاسي اتساهه ته ٻئي پاسي ٿڪائي وڌندي ٿي ويئي. ڪڏهين ڪڏهين هر چيز بي رس ۽ بي مزي ڏسڻ ۾ ايندي هئي. شيلا سان ڳالهه ڪيم، هوءَ ته ساڳئي وقت اتساهه ۽ ٿڪائيءَ جو هجڻ ٻڌي، ڪلڻ لڳي. چيائين، ”خوابڻ راڻي، جڏهين آڪاش تان لهي حقيقت جي زمين تي پهچندي، تڏهين وڃي چت ڪي شانتي ملنديس.“ هن ناراڻ سان به منهنجي من جي ڳالهه ڪري ورتي. مونکي ذرا اعتراض ٿيو ته ناراڻ بلڪل نهنائيءَ سان چيو، ”سرلا، اسين هڪ ٻئي جي ڪمين پيشين ڪي پنهنجائيءَ سان ڏسنداسين ۽ انهن جي سڌارڻ لاءِ هڪ ٻئي ڪي راهه ڏسينداسين. پوءِ اعتراض ڇا لاءِ ٿي ڪرين؟“

مان مونجهاري ۾ ويني رهيس. هن چيو، ”تون زندگيءَ ڪي اجا به گنڀير چيز نٿي سمجهين. مونکي ڊپ ٿو ٿئي ته جنهن اتساهه جي گهيري ۾ گهڙي، تون ٻين ڪي به ڪنهن حد تائين گهلي ويئي آهين سو ڪنهن ڏينهن سوڍا پاڻيءَ جي جوش وانگر ختم نه ٿي وڃي.“

مان مايوس ٿي ويس. ناراڻ منهنجي حالت تاڙي ويو. چيائين، ”سرلا اسين جيڪي نئين زندگيءَ جا سپنا ڏسون ٿا تن ڪي جيسين حقيقت ۾ بدلڻ جي گنڀير ڪوشش نٿا ڪريون، تيسين اسانجي زندگي پاڻيءَ تي ترندڙ ڪانن وانگر، هڪ هڪ لهر سان هڪ هڪ ٺوڪر کائيندي رهي ٿي ۽ ڪوئي مزو نٿو رهي. ليڪن جڏهين پنهنجي زندگيءَ ڪي انهيءَ ”حق“ جي لڙائيءَ جو پاڳو ٻڌائي ڇڏينداسين، جا اَيامن ڪان لڳندي رهي ٿي، تڏهن خود بخود زندگيءَ مان ٿڪائي نڪري ويندي.“

مونکي ناراڻ جي هيءَ ڳالهہ الاجي ڇو ڪنهن گرنٽ جيڏي وڏي پئي لڳي. گهر وجي بابي سان بہ ”حق“ جي لڙائيءَ انسان جي اندر ۾ لڳندڙ چڱي مٺي جي لڙائي اهي، جا گيتا ۾ بہ ڏيکاريل آهي“ ۽ مان چوان، ”اها لڙائي تہ انسان هن سرير سان پنهنجي چوگرد ڦهليل حالتن سان لڙندو آهي.“

ان طرح مان هڪ عجيب چاڙهي چڙهڻ لڳي هئس جو زندگيءَ جو ميناج موتي آيو. دل جي اندرين تهن تي، هاڻي ڪڏهين بہ موتيءَ جي ياد ايندي هئي تہ صبح جي ڦڪي چندرما وانگر ڪابہ سهائي جي ريکا ڪين ڇڏيند يهئي. من هڪ اڻ مٽي خوشيءَ سان ٽيٽار ٽيڻ لڳو هو. اهڙي وقت هڪ ڏينهن آفيس مان موٽندي شيلا ناراڻ، مان ۽ پيا سمنڊ جي ڪناري تي گهمڻ هليا وياسين. اتي هڪ اهڙي ڳالهہ ٿي گذري جا ٻڌائيندي حياءُ تہ ڏاڍو ٿو ٿئيم، پر....

مان سيني سڪين ساهيڙين جي پٺيان پٺيان هلي رهي هئس. سيني کي ڳالهين ۾ ڏسي، ذرا مسخري لاءِ پري پري هلي ويس تہ سمنڊ جي پاڻيءَ ۾ پير وجهي ڪن لاءِ بيٺيس ۽ پوءِ ٿورو دور وڃي واريءَ تي ويهي رهيس. پنهنجي مٿان وڏو وڏو ڪليل آڪاس، پيرن وٽ لهرن جو اچڻ ۽ موٽي وڃڻ، افق وٽان سج جي لال ڪرڻن جو اچي اکين جي ماڻڪين سان ٽڪرائجڻ، سڀ ڳالهيون منهنجي من ۾ هڪ عجيب ڪل ڪلاهٽ ڪٽي آيون. مان ٻانهن جو سهارو وٺي ليٽي پيس.

اچانڪ ناراڻ اچي پڇيو، ”اسان سيني کي ڇڏي، هيڏانهن ڇو پيجي آئينءَ؟.... هتي واريءَ ۾ پلاڇا ويٺي ڪرين؟“

مان اُٿي ويٺيس ۽ ڪلي ڇيم، ”لهرن جو ناچ پئي ڏسان....“

مان سچہ پچہ لهرن ي ڏسڻ لڳيس ۽ ناراڻ ماٺ ۾ بيٺو مون کي ڏسي رهيو هو.

”تون بيٺو ڇو آهين، ويهي رهہ نہ.“ مان الاهي ڪيئن اهي اکر چئي ويٺيس. هيءُ ”تون“ چوڻ واري منزل اچانڪ ڪيئن ڇي پهتي! پر هوش اچڻ کان اڳ ۾ ئي ڏٺم، ناراڻ پر ۾ ويهي پڇي رهيو هو، ”سري توکي پهرين پهرين ڏسڻ سان، خبر اٿيئي مون ڇا سوچيو هو؟“

”ڇا سوچيو هوءَ؟“

”ائين پئي سمجهيم تہ تون ڪنهن خواب ۾ ويٺي آهي. اڄ بہ پائيندو آهيان تہ تنهنجا قدم ڌرتيءَ کان مٿي مٿيڪنهن خوابي دنيا ۾ پيا هلن.“

”اوهون...“ مون ڪنڌ سان ناڪار ڪئي، پر اندر ۾ هن جي اکرن جي مٺرنا کان شرمائجي

ويس.

”مان پائيندو هوس جڻ تون ان خواب کي پلجڻ ئي نٿي چاهين. ڪنهن سان ڳالهائيندي، ان خواب جي ذڪ پري ڇايا تنهنجي چهري کي ايترو غمگين ڪري ڇڏيندي هئي، جو تون هڪ ٻن اکرن ڪلن وڌيڪ ڳالهائي نه سگهندي هئين ۽ تنهنجي ابتڙ شيلا ٽڙندي ٽڙندي پٻن تي هلندي ويندي هئي، هر ڪنهن سان ڳالهائيندي، ساڙهيءَ کي لهرائندي، رستي ويندي، پنن کي چنندي، گلن کي سنگهندي، عجيب پر حيات چال ۾ هلندي ويندي هئي...“

”تڏهن به تون مون سان زوريءَ زوريءَ مترتا ڳنڍڻ چو چاهيندو هئين؟“

”چو چاهيندو هوس؟...“ هو ڪلي ڪنڌ ڌوڻيندو واريءَ ۾ ليڪا ڪڍڻ لڳو. ڄڻ ڪيس جواب جا اکر ئي نٿي سمجھيا. نيٺ چيائين، ”تون ڏاڍو وڻندي جا هئين....“ هن چور نگاهن سان مون ڏانهن ڏٺو مان اٿي کڙي ٿينس. ”هل بين وٺ هلون.“ دراصل هنجي چور نگاهن سان گڏ مون ائين محسوس ڪيو جڻ دل اندر جو هڪ محفوظ قلعو ٻٽائي رکيو هوم ان جون مضبوط پاڙون لڏي وِيون ۽ يڪدم سڀ پٿيون ڪري اچي پٽ پيئون. مان زلزلي جهڙي پريشاني محسوس ڪري اٿي کڙي ٿيس.

نارائڻ ڪلنڌڙ نيڻ مٿي ڪري هوا ۾ اُڏي آيل وارن کي منهن تان هٽائي چيو. ”ويهي رهه، سري، هينئر پچڻ اجايو آهي.“

سري! سري؟ هاءِ وسري چوڻ جو ته موتيءَ کي ئي حق هو. هي ڪير هو! مگر هن جي ”سري“ چوڻ به منهنجي رڳ رڳ ۾ مصري ملائي ڇڏي، ان سچ کي مان ڪيئن پلجان؟

مون کي اجا به بيتل ڏسي نارائڻ به اٿي کڙو ٿيو. ايتري ۾ ساهيڙيون اچي اسان وٽ پهتيون. الاجي ڪهڙيءَ لڄ اچي ورايم جو ساهيڙين سان هڪ اکر به ڪين ڳالهايم. ڏيئن ٻرئي مس گهر موٽي سگهيس. گهر موٽي ڇڏا ڏسان جو بابي جي کٽ تي ڪوئي شخص ويٺو آهي. مان در تي ئي ڄم ڪائي ويس. هيءُ ڪير هو؟ الائي موتي!!

# مـــوتـــي

”جمنا، تون روڏ آهين،“ مون چيو ۽ آرام ڪرسيءَ تي ڪڙو ٿي ويٺس.

هوءَ ڪپڙا ويڙهيندي رهي.

”روڏ“ اکر جي معنيٰ اچيئي ٿي؟“

جمنا ڪنڌ سان ”نه“ ڪئي.

”پوءِ پڇي ڇو ڪين ٿي؟“

جمنا ڪپڙا ويڙهيندي رُئي رهي. ويڙهيل ڪپڙن کي پوريءَ طرح هٿ سان لساري نه رکڻ سبب ڪپڙن جو ڍڳ وڏو ۽ اڦونگڙو ٿي پيو هو. ٻه ڪپڙا پيا ٻه رکيائين ته ڍڳ ڍئي ڪري پيو.

چيم ”روڏ“ جي معنيٰ اها اٿيئي جا هي ڪپڙن جو ڪريل ڍڳ تو ٻڌائي. سمجهيئه؟“

جمنا هيسيل نگاهه ڪن لاءِ مٿي ڪنئين.

”ائين بيوقوفن وانگر نهارڻ جو ڪهڙو ضرور. جيڪي نٿي سمجهين، سو پڇين ڇو ڪين ٿي؟“

هوءَ ڪپڙن جي ڪريل ڍڳ کي وري هڪ ڀيرو هٿان رکڻ لڳي.

”اڙي ٻڌين ٿي؟ مان ڇا بڪي رهيو آهيان.“

جمنا ڪپڙن کي ڇڏي، مون ڏانهن ڏسڻ لڳي. منهنجين اکين جو تاب نه سهي، نظر جهڪائي چيائين، ”مڙيوئي ڪا خراب معنيٰ هوندي.“

”۽ تون روڏ آهين، اها ڳالهه توکي خوب وڻي ٿي.“

هوءَ منهن ۾ سونڊ وجهي، ڪپڙا ڪٺي وجهي ڪٻٽ ۾ رکڻ لڳي. مان ڪرسيءَ تان اُٿي ڪڙو ٿيس. چيم، ”وڃي جهنم ۾ پئه.“ ۽ پنهنجي ڪمري ۾ هليو آيس. سوچيم – ”جهنم ۾ ته مان پيو آهيان.“ ڇو ته ٻن ٽن مهينن اندر ئي جمنا منجهان دل ڪٽي ٿي پيئي هئي ۽ من وري پٽڪڻ شروع ڪيو هو. رات جو دير سان گهر موٽندو هوس. جمنا ننڊ ۾ الوٽ پيئي هوندي هئي. مان بستري تي پاسا ورائيندي پيئي هوندي هئي. مان بستري تي پاسا ورائيندي سوچيندو هوس، ”جيڪر جمنا جي جڳهه تي سرلا هجي ها....“

مگر مصيبت ته اها هئي جو جمنا جي جڳهه تي ته سرلا نه اچي سگهي، اٽلو سرلا جي جڳهه تان ٻه سرلا گم ٿي ويئي. ڪلهي ڪڏڻي سندري ته منجهانئس بلڪل موڪلائي ويئي

هئي، جڻ تہ ڪا مورچت مورتي هئي جا ٿلهو دُيل ڪنيو پئي هلي. اهڙو جهڙو تہ ڏسبي ئي ڪانہ هئي. ڪڏهين ڪٽي جي ڪاليجہ جي دروٽ يا ايوان ۾ ساٽس مڪاميلو ٿيندو هو تہ منهن پاسيرو ڪري هلي ويندي هئي. ڪاليجہ جي ڪنهن ميڙ يا مجلس ۾ ياڳ نہ وٺندي هئي، گويا پنهنجي من کي هر موج مزي کان روڪي، ڪنهن قيدخاني ۾ بند ڪري وهاري ڇڏيو هئائين. مان گهٽو ئي چاهيندو هوس تہ هوءَ گهٽ ۾ گهٽ ڪاليج جي جلسن تي تہ ضرور اچي، چو تہ پڪ هئم، هڪوار مون کي اسٽيج تي ڏسي تہ مان ڪهڙي سوز سان ٿو پارٽ ڪريان، پوءِ هوندو مون کي ڏسي هن طرح وڏين وڏين اکين تي ڇپر ڪيرائي پاسيرو ڪين هلي وڃي.

ڪنهن آڌيءَ رات جو سندس مٺ پريل نئين واري مورتي اکين ۾ سمائي پيو ديدار ڪندو هوس، تہ هوءَ غمگين نهار ڪٽي پڇندي هئي، "مان تنهنجي اول ڪير لڳان....؟"

"سري، تون منهنجي پريتما آهين، محبوبا آهين. ان ڪان وڌو ڪهڙو پد توکي ڏيان؟" مان وٽيندو هوس.

"اهو پد تہ جمنا جو آهي."

"جمنا؟ جمنا تہ صرف پتني آهي. هن وٽ محبوبا جي دل ڪٿي! تون اچ تہ توکي مان لوڪ ڪان لڪائي پيار ڪندس."

"هہ...."

"هاءِ! ان هڪڙي ٿتوليءَ پرئي اکر ۾ ڪيڏي نہ ڪڙاڻ اُڇلي تي وڃين؟ سڏ اٿيئي، هن هڪ ڏکي ۾ وچونءَ جي ڏنگہ ڪان بہ وڌيڪ ڏنگڻ جي طاقت آهي."

مگر اها تصور واري، ٻڌڻ ٻڌائڻ واري سرلا هئي ڪٿي؟ هتي تہ سارو ڏينهن جمنا جي منحسوس صورت کي ئي ڏسٽو پوندو هو. ان ڪان بچڻ لاءِ ڏينهن جو وڌو حصو ٻاهر گهاري رات جو دير سان گهر موٽندو هوس. جمنا اڪثر اونده ڪري پنهنجي کٽ تي خاموش ليٽي پئي هوندي هئي. مان دريءَ وٽ ڏيري ڏيري اواز ڪندو هوس. هوءَ دٻيل پيرن سان اچي ٻاهرئين در جو ڪڙو ڪوليندي هئي، جيئن بابي کي بيٽ نہ پوي. هڪ رات، هوءَ بتيءَ جي روشني4 م سورنهن سينگار ڪري ڪنڌ جهڪائي، پنهنجي پلنگ تي ويٺي هئي. سندس ويجهو اچي دل جي ساري ڪڙاڻ اکرن ۾ پري چيم ، "واهہ! ڪنهنجي شادي آهي؟"

هوءَ ڪٽ تان لهي منهنجن پيرن وٽ ويهي رهي. .... جي وڳي ۾ ۽ سون سان جهنجهيل هوندي. وٽس ڪا فخر واري ادا نہ هئي. منهن ڪڙو ڪري چيم ، "اتي وهڻ مان ڇا فائدو؟"

هوءَ اتي بيٺي ئي رهي.

ڪيس هٿ ڪان وٺي، سندس ڪٽ طرف هلائي چيم، ”اڳتي هي چريايون نہ ڪندي ڪج، سمجهيئہ؟“

ٻئي ڏينهن تي جمنا پيڪي رواني ٿي ويئي، جو سندس ماتاپٽي جا ڏينهن بلڪل ويجها هئا ۽ منهنجي امان جو بدن سگهوئي ڪين ٿي رهيو.

جمنا ڪان دور رهندي ڪيترا مهنا گذري ويا. ڪاليج ۾ ڊراما ٿيندا رهيا. اسان جي چوڪرن چوڪرين جي هڪ منڊلي ٺهي پئي، جنهن جو چاهہ پڙهڻ مان صفا نڪري ويو جيئن پوءِ تيئن، منهنجي جذبات وڌيڪ ۽ وڌيڪ نفيس ٿيندي ٺي ويئي. اسٽيج تي مشهوري حاصل ٿيڻ سان گڏوگڏ دل جي اندر دک جا دونهان اٿڻ شروع ٿي ويا. مون جهڙي اوچ ڪلاڪار جو پلؤ هن بي حس جمنا سان ڇا لاءِ ٻڌو ويو؟ سوچيندي سوچيندي، پاڻ تي قياس اچڻ لڳو.

پاڻ تي قياس ڏاڍي بري چيز اهي! هو ڪُهني مرض جيان جيان سيني رڳن کي پيڙڻ شروع ڪري ٿو. منهنجا هٿ پيالا ۽ سرير نيل ٿيندو ٿي ويو. دوست چوندا هئا، ”تون مجنو بنبو ٿو وڃين.“ مان دل ئي دل ۾ جهڙي چوندو هوس، ”مجنو تہ مٽيءَ ۾ بہ نئلا کي پائي ورتو هو. مون تہ هن جيئري جاڳندي جهان ۾ بہ ڇا نہ ڪوئي وڌو آهي!“

منهنجي شاديءَ کانپوءِ بابي جي حشمت ۽ گرجنا الاجي ڪيڏانهن گم ٿي ويئي، سو وندريءَ جي شادي بہ اَمابن وڃي پڪي ڪري آئي. جمنا کي فقط چٺي موڪلي ويئي. ڪنهن کي خواب خيال بہ ڪين هو تہ هوءَ ڪا بنا ماٺهوءَ پيڪن مان هلي ايندي. سو جڏهن هوءَ پنهنجن ڇهن مهينن جي ڪکيءَ کي ڪٽي اچي پهتي، تڏهين سڀ وائڙا ٿي ويا. اَمي ۽ وندريءَ هڪ ٻہ مهٽو بہ ڏنس، پر هوءَ اٿين چپ ڪري ٻڌندي رهي ڇڻ هر ڪنهن امان سهڻ لاءِ تيار ٿي آئي هئي.

وندريءَ جي شاديءَ ۾ بہ منهنجي شاديءَ وانگر گهٽيئي مٽ مائٽ ڪوٺايا ويا. گهر ۾ گوڙ شور مچي ويو. ننديون نيٽيون دهل تي لاڏا ڳائڻ لڳيون. اُگهاڙا چرچا، هڪ ٻئي کي ڪٽڪتايون ڪرڻ، ۽ ذريءَ ڳالهہ تي ٺهڪرو پئي پيو. جوانڙيون جي گول گول جسم، سهڻن هٿن ۽ ٺڙنڌڙ مکڙن تي عجيب هلچل جو راج هو. مگر هيڏي ڏمچڪر ۾ بہ جي ڪنهن جون بہ نظرون مون تي پيون ٿي تہ اچانڪ منجهن قياس پرجي ٿي ويو ۽ اهي قياس پريون نظرون، جمنا جي شانت ۽ دک ۾ ٻڏل چهري تي تہ ڄمي ٿي پيئون ۽ مون کان وڌيڪ جمنا قياس لائق هئي، اها ڳالهہ منهنجي سهڻ کان ٻاهر هئي. اَما پاسيرو وٺي هلي چيو، ”پٽ، اڄ ڏيون اڳيان پوڄا ٿي تہ ڪنوار سان گڏ ويهج.“

مون چيو. "معاف ڪر. انهيءَ منحوس سان ته سرڳ ۾ به گڏ ڪونه وهندس." اوچتو ٻچيءَ تي ڪنهنجو چنبو اچي پيو. "ڪميٽا. تڏهين ويڏيءَ تي چوئي گڏ ويٺين؟"

پٽ ورائي ڏٺم. بابي کي اچا سنان ڳوارو ٽوال ٻڌل هو. سندس سرير ڪروڌ کان ڪنبي رهيو هو. مون به پهريون ئي پيرو بنا رک رکاڻ جي چيو. "اهو سڀ توهان کي راضي ڪرڻ لاءِ هو. توهان ئي مونکي برباد ڪري ڇڏيو."

"ته چورا مون کان ويروٽ نه؟ هن گگدام گٽو تنهنجي کهڙيءَ ٻلي ماري آهي؟"

"نه مان هن کي ڪجهه چوان ٿوري ئي ٿو؟"

"ڙي بدمعاش! اچا چوين ڪونه ٿو؟ مان انڌو آهيان؟ ڏيڍ سال کان تنهنجي هلت ڪين ڏٺي اٿم؟ سڄي شهر ۾ منهنجي عزت وڃائي اٿيئي چنڊال.... اڙي موتي ماءُ!.... آ... آ.... آ" ڪندو بابو ڌڙام ڪري زمين تي ڪري پيو. سڄي گهر ۾ ولولو پئجي ويو. بابي جي هٿن پيرن کي جاڻ جي مالش ڪئي ويئي. ڊاڪٽر گهرايو ويو. بابي کي هوش ته آيو. ليڪن ان ڏينهن جيئن بستري تي ڪريو تيئن سڄي لڳين وري ڪين اٿيو.

وندريءَ جي شادي به ڪنهن طرح ٿي گذري. پوري اٺين بابو به هن دنيا کي الوداع ڪري ويو. اما ۽ وندردي گلو ڦاڙي رنيون. مگر جمنا فقط وڏيون وڏيون اکيون ڦاڙي ائين ڏسندي رهي جڻ سراپجي ويئي هئي.

مان هاڻ گهٽي ۾ گهٽو وقت هن منحوس گهر کان ٻاهر رهڻ لڳس. جيڪي چار پهر رات جا گهر ۾ ايندو هوس تن ۾ به هوءَ جمنا جي ڏيءَ ڪشوري، تڻ مڻ تپائي ڪٽندي هئي. مان گرجي چوندو هوس، "بس نتي ڪرائينس؟"

جمنا ٻالڪيءَ کي کٽي ڪلهي تي ليٽائي، چپ چاپ ڪمري ۾ اچ وڃ شروع ڪندي هئي.

ڪڏهين آڌيءَ رات جو اک کلي پوندي هئي ته به ڪيس ساڳيءَ طرح ڪمري ۾ اچ وڃ ڪندو ڏسندو هوس. "بيوقوف کي بار پالڻ ۾ نتو اچي." چئي پاسو رائي ڇڏيندو هوس. وهاٽي کي ٻانهن ۾ پڪڙي گندي پاڙي جي ڪنهن جوان عورت کي ياد پيو ڪندو هوس. سک جي ڳولا ۾ مون ان پاري جو در در ڪري ڪڙڪايو. ڪڏهين ڪڏهين تن تازو سمجهندو هوس، پر من منجهيل ٿي رهيو. شراب ۾ سو ڪڏهين ڪڏهين ٿوري وقت لاءِ پاڻ پلائي ڇڏيندو هوس. مگر ديوداس جيان نڪي اڻ ميو پيڻ جي مون ۾ شڪتي هئي ۽ نڪي ڪنهن گندي پاڙي جي چندر مکيءَ مون لاءِ پنهنجو پيشر بند ڪيو. پر مان سک کي ڳوليندو ئي رهيس. اڄ سوچيان ٿو جمنا جي اندر ۾ سکي جيون گهارڻ جي چاهنا شايد

نکت ويئي هئي نہ تہ هوءَ سياري جي هڪ ٿڌيءَ رات جو مان ايمان ڪي وساري ڪيئن اچي منهنجن پيرن وٽ سمجهي ها.

سندس سپرش تي منهنجي تن بدن ۾ بجليءَ جي لهر ڊوڙي ويئي. مگر ائڪٽر ڪهڙو جو زندگيءَ ۾ ائڪٽنگ نہ ڪري! ۽ ائڪٽنگ اها ڪهڙي جنهن ۾ دک جو ڏيکاءُ نہ هجي! مان چپرڪ پري اٿي وينس چيم، ”تون هتي ڇا لاءِ اچي سمهي آهين؟ پنهنجي جيئري هجڻ سان جيترو جلائي رهي آهين، ڇا اهو ڪافي ناهي؟“

هن سمهي ئي چيو، ”پڳوان جو نٿو ماريم.“

جمنا + جي ان سادي سردي جواب تي مان ذرو بہ ويچار ڪرڻ لاءِ تيار ڪونہ هوس. چوٽ ۾ چيم، ”اهو ڪم وري پڳوان کان ڇو ٿي ڪرائڻ چاهين؟ پنهنجو سؤمان هجيئي تہ هڪ پل لاءِ بہ هن طرح ڏنگڻ ڪين اچين ها.“

هن پريان ڪٽ تي سمهيل ڪشوريءَ ڏانهن نهاريو ۽ ڪاٺ جي پتليءَ وانگر ڪنهن سڳي ۾ ڇڪبي، پنهنجي پارجي پاسي ۾ وڃي سمهي.

ان طرح ساڳئي ڪمري ۾ رهندي، وڏي شاهي خيالي ويري وڇهي، اسين ٻئي جوانيءَ جو ڪيتريون راتيون گذاري چڪاسين.

اهڙي وقت زندگيءَ هڪ نئون ور ڪاڏو. پنهنجي وطن مان لڏڻو پيو. جنهن جي مون ڪوڏيءَ جيتري بہ عزت نہ رکي هئي، ان جي عزت بچائڻ لاءِ اسين ڏيهان ڏور، ملڪان پري، جئپور جي شهر ۾ اچي نڪتاسين.

جيستائين چار ڏوڪڙ هٿ ۾ هئا، اوستائين تہ فڪر ڪين هو. وهنديءَ نديءَ مان پلي واهہ ڪوتي پاٽي ڪيجي، ليڪن بيٺل پاٽيءَ مان تہ هڪ هڪ ڏول پريندي بہ پاٽيءَ جي کتجي وڃڻ جو خيال ستائيندو آهي. انڪري ننڍا وڏا ڏنڊا ڪندو رهيس. هڪ رڪشا وني پاڙي تي هلائڻ لاءِ ڏنم، پر نوڪرين ٻن مهينن اندر ئي هڪ موٽر سان ٽڪرائي رڪشا جا بردانا ڪدي آيو. اڱرن جون ڳوٺيون وني ساري ۾ وڪڻڻ لاءِ چوٽ تي رکائي ڇڏيم تہ هڪ ڏينهن آڌيءَ رات جو شاهينگ مٿن هٿ ڦيري، ڪاري وارا ڪک ڇڏي ويا.

ڏيري ڏيري جئپور جون ڳاڙهيون ڳاڙهيون سرون اکين جو رت ڻيڻ لڳيون. سياري جي ٿڌي هوا ڏنگڻ لڳي. گرم لڪ جلائڻ لڳي ۽ سپ ڪان وڌيڪ جلائڻ لڳي هئي جمنا جي موجودگي. هوتوءَ يار بمبئيءَ مان لکيو، ”ملڪ بدلجڻ سان ماڻهن جي حالت بدلجي ويئي آهي ۽ ان سان گڏ منورتي بي لغام ٿي پئي آهي.“ هڪ سال ڪانپوءِ لکيائين، ”تنهنجي سرلا جا مائٽ ڏترجي ويا آهن. هوءَ ڪنهن آفيس ۾ پئي سڙي. اچا مڙس ڪونہ ٿو مليس.“

”اجا مڙس ڪونہ تو مليس.“ اهڙا هلڪا اکر ڪوئي سريءَ لاءِ چوي، اها ڳالهہ مون کي اصل ڪين وڻي. پاڻيءَ ۾ آڱر ٻوڙي خط تان اهي اکر ڌوئي ڇڏيم. پوءِ خط ڦاڙي ان جون ٽڪريون هوا ۾ اڏائي ڇڏيم. جمنا نئڙي سپ ٽڪريون فرش تان ميڙي ٻاهر ڪٽي ويئي. نئڙڻ سان سندس مٿي تي اڇن وارن جي چڳن کي ڏسي منهنجي دل تي سڙي ويئي. من ئي من ۾ سيرومل جي ساري خاندان کي گارين جو ڌوڙيو وسائڻ لڳس جن ڌوهہ ڪري، مون کان ڪيئن سال وڏي ڇوڪري مون کي ٻڌائي هئي. ٻڍيءَ جي جذبات ۾ ڀلا چنچلتا ڪٿان ايندي؟ هن ڳالهہ جڻ منهنجي دکن جي دروازي جي ڪنجي هٿ ۾ ڏيئي ڇڏي. ليڪن ڇوٽڪارو تہ تڏهن بہ ناممڪن هو.

ڪاش! ان وقت سمجهي سگهان ها تہ جمنا جي اندر ۾ پتيءَ جي جيئري، ڌاڳي جي اگنيءَ کهڙا نہ ٻارڻ ٻاريا هوندا ۽ انهن جي ڄيءَ ۾ جڏهين جمنا جو رنگ ئي سڙيل اماڙيءَ جهڙو ڪارو ٿي ويو هو، تڏهين وار پڇي اَڇا رکہ ٿي ويا هئا تہ ڪهڙو عجب هو. ان ڪري جمنا عمر ۾ ڪيئن مون کان وڏي ٿي؟

ليڪن هنجي اندر ئي اندر جلڻ جو اگر خيال بہ اچي ها تہ فقط ايترو ئي چوان ها تہ اڳو پوءِ جلي خاڪ ڇونہ ٿي وڃي، جيئن منهنجو رستو بلڪل صاف ٿي پوي!

پر ڇا چوان؟ ان وقت موتي ٿورو ئي هئس، پٿر جو هوس!! ۽ اُن پٿر جهڙي هردي کي چيرڻ لاءِ هڪ ڦهري ڪندي جنم ورتو هو. بيروزگاري! هي ڪندو وري عجب آهي. هڪ جڳهہ تي ڪين ڇيندو آهي. نس نس ۾ ڇيندو آهي. خسيس ۾ خسيس چيزون مثال طور پڪوڙا، سگريٽ، ڇانهہ، مٺائي جن جي غير موجودگيءَ هونءَ ڪائي خاص ڏکيائي پيش نہ ڪندي آهي، تن جون چاهنائون بي روزگاريءَ جي وقت ۾ اسانجي خميس ۽ سوٽ جي کيسن مان منهن ڪڍي چيڙائينديون آهن. هر ڳالهہ ۾ من پيو دکي ٿيندو آهي. ڪوئي پريل کيسن وارو دوست اڳيان ايندو تہ بہ دل پئي سسندي، گهر جا ڀاتي تہ اکين جو رت ئي پوندا آهن. اهڙي وقت شل نہ ڪوئي بيمار پري. ماڻهوءَ مان ماڻهپوئي نڪري ويندو. اما جي بيماري ان ڳالهہ جو جيئرو جاڳندو مثال آهي. مان سندس خسيس ۾ خسيس گهرن تي بہ مٿس ايترو غصو ڪندو هوس جو هوءَ روئي وجهندي هئي. وطن جا وڻ ڇڏڻ ڪانپوءِ هوءَ اڳيئي وساڻي پئي هئي، باقي ڏکين ڏينهن هٽي ڍاهي رکيس. جمنا جي رات ڏينهن جي شيوا بہ کيس بچائي نہ سگهي.

مون لاءِ هاڻ باقي گهر ۾ بچيو ئي ڇا هو. دل ۾ چيم، ”هتي نہ ڏنڌي جو چاڙهو ناهي. بمبئيءَ وڃي تو دوست جي در تي لهان. من ڪوئي ٻوٽو ٻري پوي.“

مون سچ پچ ئي هوتوءَ وڃڻ جي تياري شروع ڪئي. ٽڪيٽ لاءِ تہ پئسا هئا ڪين،

پر ”بنا ٽڪيٽ سفر ڪندس“ چئي، دل کي پرپايم ته جمنا زيور اڳي منهنجي اڳيان رکيا!

منهنجن ڪنن جون پاپڙيون گرم ٿي ويون. چيم، ”هاڻ پيڪن جو رعب ڏيکارڻ آئي آهين. انهن جا ڏنل مٽيا مونکي ڏيئي، مونکي خريد ڪرڻ ٿي چاهين؟ هن پيتيءَ مان ڪشوريءَ جا ٻه ڪنگڻ ۽ پنهنجا چار چورا الڳ ڪري چيو، ”اهي ته پلا اَميءَ گهڙائي ڏنا هئا. اهي ته توهان جي ملڪيت آهن نه، کڻي وڃو.“

مون جهپ هڻي اهي کڻي ورتا. باقي پيتيءَ ۾ رهيوئي ڇا هو. ٻه چار سونا ٻٽڻ ۽ ٻه سونيون منديون. چيم، ”ڇا اهائي سڀ پيڪي ملڪيت ملي هيئه؟“

هن اکين مان نيرو هائيندي، ڪنڌ هيٺ ڪري چيو، ”بيا سڀ اَمي ڪنهن هنڌ گروي رکي آئي هئي.“

مون کي اڄ ٻه اها رات ياد آهي. جمنا بي فڪر سمهي پئي هئي. چندرما دريءَ مان اڇي هنجي ڇهري تي پنهنجي سهاڻي ڦهلائي ڇڏي هئي. هن ادار دل عورت پنهنجي ساري پونجي مون تي پيت چڙهائڻ ڪانپوءِ ٻه مون تي حق نه ڄمايو، هڪ مٺي نظر جي ٻه گهر نه ڪئي!

صبح جو جڏهين مان گهر ڇڏي رهيو هوس، تڏهن جمنا، هيسيل ڪشوريءَ کي آڳر ڪان وٺي، اها ئي ڊپ واري سرد نگاهه کڻي دروازي تي بيٺي، مونکي ڏسندي رهي. مان سالن ڪانپوءِ، سندس سات ڇڏي رهيو هوس. چپ چاپ سندس اکين مان جل جون ڌارائون نڪري، ڪشوريءَ جي وارن ۾ گم ٿي ويون. هٽڪي هٽڪي، فقط ٻه اکر چيائين، ”چٺي لکجو.“ زندگيءَ ۾ پهريون ئي ڀيرو جمنا مون کان زبان سان ڪجهه گهريو هو ۽ اهو ٻه ڇا، قط پني جو ٽڪرا!

# جـمـنـا

مان برابر روڙ آهيان، مون ۾ ردن کي موهڻ جي طاقت جا ڪانهي. سچ تہ مون اهڙي4 طاقت کي ناپاڪ چيز سمجهي ڇڏي ڏنو هو. آخر پنهنجي پتيءَ ڪانسواءِ ٻئي ڪنهن کي موهڻ مون چاهيو ئي ڪتي ٿي؟ پيلا پتي4 کي موهڻ لاءِ بہ ڪن حيلن جي ضرورت آهي؟ پتي پتني نہ سرشتيءَ جا اهڙا اڻ ٻورا جزا اهن، جن هڪ ٻئي کي حاصل ڪري پورن ٿيو وڃن. اها پورنتا جي چڪ ئي ڪافي آهي. باقي حيلا چو هلايان؟

ننڍي هوندي ڪان ئي مان سڌي سادي رهي آهيان. جيڪا چيز مونکي ڪپندي هئي سا سڌو سنواتو گهرڻ سان ئي ملي ويندي هئي. سڪيلڌي ڌيءَ جا هئس. ڪجھ بہ حاصل ڪرڻ لاءِ مون ڪڏهن ڪوئي ڏنگو طريقو اختيار نہ ڪيو. پوءِ جي پتيءَ جو پيار ڪوئي وينيس تہ هاٿي ان کي هٿ ڪرڻ جي ريت ڪٿان سکان؟ پتيءَ جو پيا ريلا گهرڻ جهڙي چيز تہ نہ هو.

ڪنهن چيو، ”پتي، سندرتا تي موهت ٿيندو آهي.“ پيلا سهي ڪمر، ڏگهين آڱرين وارا هٿ، ڏگهي ڳچي ۾ انجي مٿان سڊول چهرو، سپ ڪڏهن بہ ڪوئي ڪروپ چئي سگهندو؟ آخر اهڙين شين کي بدصورت چوڻ وارا وڏيڪ سهڻي فقط هڪ ئي آڱر تہ ناهي ڏيکارين.

پر.... هوءَ سامهون تنگيل آرسي منهنجي هيٺين چپ ۾ ٿيل ڦٽ کي، هڪ پل لاءِ بہ نتي لڪائي. منهنجي سندر هئڻ جي خوشي چپ جي ان چير تي پهچي جڻ ڪنهن غار ۾ غائب ٿيو وڃي.

پيلا، ان ۾ منهنجو ڪهڙو ڏوھ؟ منهنجي بتيءَ جي چپ ۾ چاهي ڪتي بہ ان ڪان وڏيڪ وڏ هجي ها تہ مان جيڪر ان کي خوشيءَ سان وساري ڇڏيان ها. ان جو مطلب چا؟ ان کي خوشيءَ سان وساري ڇڏيان ها. ان جو مطلب چا ؟ ڪوبہ رواجي عيب دل جي وشال پيار سان نظرانداز ڪري سگهجي ٿو.

رڳو قدرتي عيب جي ڳالھ بہ تہ ناهي. هتي تہ مان روڙ آهيان ۾ اها منهنجي وس جي ڳالھ ليکي ويندي آهي. پر ائين چو ٿيو؟ ڪنواري هوندي هرويرو اهڙي تہ نہ هئس. شاديءَ جا ڪجھ ڏينهن بہ تہ اهڙي ڪيئن هئس. پوءِ اوچتو هي چا ٿي ويو؟ هو ائين سمجهڻ لڳو جڻ مان پراڻي جتي هئس. مون کي جڏهن ٿوروئي احساس ٿيو تہ پتي4 جي اکين ۾ ٻي ڪا استري وسي رهي آهي، تڏهن ساري سرير جي چنچلتا گم ٿي ويئي. پيار ڀريون نظرون، جي

ڏيهه کان لڪائي فقط پتيءَ کي ڏيکارڻ لاءِ ئي محفوظ رکيون هيم. سي بہ الاجي ڇو اُجهاٽيل ٿي ويون. جن کي مشڪل ڪوئيپ يار ڪري ٿي سگهيو. پر مان بيوس استري ڇا ٿي ڪري سگهان؟ شل نہ ڪوئي مون وانگر بيوس ٿئي!.....

شاديءَ کان ٿورائي ڏينهن پوءِ هو مون کي پنهنجي محفل ۾ وٺي هليو. سوبہ اَميءَ جڏهن گهڻو زور ڪيس. پهرين تہ چيائين. "هيءَ ڳنوار ڇا هلندي ڪاليجي ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين جي محفل ۾ آ؟"

سندس اکرن منهنجي گهمڻ جي خوشي تہ خاڪ ڪري ڇڏي. پر اَميءَ جو چوڻ موٽائي ڪين سگهيس. هو تہ هلندي شرط سيئي ڇوڪرين ۽ زالن سان هٿ هٿ ۾ ملائي، هلو هرپلو ڪرڻ ۾ مشغول ٿي ويو. ليڪن مان جا اڪثر گهر جي چوديواريءَ اندر هڪ سگهڙ، سبٽي پرٽي ۽ مانائتي ذيءَ ٿي پلي هئس، سو ڌارين مردن کي ڪيئن هٿ هٿ ۾ ڏيان. مان اجا منجهيل ئي هئس جو هڪڙي ڪاليجي ڪڪيءَ، ڏاڍي نخري سان چيو. "توکي تہ پيائي اسان جي ڪمپنيءَ (سنگت مان) روئي ڪيئن ايندو."

اَجا چوڻ تي هئس تہ "مزو ڇو نہ ايندو، ماٺهو ئي ماٺهوءَ جو ڪاج آهي." تہ جان ڪٽي ڏسان، منهنجو پتي ڇپن تي رومال رکي ڪل کي پيو دٻائي ۽ اک جي اشاري سان ڇوڪريءَ کي پيو همتائي تہ "پڇيس پڇيس."

منهنجن پيرن هيٺان زمين کسڪي ويئي. سڀ رڳون ٻاهہ تي ويون مان منهن ۾ شُور پائي ان ڇوڪريءَ کي ڏسڻ لڳيس. هوءَ مون سان ڳالهائڻ اڌ ۾ ئي ڇڏي ٽپ ڏيئي اُٿي پويان پتي راند ڪرڻ لاءِ ڪني ٽيل ميڙ ۾ وڃي ڳيتي. فئشنبل ڇوڪرين جي سيني ۾ تہ شايد دل ٿئي ئي ڪيئن. مونکي ڪنهن بہ ڇوڪريءَ ۾ پنهنجائي ڪين ئي ڏسڻ ۾ آئي. سندس سياءَ جي هلڪڙائي ۽ ٽرڙائي ڏسي مونکي جيڪو پرم هو تہ پڙهيل ڇوڪريون ڪا خاص ڇي هونديون آهن، سو سڀ گم ٿي ويو.

ڪائي پي اُتياسين تہ مون کي ڏاڍي اچي ڳهر ٿي. ٻيا سڀ تہ پتي راند ۽ هڪ ٻئي کي ڏڪ ٻجي هڻڻ يا چرچي گهبي ۾ مشغول هئا. مون وڏي ميز جي ڪنڊ تي متو رکي اک لڳائي ورتي. پر ڊپ جو دل تي ٻينو هو تہ هي ماڻهو ڪلندا، سو جلد ئي جاڳ ٿيم. مگر اکيون موٽيل ئي هيون تہ ٿي ٻڌان:

"هن کي تہ پويون صبح آهي موتي؟" زنانو آواز هو.

"اڙي هوءَ هاٽي پڇيس بہ ڪئين." مردانو آواز هو.

"هاٽي بڪ بند ڪريو. وٺو ٽپيري، ڪيو ٿي ٿي آنا." اِهو آواز منهنجي پتيءَ جو ٿي لڳو.

مان اکين بند هونديئي ائين پيئي سمجهان، ڄڻ سڄو سرير پير هيٺ مٿي ٿئي. جيئن تيئن ڪري اُٿي ويٺيس .

راند هلندي ميران نالي ڇوڪريءَ ڏاڍا ناز نخرا پئي ڪيا. پنهنجي پتيءَ جون منجهس اکيون اٽڪيل ڏسي تہ جيءُ پئي جليم. دل ۾ پيئي چوان، ”ڇا عورت ٿي عورت جي ويرڻ آهي! ليڪن اٿين بہ ڪيئن چئجي، ڪنهن کي گهر جي ڪاڏي لاءِ چاهہ نہ هوندو تہ هوٽلن کي کهڙو ڏوهہ ڏبو؟“

شام جو سڀ موٽي رهيا هئاسين تہ اجا در کان ٻاهر نڪتاسين تہ پتيءَ چيو، ”اُتي ويهہ تہ اچان ٿو.“ ۽ واپس اندر هليو ويو. مون کي ٻاهر ويهندي ڏاڍو شرم ٿي آيو، سو واپس اندر ويس. اجا در وٽ ئي هئس تہ اندر جيڪي ڏٺم تنهن منهنجي مٿي ۾ پنواٽي آڻي ڇڏي. سامهون ميران ويٺي هئي. منهنجو پتي پٺيرو ويٺو هو. ميران جو هٿ منهنجي پتيءَ جي هٿن ۾ ڇڪجي رهيو هو. ٻئي شڪجي شڪجي مرڪي، ها، نہ، ۾ اُلجهي رهيا هئا. آخر ڇوڪريءَ چيو، ”ضرور ايند يس.“

منهنجا تہ هٿ پير ٿي ٿري ويا. هڪ هنڌ تي ڄمي ويس. منهنجو پتي جڏهين منهنجي بلڪل ويجهو آيو، تڏهين بلڪل آهستي آهستي چيائين، ”چورن وانگر ڇا لاءِ آئينءِ؟“

هاءِ رام! چور مان ڪئين ٿيس. ڌرتي بہ نٿي ڦاٽي! پر پتيءَ کي اکر بہ ڪئين چيم. پل زبان ڪجهہ چوڻ تي هريل ئي ڪٿي هئي. الاجي ڪيئن رستي تان ٿرندي ٿاٻرجندي اچي گهر پهتيس. پتي منهنجي ٻانهن، سس جي هٿن ۾ ڏيئي چيو، ”وٺي سوگهي ڪر، پنهنجي سگهڙ ننهن. محفل ۾ هلي آهي ڦوڪون ڇڏڻ.“

سس مرڪي چيو، ”ڏينهن ڇڙهيل اٿس، تڏهين هو ٿي هونديس.“

مگر پتيءَ جي منهن ۾ شور ڏسي مان تہ مرڪي بہ نہ سگهيس. ڪڏهن ڪڏهن دل چوندي آهي تہ دنيا جي انسانن کي جيڪر گلو ڦاڙي چوان، ”ائين نہ سمجهو تہ اسين هيسيل انسان، بي احساس آهيون. احساس اسان وٽ بہ آهن مگر چيخڻ جي همت ڪانهي، ظاهر ڪرڻ تي زبان هر پل ئي ڪانهي. ڪهڙي خبر اسان جو هيسيل هجڻ بہ توهان همت وارن جي ڪل، ٺٺولي ۽ حقارت سبب هجي.

ٻئي ڏينهن تي ميران اسان وٽان ٿي ويئي. جيڪا ٿوري گهڻي ڪوشش پتيءَ کي موهڻ لاءِ ڪئي هئم، سا بہ هاڻي ڇڏائجي ويئي. ڪنهن بہ ڳالهہ تي چت ڪيئن ورندو هو. سان ڪندي ڪڏهن صابڻ ڪين هٽندي هئس. ڪاڏي ۾ ڪابہ شيءِ سواد لاءِ ڪيئن ڪائيندي هئس. ائين پئي پانيم اندر ئي اندر ڪجهہ مري چڪو آهي. پر ائين انسان لاءِ جسم کي

جيئرو رکي ويٺي هئس.

نئين هستيءَ کي جنم ڏيڻ لاءِ به پيڪن ۾ وڃڻو پيو. گهر ۾ ڪرڻ وارو پيلا ڪير هو؟ پتي پنهنجو هجي ته هو سلامي ٿين. نه ته سس ۽ نران به پنهنجون ڪيئن هيون. پيڪن ۾ مون ته ڪنهن سان اندر جي ڳالهه ڪيئن ڪئي. ان هوندي به سپ ڪنهن وٽ اهائي ڳالهه ڪنيل هئي، ته منهنجي دل تي ڪو اهڙو بار آهي، جنهن جي هيٺيان وڃان پيئي دٻجندي. ان هوندي به سيڪو پنهنجيءَ ۾ ئي پورو هو. ڪوئي منهنجو خيال ڪري به ڇو؟ جنهنجي اڏ سرير ڇئي، دنيا جي سيٺي ماڻهن پاڻ کي آجو ڪري ڇڏيو هو. اهوئي منهنجو خيال نه رکي ته آخر ٻين کي اُنجي ڪهڙي پئي آهي.

ڪشوريءَ کي مون جنم ڏنو ته اميءَ پنهنجا ٻئي هٿ ڪٽي ڇاتيءَ تي هنيا. چي، ”ڌيءَ وري ڇا لاءِ پيدا ٿي؟“

ماسيءَ چيس، ”دادي، تون ناراض ڇو آهين. پهرين ڌيءَ پٽ سمان. جيئي شل گهوٽس ته پيئي پٽ به ڄڻيندي. اميءَ گهٽڪو ڪائي چيو، ”ڪڪي، هاڻي گهٽي ئي ڏسي ڇڪي آهيان اس ۾ اڇا ڪيئن آندا اٿم.“

منهنجي تن بدن کا نااميدي ويڙهي ويئي. اُن رات نئين هستيءَ کي ڇاتيءَ سان لائي دل ۾ انجام ڪيم ته هن ٻالڪيءَ کي مان سندس پيءُ کان به وڌيڪ پڙهائيندس. شادي ته اصل ڪين ڪرائيندا سين پلا شاديءَ ۾ رکيو ئي ڇا آهي؟

صبح جو پاپي مون لاءِ کير ڪنيو پئي آئي ته منهنجي پاءُ زور سان سڏي چيس، ”پهرين مونکي ڪپڙا ڪدي ڏي. سڄو ڏينهن انهيءَ جي نفري پئي ڪج.“

”هتي به ته پوري پاڻٽي آهي ڪيئن نه. امي ڏندڻ ڪرڻ ويٺي آهي ته الاجي ڪهڙا ڍڪر چڙهي ويا اٿس. پڇيس، هاڻي ڳٽيون ڪائي ڇا ڪندينءِ. اهو بار ڪٽڻ به نصيب ۾ پيو ته ڪٽي ڇتجو. ڪو ٻيجي ڪيئن ڇٽبو.“

هوءَ کير مون وٽ رکي واپس هلي ويئي. مون لاءِ هڪ عجيب حسرت ڇڏي ويئي. آسمان ۾ بادل ڪندا ٿي وڃڻ سان. جا گهٽ ٻوساٽ پيدا ٿيندي آهي، ساڳي منهنجي دل ۾ اچي پرگهٽ ٿي. بي اختيار هڪڙو سڏڪو نکري ويم، ”هن گهر ۾ هاڻي مان ڌاري آهيان. پر جو آهيان.“

استريءَ لاءِ شادي به جوئا جي آخرين داءَ مثل آهي. اگر ڊاروپ سنو پيو ته هوءَ ٻن گهرن ۾ هلنديءَ واري ٿي سگهي ٿي، جي نه. ته ٻانيڻ واري گهر ۾ به، سپ حق واسط وڃائي پراڻي ٿيو پوي.

مونکي خبر اهي، ان ڪانپوءِ سچا سارا ڇهہ مهينا مون ڪيئن گذاريا. پاءُ جي اکين جو رت ئي پيس. پاپي تہ رت ئي پراڻو هئي. تنهن هوندي بہ اها پرولي سلڻ ڏکي ئي پيم تہ پاءُ چو ٿو هر وقت ڦتڪار ڪندو رهي. منهنجي ڪشوري سندس ٻارن کان ڪوئي رانديڪو ڪسيندي هئي تہ هو خود ئي جهٽ هٽي ڪانئس اهو رانديڪو ڪسي وٺندو هو. مون ۾ تہ هڪ ڪن لاءِ بہ اهڙي همت نہ ئي سگهندي هئي، جو ڪشوري ڪنهن چيز لاءِ وڙندي هجي ۽ مان پاءُ جي ٻارن کان اها چيز کيس وٺي ڏيان. هاءِ! مان ان وقت ڇهن مهينن جي ابهم ڪشوريءَ کي چماٽون وهائي ڪڍندي هئس. هوءَ ٻاڪاريندي هئي. اَمي کيس ڪٽي هڪ نہ ٻي شي ڏيئي، وڏي واڪي، منهنجي ڀاڄائيءَ تي جلهہ ڪري اٿندي هئي. پر بابي ڪانپوءِ، ڪير سندس سهم سهڻ وارو هو؟ پاپي رڙيون ڪري، هٿ ڪٽي پائوءَ کي ٽپائيندي هئي ۽ هو مون ڏانهن اشارو ڪري چوندو هو. ”ساري جهڳڙي جي جڙ اها چنڊال جمنا اهي. مڙس رانديڪا وٺي ڏنا هئا، جي ڏيڻس کي نہ مليا، جو پڇري هلي آي ڇوريءَ مان ڪسرون ڪڍڻ“.

افمي تہ وقلي وقلي اندر جي باهہ ڪڍي وٺندي هئي پر مون کي تہ خبر هئي تہ اندر جا اُلا ٻاهر ڪڍڻ سان باهہ جو ڀنيٺ ٻري پوندو ۽ ان کي وسائڻ لاءِ پاڻي نہ مون کي ڪٿي بہ نظر نٿي آيو.

مان ٻوٽ ۾ ڪپڙو نوسي، اکين مان بارش ڪيرائي ڪنڌ پاسيرو ڏري پوندي هئس. منهنجا خواب مونتي کلندا هئا، ”ها ها ها ها، ڪشوريءَ کي تون پيار ڪندين؟ هوشيار ڪندينءَ؟ هچارڻ ڪٿي جي! “

مان اندر جي لوڇ کي ٻوساتي وجي ڪشوريءَ کي ڇاتيءَ سان لڳائي ڇڏيندي هئس.

هيڏو گهر ۾ طوفان اٿندو هو، مگر ان ۾ هڪ انسان اڏول ويٺو هوندو هو. اهو هو پاپيءَ جو پاءُ ليلو هون ننڍي هندي کان ئي اسان وٽ رهيو هو. وڏي ماتا بہ اسان وٽ ئي لنگهايائين. ان ۾ هڪ اک بہ وڃائي ويٺا. مان اڪثر ڪري ننڍي هوندي کيس ڪاڪو لالو چئي چيڙائيندي هئس.

هڪ طوفاني رات جو در درين تکا نوڪي پئي ڪئي. اَمي ڪنهن عزيز جي مرتبي تي ويئي هئي. پائو پاپي پنهنجي ڪمري م سمهيل هئا. مان دل ئي دل ۾ ڏاڍي پريشان تي رهي هئس. جيئن جيئن هوا ۾ تيزي ايندي ئي ويئي، تيئن تيئن منهنجي دل ۾ بلڪل گهٽي دڪ دِڪ ٿيڻ لڳي. مان ان کان بيزار تي روئي وينس. اوچتو ڇا ڏسان، ڪوئي منهنجا آنسون پيو اُگهي. مان سندس گود ۾ منهن وجهي ڏري پيس. مگر جان ئي متي ڪنڌ کنيم، نائنين ڇرڪي پرتي وجي ڪريس.

”جمني! ٻڌ نہ، مان ليلو آهيان.... ياد اٿيئي ڪنواري هوندي مون کي ڪاٺو لالو ڪري چيڙائيندي هئينءَ....“

دل جي ڌڙڪڻ سان چيم، ”اها ڪنواري جمنا تہ مري چڪي آهي.“

”دنيا ڀل انڌي هجي پر جن اکين سان تنهنجي دک ۽ پيڙا کي ڏسي سگهجي، اهي اکيون مون وٽ موجود آهن، جمني!“

”ليلا، مون سان همدردي نہ ڏيکار. تون هليو وڃ. توکي خبر ڪانهي، مان ڪهڙي نياڳي آهيان.“ مان ڌاهہ ڌاهہ ڀوڳڙا ڳاڙڻ لڳيس.

”مان رڳو چوانءِ ٿو، جيڪو پتي تنهنجي ڪاٻہ سار نٿو لهي، ان جي ياد ۾ تون هن طرح، پاڻ کي ڇو ٿي ڳاڙيندي رهين.“

”ليلا، ائين نہ چئہ. هو تہ پرش آهي. هو تہ نشپاپ آهي. منهنجي سار نٿو لهي تہ ڇا ٿيو. منهنجو تہ فرض آهي تہ مان ڪيس پنهنجي هر هڪ رڳ سان ياد ڪري، هيءُ استريپڻي جو پاپي چولو تاري ڇڏيان.“

”پاپ ۽ پچ جو فيصلو ڪرڻ واري وٽ، استريءَ پرش جا سنڌا ڪٿي آهن جمنا.“

”مان ڪيئن مڃان. ڪوتہ پاپ ڪيو اٿم، جنهن جو نتيجو ويٺي ڀوڳيان. نہ تہ پتيءَ جي سائي ڪان ٻہ ڇو وانجهجي وڃان ها.“

”ان ۾ پا پ جي تہ ڪائي ڳالهہ ڪانهي. موتيءَ شادي تہ فقط پئسن لاءِ ڪئي، نہ تہ هو هيترو پڙهيل ۽ تون اکر ٻہ نہ ڄاڻين، پوءِ پاڻ ۾ ڪهڙو پيار ٻجهندو؟“

”پر ان ۾ منهنجو ڪهڙو ڏوهہ؟ پاڙهيندڙ پاڙهين ها.“

”رڳو پاڙهيندڙن جو ڏوهہ تہ ناهي. سماج ئي اهڙي هوندي تہ ڇا ڪبو؟ مون ڏي نهار. مان ٻہ تہ ڏرجهڙو ئي اڌ پرهيل رهجي ويو آهيان.“ ليلي پنهنجو هٿ ڪٽي منهنجي مٿي تي رکيو. مان چرڪي پري ٿي ويس. دم تيزيءَ سان ڪڄڻ لڳو. اکين مان درياءُ پلٽجي پيو. ”تون هليو وڃ ليلا!“ ڏجهندي هڪ ليزاري ڪيم ۽ ليلو چمات ڪاڏل ٻارجيان پير پير ۾ ڪري هري هري هليو ويو.

ساري رات ٻاهر هوا گهوگهات ڪيو پئي لڳي ۽ اندر منهنجين اکين برسات وسائي وس ڪري وڌا. آڱرين کي موڙي موڙي پئي چوان، ”مونکي اڄ ڇا ئي ويو. ليلي جي گود ۾ منهن وجهي ڇو رنم. منهنجو عقل ڪيڏانهن ويو هو؟“ منهنجا جهونا سنسڪار مون تي ڦٽڪارون وجهي اندر ڏارڻ لڳا.

اڳي بہ ليلو گهر ۾ هو، پر مون تہ ڇڻ ڪيس ڏٺو ئي ڪينہ ٿي. هاڻ عجيب ماجران ڪڙي ٿي ويئي. ائين پئي پانيان. ساري دنيا هڪ ڏڪار جو ساگر آهي، جنهن ۾ هڪ ئي پيار جو ٽنيو ڪڙو آهي. پر ان پيار جي ٽنيي کي جهلي، هنن لهرن جي ڏکن کان بچڻ جو حق نہ مان وڃائي ويٺي هيس. پوءِ ڪيئن ان جي ويجهو وڃان؟

اهڙيءَ من جي هڻ پڇاڙ ۾ ويٺي هئس، جو ساهرن مان فقط چٺيءَ ٽڪر لکجي آيو تہ ”ورنديءَ جي شادي آهي ، تون اچ.“ مون هوا وانگر پچي وڃي پنهنجا ڪپڙا پيتيءَ ۾ وڌا. اَمي روئي ويٺي، ”ڌيءُ، جيسين ڪوئي ماڻهو چيٽو نہ ايو اٿيئي، تيسين ڪيئن ويندينءِ؟“

پاپي تہ اچي متي، ”اهڙو ساهرن کي ڏيکارڻو هوءِ تہ مائٽن وٽ پينگہ پيئي واڪا ڪري تہ پهرين آئينءَ چو ٿي؟“

پر منهنجي من جي حالت کي ڪير ڄاڻي؟ در ڪان نڪرندي نڪرندي ڄاڻي ورتم تہ هن گهر جو دروازو پاڻ لاءِ هاڻ هميشہ هميشہ تائين بند ڪري ٿي وڃان. پر مون کي الڪو ڪين ٿي ٿيو.

ساهرن ۾ منهنجو اچڻ ڪنهن کي ڪونہ وڻيو. پاڙي جي هڪ گهر سان ڪٽي رستو رکيم. انهن جي هڪڙي ڇوڪري ماستري ڪندڙ هئي. مان ڏر جي ڦوٽڙي ڪٽي پرت جو بهانو ڪري، پڙهڻ لکڻ سکڻ لڳيس. پر هاءِ ڙي قسمت!

هڪ ڏينهن ماسترياڻيءَ جي ڏاڏي اسانجي گهر لنگهي آئي. هوءَ منهنجي پتيءَ اڳيان چوڻ لڳي، ”چڱي سگهڙ ڪنوار ملي اٿيئي. ڇوڪرا سبي پري، وري لکڻ پڙهڻ تي بہ ويٺي مگج (مغز) ماري!“

منهنجي پتيءَ ٽنوليءَ پريو مرڪي، ڪٽي ڪنڌ ورايو آهستي چيائين، ”پيريءَ ۾ پڙهڻ جو شونق لڳو اٿس.“

مون اُن وقت پاڇي پئي وڌي، پر هنن اکرن تي هٿ جي آڱر بہ وٺي ويٺيس. رت جي ٽيندي نل ۾ ڏوئي، پنهنجي شڪل وڃي آرسيءَ ۾ ڏٺم. هاءِ رام! مٿي تي هيترا اڇا وار ڇو نڪري آيا هئا!

ان ڏينهن ٽپهڙيءَ جو پڙهڻ ويس تہ اکين مان پاڻي جهل ئي نہ ڏئي. ڪتاب ٽڪر ٽڪر ڪري، ڪٽي دريءَ کان ٻاهر اڇليم. من ۾ هڪ نئرتا جو پاؤ پرجي ويو. ڇي، ”جيڪو ڪڏهن مون مان راضي ٿيڻو ئي ناهي، ان کي راضي ڪرڻ جي ڪوشش چو ڪجي؟“

چندرا وٽ مان رگو لکڻ پڙهڻ ڪيئن سکندي هئس، پرڻ سڻ بہ سکندي هئس. چڱو ڪيم جو اهو ئي سکي ورتم. سنڌ کان لڏي آياسين تہ سکيو سهنجو ٽڪر بہ موڪلائي

ويو. منهنجي سس بہ مونکان موڪلائي ويئي ۽ پتي  ڪي هر ڏنڏي ۾ گهاٽو پوندو رهيو. ترين پر ٽيڻ وقت، اهو سبڻ پرڻ ٿي ڪتب آيم، نہ تہ منهن جي ابهم ڪشوري ڪهڙي وهہ وجي ها. پتيءَ ڪي بہ ڊوڊو ٿڦي تہ ڪارائي تي سگهيس. هڪ ڏينهن سرهي منهن چيائين، ”جيڪو ڪجهہ پئسا هجن تہ بامبي هليو وڃان. بامبي جو شهر تہ گذاهہ لڳو پيو آهي. چار ڏوڪڙ ڪمائڻ جو ڪونہ ڪو طريقو طريقو لڀي پوندو.“

مان من ئي من ۾ ٽري پيس. شايد راڻو ريڏو آهي. چرچ مان وڃي رهيا  ڪهيا مٽيا ڪٽي آيس. پر جڏهن ڏٺم، منهنجا مٽيا هو اپنائي سگهيو ٿي، پر مون ڪي اپنائي نٿو سگهي، تڏهن من ۾ ڪلي چيم، ”واهہ ڪيڏو نہ عقل!“

مگر سچ پچ عقل جي جڏهين جاڻ پيم، تڏهن تہ ڇهہ ئي ڇڄي پيا. هو تہ بامبي هليو ويو تہ موڪلاٽي نہ چوڪلائي پر سندس پتيان سندس دوست جي هڪ چٺي آئي. هن لکيو هوس، ”توکي لکيم تہ سهين تہ سرلا منهنجي گهر کان ٿورو پري رهندي آهي، پوءِ ڪيئن ٿو پڇين تہ بامبي ايندين تہ مان توکي هن جو ديدار ڪرائيندس يا نہ. ديدار تہ دوست پاڻيهي پيا ٽيندا. جي تون منهنجي صلاح مڃي تہ سڏو سندس گهر وڃي لهہ.“

خط ۾ بيون بہ ڪيتريون ڳالهيون هيون. خط پڙهندي ئي اچي چاتيءَ ۾ سور جي سوُٽ اُپري. ائين پيئي سمجهان، چاتيءَ تي مڻ بار جا رکجي ويا آهن. دم ۾ جا تيزي شروع ٿي ويئي آهي، اها تہ شايد انگ سنگ هلندي، پر هاڻ هيڏن ڏکن ڪاڏل دل بہ زور زور سان پيئي ڌمڪ ڪري، پنهنجي هجڻ جي وڏائي ڏيکاري.

اوچتو هڪڙي راهہ سجهي آئي. سرلا جي ائڊريس تہ هوتوءَ جي خط ۾ پئي هئي. سوچيم، هڪڙو خط چو نہ لکي موڪليانس. آخر هڪڙيءَ منهنجو سوال تہ ڪونهي. ڪشوري بہ تہ آهي نہ. سرلا من ماتا جو پلو سمجهي سگهي پر هوءَ ماءُ نہ ٿي ئي ڪانهي..... مگر اندر وارو چوي، ماتا تہ هر استريءَ جي اندر ۾ ٽيندي آهي. ليڪن هڪ استري پنهنجي پتيءَ ڪي پائڻ لاءِ سندس پريتما ڪي پلئہ وجهي! پلا..... ان ڪان وڏيڪ صدمي جهڙي بہ ڪا ڳالهہ ٿي سگهي ٿي.

پر چيم ڪين، هر استريءَ جي اندر ماتا لڪل رهي ٿي. سو ڪشوريءَ جي مامتا لاءِ هر صدمي سهڻ لاءِ تيار ٿي ويس. سرلا ڪي خط لکيم. هن جو جواب منهنجين اميدن کان گهٽو گهٽو وڏيڪ نڪتو. هيل تائين تہ سوچي ويٺي هئس تہ استري ئي استريءَ ڪي دکي ڪري ٿي مگر اڄ ائين نٿي سمجهان. هونءَ تہ هر استري ڪي پتيءَ جي پريتما لاءِ حسد ئي رهندو آهي، ليڪن منهنجو هن خط سبب سرلا سان پيار آهي. هن لکيو ”تنهنجي شاديءَ ڪانپوءِ، هڪ ڪن لاءِ بہ موتيءَ ڪي مون پنهنجو ڪري ڪين سمجهيو آهي. پر هن خط ڪانپوءِ هن ڪي

مان هڪ رشتي پنهنجو سمجهنديس. ٻڌنديءَ جمنا، اهو ڪهڙو رشتو آهي؟ هاڻي تون منهنجي پيڻ اهين. مان پنهنجي پيٽوئي ڪي ڪتي ٻه ڏسنديس ته منتون ميڙون ڪري، چا ٻه ڪري، تو پيڻ وٽ واپس موٽائينديس.“

هن ته ٻيون ٻه گهٽيئي دل ڪنپيندڙ ڳالهيون لکيون هيون پر انهن سيني ۾ هڪ ئي منتو اکر ”پيڻ“ منهنجي تن من تي ٺار وجهي ويو. ليلي ڪانپوءِ شايد هيءَ ئي هڪ هستي هئي، جنهن مون ڪي هن طرح بي مطلب پيار ڏنو هو.... آلا! هي سڀ ڪجهه ٻڌائيندي ڪيڏي نه ڪنگهه تي چري.

# ســـرلا

موتيءَ کي پنهنجي گھر ۾ ويٺل ڏسي مان ته واڳڙي تي ويس. ”اج ئي موتيءَ جي خالي ڪيل سنگھاسن تي ناراڻ کي وهڻ جي اجازت ڏني اٿم ۽ اج ئي موتي اچي پر گھٽ ٿيو آهي!“ پر دل ۾ ڪنهن به ڪمزوريءَ کي اچڻ ڪيم ڏنم. ڪڙي ڪڙي چيم، ”نمستي.“ جڻ هو صفا ڏاريو هو.

موتي بابا سان ڳالهيون ڪري رهيو هو. مان وڃي اَميءَ کي ڪم ۾ وٺائڻ لڳيس، پر الاجي ڪهڙيءَ گھٽ ٻوسات اچي دل کي ورايو. شايد انجو ڪارڻ به ٻڌائي سگھان. گھر جو ڪم ڪار ڪندي، ذري ذري ائين پئي محسوس ڪيم، گويا موتيءَ جن نظرون منهنجو پيڇو پيئون ڪن. ٻانهن جون ڳاڙهيون ڪنگڻيون، گھڻ گھڻ پيئون ڪن ته موتي انهن ۾ نهاري پيو. پريتم جون نظرون هن طرح سان هلنديون ڪن ته زندگيءَ ۾ انوکي راحت پرجي وِيندي آهي، پيرن ۾ بنا نورن به نچ نچ اچي ويندي آهي. مگر مون هڪ ئي جواب سان سيني اُمنگن کي سهمائي ڇڏيو چيم، ”هو جمنا جو پتي آهي سرلا، نه تنهنجي پريتم.“ ۽ قدمن کي محڪم ڪري هلندي رهيس. پر دل اندر ڏاڍي اچي مونجهه متي. اميءَ کي چيم، ”مان پاڙي منجهان رتنا جي گھران ئي ٿي اچان.“

ويندي ويندي هڪ نظر موتي تي وڌم ته مونکي ڪل اچي ويئي. هن جو چهرو، هڪ سهم ڪاڏل ٻارجيان پئي لڳو.

مان جاڻي واڻي دير سان گھر موٽيس. سمجهيم ته موتي وڃي چڪو هوندو. پر گھر اچي جيڪي ڏٺم ته ان ذري گھٽ منهنجا اوسان ئي خطا ڪري ڇڏيا. موتي بلڪل نهي نڪي وينو هو. اچا ڪپڙا ڍڪي، کٽ تي آهليو پيو هو. هنجي واپس وڃڻ جو ڪوئي ارڪان ڪانه ٿي نظر آيو. دل ۾ پئي چوان، ”هو هتي رهڻ لاءِ آيو آهي؟ پر به چو؟ هيتري حجت ڪهڙي سڳان هلي آهي.“ عجب ته ان ڳالهه تان ئي لڳم ته بابي ڪيئن هڪ ڏارئي شخص کي گھر ۾ رهڻ ڏنو هو.

ڪائي پي رهڻ تي اميءَ چيو، ”پت موتيءَ جو هنڌ بابهن جي کٽ پاسي ، جيڪو لوهه جو پلنگ آهي، انتي وڇائج.“

منهنجي من جي آتر ويلا اکرن جو روپ وٺي ٻاهر نڪري آئي، ”موتي هتي ٽڪندو ڇا اَمي؟“

جواب بابي ڏنو، ”موتي وشني جو بہ دوست ٿئي، سو پٽن سمان ٿيو. شهر جي هوٽلن جي تہ خبر اٿيئي.... بہ چار ڏينهن سک سان شهر ڏسي وائسي، پوءِ ڪا جڳهہ وٺي وهندو. هاڻي هميشہ هتي رهڻ جو ويچار اٿس.“

مان ڪنڌ هيٺ ڪري هنڌ تاهڻ لڳيس. ليڪن سمجهہ ۾ ئي نہ پيو اچي تہ بابو اهڙو اُدار دل ڇا لاءِ ٿيو هو؟ اهڙي قسم جا ڪيترا خيال ڪندي ٽيبل لئمپ ٻاري، وجي پڙهڻ ويٺيس.

موتي ٿورن منٽن لاءِ ٻاهر ويو تہ اَميءَ ڪرڙيءَ سهم سان، اچي بابي کي چيو، ”مان ڪين اهي ڳالهيون ٻڌندي سانءِ، سياڻي پنهنجو ٽيڙ ٽائجانس. منهنجي سريءَ لاءِ بہ ڪو گهوٽ جائو هوندو، هاڻي ڪين جمندو. پرائي ڇوڪري کي گهر ۾ رهائي مونکي دنيا جي سٽيتي ڪيئن ڪٽي آهي.“

”اڙي پڳلي، دنيا دنيا ڪري منجهي پئي آهين. ڇوڪري هيڏي وڏي ٿي ويئي آهي. تنهنجي دنيا بہ چار هزار ڪٽي تہ ڪونہ ڏنا اٿيئي. جيڪو ڇوڪرو گهر وٺي ورڌانا موڪليو آهي، انکي بہ ڪيڏي ڇڏيان تہ ڏيءُ کي اجا سنڌي آچار ڪنديئن ءَ ڇا؟“

اَمي ڏاڍي هڏ ٻڌ ۽ مونجهاري ۾ اچي چيو، ”ائين تہ مان بہ ڪرتار کي چوندي هئس تہ ڪو گهر ڀچي منهنجي ٻچڙيءَ کي ور ڏجانءِ، پر من الاجي ڇو پيو منهنجي.“

”تنهنجو تہ سڀ سڀ ڳالهہ ۾ من ٿو منجهي. چوي ٿو تہ زال بہ مري ويئي، ٻار ٻچو بہ ڪونهي. ڏيتي ليتيءَ جو بہ دشمن آهي.....“

ايتري ۾ موتي اچي ويو ۽ ٻنهي ڪٽي چپ ڪئي. گهر ۾ عجيب سناٽو ڇانئجي ويو، جنهن ۾ ظاهري تہ سڀ چپ هئا، مگر دل ۾ شايد هر ڪو ڳالهائي رهيو هو. مان بہ سيني کي پٽي ڏيو، ڪتاب کولي ويٺي هئس، سو ڪتاب ئي مون لاءِ بند ٿي ويو. ظاهري کليل ڪتاب تي منهنجي حياتيءَ جا اڳيان چتر ڦرڻ لڳا. ڏيري ڏيري مان هڪ سپني ۾ لين ٿي ويس..... گلن ڦلن سان سجايل پوڄا جي ٿالهي ڪٽي، بئجنتي رنگ جي ساڙهي پائي، مان ڪنهن ديوتا جي پنيان پنيان وڃي رهي هئس. هن هڪ وار منهن ورايو تہ ڇا ڏسان، اهو موتي آهي. مون سندس پير پڪڙي مون ٿي ۽ گلاب جا گل ڪٽي مٿن پيٽ چاڙهيا. عين ان مهل ڪا هيرن سان جهنجهيل اپڇرا، وٺي4 کي هٿ کان ڇڪڻ لڳي ۽ موتي پوڄا جي ٿالهيءَ کي پير جي ٺوڪر سان اونڌو ڪري هليو ويو. مان ڪاڏيءَ تي آگر رکيو، اکين مان نير وهائيندي، ان پٽ تي پکڙيل سامگريءَ کي ڏسندي رهيس. هري هري، ڪوئي ون تان لهي آيو. پشپن جي پنکڙين سان منهنجا ڳوڙها اگهي پوڄا جي سامگري ميڙي ٿالهيءَ ۾ رکڻ لڳو. ويجهو اچي، ڏاڍي ڦرب سان منهنجو هٿ ڪٽي، پنهنجن اکين ئي رکيائين. مون

چيو، ”ڇو؟“ هن چيو، ”تون مونکي وڻي ٿي.“

مون چيو، ”هان؟ تڏهن مان هي ڳل تنهنجن قدمن تي چڙهائيندي‎س. پر اگر بتيون ته وسامي ڇڪيون آهن ۽ آرتيءَ جا ديپ به اجهامي چڪا آهن.“

هن مونکي هٿ کان اُٿاري، ڇاتيءَ سان جڪڙي چيو، ”پوڄا کي رهڻ ڏي، مان ڪو ديوتا ٿورو ئي آهيان. مان تنهنجو همسفر آهيان. رفيقا! هن جهنگل مان هل ته ٻئي ڳڏجي ٻاهر هلون.“

۽ پوءِ مون ڏٺو جنهن جنهن وڻ هيٺان نارائڻ ۽ مان لنگهي رهيا هئاسين، تنهن تنهن وڻ مان گلن جي ورکا پئي ٿي!....

مان ڪتا بند ڪري اُٿي ڪڙي ٿيس. سامهون پلنگ تي موتي سمهيل هو مان دل ئي دل ۾ هڪ فيلو ڪري، وچي چٽائي تي اميءَ جي پاسي ۾ ليٽيس. هوءَ اڃا تائين جاڳي رهي هئي. اهڙي پيار سان ٻانهن ورائي مون کي ڇاتيءَ سان لڳائي ڇڏيائين، جڻ اڄ ئي ڪانئس وڇڙي واري هئس. منهنجين اکين ۾ پاڻي تري آيو. بابي کي بلڪل ٿوري پينشن ملندي هئي ته به هڪ اَن اپائيندڙ اَنپورنا هنن جي ڪلهن تي بار هئي!

صبح جو آفيس وڃڻ لاءِ تيار ٿي رهي هئس ته موتي چيو، ”گهڻي بجي واپس ايندينءَ؟“

”شام جو ڇهه اڃي لڳندا آهن. اڄ شايد وڌيڪ دير سان اچان....“

”ڇو“

”هڪڙو ڪم آهي.“

موتي چپ ٿي ويو.

مون رات جيڪو دل ئي دل ۾ فيصلو ڪيو هو، ان کي عملي جامي پهرائڻ لاءِ، سڄو ڏينهن آفيس ۾ وجهه ڳوليندي رهيس. ڪم ته بلڪل ڏکيو هو. صدين کان پرش اڃي استريءَ کان پڇندو آهي، ”تون منهنجي جيون ساٿڻ ٿيندينءَ؟“ ته به هوءَ بند زبان سان نظر جهڪائي، تن بدن جي ڪلڪلاهٽ کي فقط هڪ مرڪ جي ريکا ۾ ظاهر ڪري، پنهنجي رضامندي ڏيکاريندي آهي. اڄ ان صدين جي روايت کي ڇڏي، نارائڻ کان پڇڻو هوم، ”منهنجي زندگيءَ جي سفر جو ساٿي ٿيندين.“

ليڪن جڏهن نارائڻ اڪيلو مليو، تڏهن فقط ايترو ئي چئي سگهيس، ”شام جو منهنجي گهر هلندين نرائڻ؟“ هن ڪنڌ ڌوڻي ڪيترا ڀيرا ها، ها، ڪئي. وري زبان سان به چيائين، ”ضرور هلندس“ ۽ اکين جي پنبڻين کي سوڙهو ڪري مٺڙ مٺڙ مرڪي، منهنجي

اکين تي شرم جو بوجو اُڇلي ڇڏيائين.

شام جو نارائڻ کي گهروٽي آيس تہ ڏسان، موتيءَ جو منهن هڪدم رنگ ڇڏي ويو. بابا کي چيم، ”هي نارائڻ آهي، جنهن جون مان توهانکي ڳالهيون ٻڌائيندي آهيان.“ بابو ڏاڍي ڪيڪار سان اٿي گڏيس. موتي 4 سان نارائڻ پاڻيهي هٿ ملايو. امي کي بہ ”امي نمستي“ چئي اهڙو پنهنجائيءَ سان گڏيو، جو امي ڪيتري دير ڪيس ڏسندي رهي.

بابي چيو، ”موتي، هن ڇوڪري جا خيال بلڪل ترالا اٿئي. سرلا گهڻيئي پيرا هن جا خيال مون کي ٻڌائيندي آهي.“

موتيءَ ڦڪي ڪل چپن تي آڻي، نارائڻ ڏانهن ڏسي چيو، ”اَڇا!“

اُن هڪ اکر ۾ ڪيڏو چرڪ لڪل هو، اهو مون کان ڳجهو ڪين رهيو. نارائڻ ڏانهن ڏسندي بابي جڻ اڌ ۾ ڇڏيل ڏر ڏائيندي چيو، ”پر توهان جوانن جي اها ڳالهہ مون کي سمجهہ ۾ ڪين ايندي آهي تہ ماڻهو سڪي تڏهن رهندا جڏهن سندن رواجي گهرجون پوريون ٿينديون. ٻچا، من اهڙو بي ايمان آهي، جو سندس گهرجن جو ڳاڻاتو ئي ڪينهي. گهرجون تہ ڪڏهن پوريون ٿين جون ئي ڪينهن. مان ٿو چوان، ان کان تہ سيني کي شاستر پڙهايو تہ پاڻ کان پاڻيهي سندن حياتي سکي ٿي پوندي.“

”ليڪن هتي 80 سيڪڙو ماڻهو تہ لکڻ پڙهڻ ڄاڻ ئي ڪونہ. پوءِ شاستر يا ٻيو ڪجهہ بہ ڪيئن پڙهن؟“

”اها ڳالهہ توهانجي رءِ جهڙي. مان تہ چوندو آهيان تہ ڪاڏي پيتي کان بہ علم وڌيڪ ضروري آهي.“

مون چيو، ”بابا، هينئر گرديو ۾ برهمڻ تہ ڪونہ ويٺا آهن، جي مفت پڙهيائين ۾ هر ڪو فين جا ڳاتي پڳا خرچ بہ تہ نٿو پري سگهي.“

”اهو تہ سرڪار کي بندوبست ڪرڻ گهرجي، جا سيني کي مفت تعليم ڏئي. آخر پنهنجي ئي سرڪار تہ آهي.“

نارائڻ جي چهري تہ پرسنتا جي مرڪ ڦهلجي ويئي. چيائين، ”اسين بہ اهوئي تہ چئون ٿا تہ تعليم روزگار، اجهو ۽ علاج هر انسان کي سرڪاري طور ملڻ گهرجن.“

بابي ڪنڌ لوڏي چيو، ”نہ نہ اتي وري توهين پلجو ٿا. سڀ ڪنهن ماڻهوءَ کي جي روزگار وغيره ملي ويو تہ نڪا غريبي هوندي، نڪا بک ۽ پوءِ ماڻهو تہ پگوان کي ميڻ ئي ڇڏي ڏيندا.“

”توهين چاهيو ٿا تہ بک ۽ بيروزگاريءَ جي نرار جهڙي ٽڪي ڏار تي چاڙهي ٿي ماڻهن کان ڀڳوان مڃايو وڃي؟“

”هائو پٽ، ڀڳوان کي ڏيائڻ ڪانسواءِ نيتار ٿي ڪونهي. انسان ڀلا ڪري ٿي ڇا ٿو سگهي؟ قدرت جنهن کي جيئڻ پيدا ڪيو آهي، تنهن کي تيئڻ ئي رهڻ ڏيو.“

”قدرت تي ڀاڙي وهڻ رڳو ڇٽبو آهي، پر انسان قدرت تي ڀاڙي ويٺو ٿي ڪينهي. جي اٿين هجي ها تہ ماڻهو اِس طوفان کان بچڻ لاءِ 3 گهرٿي ڪين جوڙين ها، تڏ کان بچڻ لاءِ ڪپڙا بہ ڪين ڍڪين ها.“

نارائڻ وراڻيو.

بابو ذرا خفي ٿي ويو. چيائين، ”اجايو ٿا مٿو هڻو. قدرت جڏهن انسان کي سمجهہ ڏني، تڏهن تہ انسان گهر جوڙي سگهيو ۽ ڪپڙا ٺاهي سگهيو.“

مون کلي چيو، ”چڱو بابا، هينئر بہ اٿين ڪٿي سمجهو تہ قدرت انسان جي من ۾ وڌو آهي تہ هر ذري ذري ڪم لاءِ ڀڳوان کي نہ ستائي، پاڻ تي ڀاڙي هن ڌرتيءَ کي نرڳ مان ڦيرائي سرڳ بڻائي.“

بابي کي الاجي ڇو ڪا ڳالهہ دل سان ئي نہ ٿي لڳي. وري بہ ڪنڌ لوڏي چيائين، ”ڌرتي تي ڪڏهين سک اچڻو ئي ڪينهي.“ پر نارائڻ سانتيڪي نوع ۾ چيو، ”سک آيو آهي يا نہ اهو تہ زمانو ثابت ڪري رهيو آهي. اسان تہ سک لاءِ ڪوشش ڪندو ئي رهيو آهي ۽ ڪامياب بہ ٿيندو رهيو آهي.“

اَمي چانهہ ڪٽي آئي. سڀ چانهہ پيئڻ لڳاسين. ان ڪانپوءِ بہ ڪجهہ وقت نارائڻ جي نوڪري وغيره بابت ڳالهيون ٿينديون رهيون. موتيءَ ذرا ٿنولي 4 سان چيو، ”وڏي شهر ۾ نوڪريءَ وارن جو تہ حل ئي ڪونهي. ويچارا سوا سو، ڏيڍ سئو رپين مان مائٽ پاليندا ڪين زال پاليندا.“

نارائڻ، فقط موتي جي منهن ۾ نهاريو ۽ چپ رهي.

مون بلڪل ڌيمي آواز ۾ چيو، ”اڄڪلهہ تہ زالون بہ پيئون ڪمائين.“

موتيءَ جو منهن هڪدم پيلو ٿي ويو. نارائڻ اُتي ڪڙو ٿيو. مان هنکي در تائين اُبرائي راڳ جي ست ڳائيندي ڪمري ۾ اندر آيس ۽ ڪتاب ڪٽي وڃي پڙهڻ ويٺيس.

جيئن نارائڻ ويو هو، تيئن بابو دريءَ کان نهاري، اُلاجي ڇا ڇا سوچي رهيو هو. پر موتيءَ شايد هڪ ڪن لاءِ بہ مون تان نظر نہ هٽائي هئي. مون کي موتيءَ تي سچ پچ رحم اچڻ لڳو.

دل وٺڻ لاءِ چيومانس. ”موتي تون گهر ۾ وينو وينو اُباڻڪو ٿيو هوندين.“

”اڳي پيلا ڪڏهن سڏو جواب ڏنئه. جو هينئر ڏيندين؟“ مان چئي ته ويس پر مون کي خود اها ڳالهه ڪيئن وڻي. ڇاڪاڻ ته همدردي جتائيندي، هڪ قدم اڳتي وڌي ويئي هئس ۽ نتيجو هڪ ڪن ۾ ٿي ظاهر ٿي ويو، جو هميشه ڪان ٿيندو آيو آهي. عورت همدردي ڏيکاري ته مرد ان کي وڏي معنيٰ ڏيئي ڇوي ”وٺ، هاڻ ڏيرو ٿي تنهن جي ميزوٽ ۽ پيءَ ڪرسيءَ تي ويهي رهيو. ميز تي شعرن جو ڪتاب رکيو هو. چيم، ”موتي، توکي شعرن سان دل آهي نه. هيءُ ڪتاب پڙهندين؟“

هن ڏکو ساهه کڻي ڏاڍي ناٽڪي ڍنگ ۾ چيو، ”ڪوتا، سجيو روپ ۾ اڳيان براجمان هجي ته ڪتابن مان ڪيئن پڙهبي؟“

مان ڪتاب موتيءَ جي هٿن ۾ ڏيئي، اميءَ کي روٽي ڪرائڻ هلي ٿي ويس ته پٺيان موتيءَ آهستي سڏيو، ”سرلا.“ منهن ورائي چيم، ”ڪجهه چوڻو هوءَ موتي؟“

هن مرڪي چيو، ”جو توکي ڪجهه چوڻ لاءِ به هاڻ تو کان اجازت وٺڻي پوندي؟“

مان ٻئي اکيون کڻي واٽڙي ٿي سندس ڇهري کي تڪڻ لڳيس.

هن ڪنڌ هيٺ ڪري چيو، ”اڪيلو ڇڏي ڇو ويئينءَ، جو پڇين ٿي، گهر ۾ وينو وينو اُباڻڪو ٿيو هوندس؟“

مان ٿوري دير لاءِ ٻيهي رهيس. پوءِ چيم، ”موتي سياڻي موڪل آهي. اسانجي آفيس جا ڇوڪرا ڇوڪريون ايڪسڪرشن تي هلندا. تون به هلج. من بهلجي ويندءِ.“ ائين چئي، مان تڪڙي تڪڙي، اميءَ کي روٽي ڪرائڻ هلي ويس.

صبح جو سرپل اٿي مان ايڪسڪرشن لاءِ ڪاڏو تيار ڪرڻ لڳيس ته ساهيڙيءَ رتنا هراسيل نگاهه کڻي، اندر لنگهي آئي. هيڏانهن هوڏانهن نهاري ڪجهه شڪجي شڪجي چيائين، ”رڪيءَ جي گهوٽ جي نرملا سان مائٽي پڪي ٿي ويئي اهي. پرينهن اجميرو وڃي شادي ڪندا.“

منهنجون ته پوريون ويلن ئي بند ٿي ويون. امي رتنا جي ڳالهه ٻڌڻ لاءِ وارن کي ڇنڊيندي رڪجي ويئي هئي. رتنا واري ڳالهه ٻڌائيمانس ته زور زور سان وار ڇنڊڻ شروع ڪري چيائين، ”مئن جي ڏکڙي تي لهي ويئي آهي. ڪو جهلڻ پلڻ وارو ئي ڪونه اٿن.“

رتنا چيو، ”رڪيءَ ته جيئن اها ڳالهه ٻڌي آهي، تيئن سندس اکين مان ڳوڙها پيا وهن ته ڏند ڪڏيو پيئي به ڪلي. مون چيومانس ته هيڏو پئي ڪلين، سو تنهنجو ئي ڏوهه هوندو ته پلڻ وڏو ٺهڪ ڏيئي ٿي چوي، ”سو چا سو چا، گدرو ڪري“ ڪاتيءَ تي ته به گدرو متو، ڪاتي

ڪري گدري تي تہ بہ گدرو منو.“

بابي چيو، ”اها، رکي جا ڪلندي ڪلندي پئي روئي سا پڪ ئي پڪ چري ٿي پوندي يا زهر کائي مرندي.“

منهنجي بدن مان هڪ ڏڪڻيءَ جي ڏار لنگهي ويئي، چيم، ”زهر ڇو کائي. تنهن کان پاڻ ڇو نہ ٻي شادي ڪري ڏيکاريس.“

”ٻڍِءِ موتي، نئين زماني جا خيال.“ بابي چيو.

”پر بابا، جتي زال مرد جي وچ ۾ لڳن ناهي، اتي اگر مرد جي ٻي شادي ڪري تہ زال کي اڙهو نہ ٿيڻ گهرجي.“ موتي چيو.

مونکي يا تہ وٺي ويئي. چيم، ”شخص خود غرضي...“

”پرئي جهاز پراڻي جهرڪي. تنهنجو ڇا وڃي، تون ڇو ٿي تپين؟“ اميءَ اچي مون کي ٻانهن کان ورتو.

مونکي ڏاڍا خار هئا. موتيءَ کي چيم، ”ڇو زال بہ ڇو نہ وڃي ٻي شادي ڪري. شادي تہ اهڙو ناتو آهي جنهن کي ٻہ جيو گڏجي جوڙين ٿا. پوءِ هڪڙو پاڻ ڇڏائي وڃي ۽ ٻيو ان ناتي جي ڪڙين ۾ تڙقي تڙقي پران ڏئي، اها ڪهڙي انسانيت آهي؟“

موتيءَ بہ ذرا خارن ۾ چيو، زالون بہ وڃي ٻي شادي ڪن، ڪي روڪين ٿوروئي ٿو.“

مون صندلي تان اُٿي موتيءَ لڳيان وڃي چيو، ”ڪهڙو تہ سٺو ٿئي، جي تون رکيءَ جهڙي ڇوڪري وٺين؟“

موتيءَ زبان سان اکر بہ ڪونہ ڪڇيو. پر ائين ٿي لڳو، ڄڻ مون سندس ڳچيءَ ۾ ڦاسيءَ جي تو ڙي ڪڻي وڌي هئي. اکيون ڳاڙهيون ٿي ويس لونڊڙين وٽ رڳون ظاهر ٿي پيس. پهريون ئي پيرو. مون سندس اکين ۾ پاڻ لاءِ حقارت جو جذبو ڏٺو.

بابي ڪڙو منهن ڪري چيو، ”ٻار آهين ٻار. جا ڇوڪري هڪ پيرو شادي ڪري چڪي، اها ئي جوئيءَ پاتل سمان.“

”۽ جيڪو مرد هڪ پيرو شادي ڪري چيو آهي، اهو؟“ منهنجن اکرن تي موتيءَ جو سرير ڏڪي ويو ۽ پاڻ سنڀالڻ جي بيحد ڪوشش ڪندو رهيو تہ بہ آلاجي ڇو سندس چپ ڦڙڪي رهيا هئا.

رتنا هيترو وقت مات ۾ ويٺي هئي. هاڻ وڃڻ لاءِ اٿي بيٺي. ڏکو ساهہ ڪڍي چيائين، ”عجيب ماجران آهي. ايتري کي مجبور ڪيو وڃي ۽ پوءِ بہ چئجيس، مجبورين ۾

ڙڦندي ئي زندگي ختم ڪري ڇڏ. خير، سرلا تون سياڻي آفيس ڪان موٽندي استري. سيا ۾ ضرور اچج.“

رتنا تہ هلي ويئي، مگر منهنجن اکين اڳيان رکيءَ جو چهرو ڇڏي ويئي. اجا ڇهہ مهينا اڳ تہ رکي اسانجي آفيس ۾ آئي هئي. معصوم سريلي شڪل، جنهن کي دک ۽ مايوسيءَ جڻ ڪومائي ڇڏيو هو. هاڻ مس وجي پاڻ کنيو هئائين. ڪتاب تہ ايترا پڙهڻ لڳي هئي، جو سمجهہ ۾ ايندو هو تہ هوءَ ڇوڪري ئي ڪنهن اوچي عرش جي ٿيندي تي وجي. رفتہ رفتہ بحث مباحثي ۾ بہ ڀاڱ وٺڻ لڳي هئي. پر مونکي دک فقط ان ڳالهہ جو ٿي رهيو هو، جو رکي، اها آس لڳائي ويٺي هئي تہ گهوتس ضرور هڪ ڏينهن ڪيس وٺڻ ايندو. چوندي هئي، ”مان بلڪل بي قصور آهيان. هن کي جنهن وت ٻوجهہ پوندي تہ مان بلڪل سڌي سادي هجڻ سبب تي قصور وار ليکي ويئي هئس، تنهن وقت هو ضرور ايندو. ڀلا مون کو ڪيس گهٽ پيار ڏنو آهي ڇا؟ ايڏي پيار کي ڪوئي مرد ٺڪرائي نٿو سگهي.“ ليڪن اڄ گهوٽس جي شاديءَ جو ٻڌي، رکيءَ جي وشواس جا شيشا ڪيئن نہ چُور چُور ٿي پيا هوندا!

”اڙي تون اڃا تيار بہ ٿيندينءَ ڪيئن نہ. ماڻهين، پوريون بہ تري ورتيون. اُتي پاڻ موتيءَ کي بہ ايڪسڪرشن تان گهمائي اچ.“ بابي جي آواز مونکي سجاڳ ڪري ڇڏيو.

بابي جي هن اُدار دليءَ جي تهن ۾ ڇا لڪل هو، سو مون کان ڳجهو ڪيئن رهيو. ان هوندي بہ سوال ڀري نظر ڪٽي بابي ڏانهن ڏٺم تہ چيائين، ”پڙهيل ڌيءَ پٽ برابر آهي. مهمان جي خاطرداري تہ ڪرڻي ئي آهي نہ پٽ!“

مان مات ڪري ويٺي رهيس. امي چي متي. ڪڪ تي چيائين، ”هن ڇوڪريءَ کي پاڻ ٿورو ئي ياد آهي. هاڻي رکيءَ جو مڙس ڪيئن ٿو ٻي شادي ڪري، پر ڍڪر اسانجي گهر کي ڇڙهيا آهن.“

اميءَ جي هنن اکرن مونکي ڏاڍو دکي ڪيو. چيم، ”امي استري ئي استري جي دک ۾ دکي نٿي ٿئي، تڏهن تہ هن طرح جا قصا روز روز وڏن ٿا. تنهن ڪانسواءِ جنهن استري – سيا جي مان ميمبر آهيان، ان ۾ هن طرح جي مسئلن تي سوچي سمجهي، ڪجهہ قدم بہ تہ ڪٽو آهي.“

بابي کل دٻائي چيو، ”ٻڌءِ موتي! سرلا زالن جي سک جو ذمو کنيو آهي. هاڻي ڪٺلي ٿي پهاڙ کي پنيءَ تي کٽي!“

”بابا ڏسو، چرچي جي ڳالهہ ناهي. استريون جيڪڏهن يڪمشت ٿي، هڪ ٻئي جو دکہ

هٿائڻ چاهين، ته سچ پچ، گھڻو ڪجھه ڪري سگھن ٿين.“

مان موتيءَ کي وٺي ايڪسڪرشن تي هلي آيس. مون ڪانسواءِ ٻيا سڀ ساٿي ”جھُو ٻيچ“ تي پهچي ويا هئا. هيترن خوش خوش مهاندن وچ ۾ رڪيءَ جوئي اداس چهرو ڏسي، منهنجي دل روئي ويئي. رڪيءَ جي ڳلي ۾ ٻانهون وجهي چيم، ”تون ڏک متان ڪرين، رڪي!“

هوءَ اکيون مٿي ڪٽي مونڏانهن ڏسڻ لڳي. سندس اکين ۾ ڪڏي نه چمڪ هئي. ڪيڏو نور پئي ٻريو!

مون ته رڪيءَ کي سدائين مٺي ۽ سباجهي سيلو واري ڇوڪريءَ جي روپ ۾ ئي ڏٺو هو. البت ڏک ۾ ٻڏل سو لڳندي هئي. پر ڪلهوڪو ڏک سهڻ ڪانپوءِ به نڪي زهر ڪاڏو هئائين، نڪي پاڳل ٿي هئي، پاڻ منجهس هڪ چيتنا پئي نظر آئي. جيئن ڪوئي گنگا نهائڻ کان پوءِ صاف اوجل ٿي ويندو آهي. تيئن رڪي به ڏک جي ساگر ۾ ٽٻي ڏيئي اوجل ٿي پئي هئي. چپن تي هلڪي مرڪ آڻي چيائين، ”مان ته ڏک ڪريان ئي ڪانه ٿي. آخر ڪوئي ڪيستائين ڪنهنجي پنيان پوندو. جيستائين آشا هئي تيستائين نراشا جو ڊپ هو. پر ڪالهوڪيءَ ڳالهه آس ختم ڪري ڇڏي. هاڻي نڪو ڏک آهي، نڪا خوشي آهي. ها، فقط هڪ ارمان ضرور ٿئي ٿو ته اڃا هڪوار ائين ته چوي ها، ”گھرو جيوت، ڏٺن وارن ڏکي ڪري ڇڏي آهي. ڇئي جيون نئيا کي ڪهڙيءَ طرح هڪاريون، جو زندگي سک سان گذري.“

”ان طرح جي تنهنجو گھوٽ توکي ارڌانگي سمجھڻ جي شناس رکي ها ته هيترا سال ڇو توکي پيڪن ۾ ڇڏي ڏئي ها. جيڪي اهڙي شناس رکندڙ مرد اهن، اهي ته اڻ پڙهيل گھرو ماحول ۾ سکيا ورتل استريءَ سان به مٺي جيوت گذاري سگھندا آهن.“ نارائڻ سنجيدگيءَ سان چيو.

”اها ته اوهان جي زيادتي آهي.“ موتي الاجي ڪهڙي خيال کان چيو جو سيني جون اکيون وجي هن ۾ اٽڪيون. ڪن لاءِ ته هو به ذرا ڦڪو ٿي ويو. پر وري پاڻ سنڀالي چيائين، ”جيڪڏهن زال مرد ڪان دماغي اوسر ۾ گھٽي گھٽ اهي ته مٺي جيوت گذارڻ دشوار آهي.“

نارائڻ موتيءَ جي ڪلهي تي هٿ رکي چيو، ”دوست، زالن جي دماغي اوسر لاءِ اسانجي سماج ۾ وجهه ئي ڪهڙا اهن؟ جي زالون اسريلِ ناهن ته ان لاءِ گھٽي ڀاڱي هيءُ سماجڪ سرشتو ئي جوابدار آهي، جنهن ۾ هر انسان کي اسرڻ لاءِ پورا وجھه نٿا ملن. ان ڪري بهتر آهي ته ٻي جوڙ جوڙا جيترو سک هڪ ٻئي مان وٺي سگھن، اوترو وٺن، وڌيڪ سک لاءِ

سماجڪ سرشتي کي بدلائڻ جي ڪوشش ڪن.“

”اوستائين تہ جواني تي ختم ٿي ويندي.“

موتيءَ جي هيڏي خود غرضيءَ کي ڏسي مان پنهنجي مهمان لاءِ ڏاڍي شرمسار ٿيس. گلاب هن مهل تائين گهري سوچ ۾ وينو هو. موتيءَ جا اکر ٻڌي ڏاڍي ٺهرسان چيائين، ”هڪ انسان جي حياتي ۽ خاص ڪري انهيءَ انسان جي حياتي، جنهن اوٽ ڪا دماغي اوسر آهي، سا سماج جو هڪ حصو آهي. ان ڪري سندس ڪوش جو قل اگر ڪيس نہ، پر آئيندي جي نسل کي مليو تہ بہ ڪائي ارمان جي ڳالھ ڪانهي.“

موتيءَ کي جواب ڪونہ سمجهيو. فقط ڪنڌ لوڏي ڪري سر ۾ ”هون“ ڪري دور دور پکڙي واريءَ

(نوٽ هن ڪتاب ۾ 130 کان 131 پيج بلڪل نہ آهن )

ٿي وياسين.

شام ٿيڻ تي هئي تہ موتيءَ چيو، ”هل، سرلا ٿورو پنڌ ڪري اچون.“

مون نارائڻ ڏانهن ڏٺو تہ موتيءَ ڦڙڪندڙ چپن سان چيو، ”نيڪ آهي. پلي ناراڻ بہ هلي.“

پر ناراڻ ائين هلڻ وارو ڪٿي هو.

موتيءَ سان وچٿو ئي پيو. ڪافي دور نڪري وياسين. ساهي پٽڻ لاءِ هڪ واريءَ جي ڍڳ تي ويهي رهياسين. اسانجي سامهون دور تائين پکڙيل سمند. آڪاش کي ڇهي ختم ٿي ٿي ويو ۽ اسان جي پٺيان هو واري 4 جو ميدان ۽ ڍڳها ڍڳها ناريلن جا وڻ.

موتي ڪيتري دير ڪجھ چوڻ لاءِ ڪوشش ڪندو رهيو. نيٺ بلڪل مٺي آواز ۾ چيائين، ”سري، ڪاليج جا ڏينهن ياد اٿيئي؟ ڪلاس مان ڦتي، ڦليليءَ جي ڪپ تي ويهي، هن طرح آڪاش کي جل ۾ وهنجندو ڏسندا هئاسين.“

مون چيو، ”ميون نٿيون ويچارڻ مان ڪهڙو فائدو؟“

”تون انهن کي ميون نٿيون ٿي چوين؟ جيڪي يادگيريون مون ساھ سان سانديِ رکيون آهن، سي ڪيئن وسرنديون!“

هوا جي جهوٽن منهنجا پکيڙي چڏيا هئا. تن کي ٺاهيندي هٿجي رهي هيس، جو اچانڪ موتي هڪ وڏي ڳالھ چئي وينو، ”سري، مان چاهيان ٿو، تون پنهنجي جيوت آباد ڪر.“

مون ڪنڌ هيٺ هوندي ئي چيو، ”ڪري ڇڏي.“

مگر منهنجي هنن ٻن اکرن موتيءَ کي مچلائي ڇڏيو. هو رڙهي اچي بلڪل مونسان گڏ ويٺو. مون واريءَ جا بڪ ڀري ڀري ڪٽي اڇليا. هن آهستي آهستي "ڪڏهن؟"

"جڏهن هو چاهيندو" مون انهن ٽي اکرن چوڻ ڪانپوءِ ائين پئي سمجهيو، ڄڻ وڏي چاڙهي ٽپي آيس. ليڪن "هو ڪير؟" چوندي موتيءَ جي نرڙ جون رڳون ظاهر ٿي پيون. مونکي جواب ڏيڻ تي دل ئي نه ٿي. گوڏن تي ڪاڏي رکي واريءَ کي پکيڙيندي رهيس.

موتيءَ ذرا گهري آواز ۾ چيو، "ڇا، "هو" اهڙي ڪا هستي آهي، جنهن جي حڪم سان ئي تون هر ڪا ڳالهه ڪندي آهين؟"

"حڪم نه، صلاح چئه"

"صلاح! ڪنهنجي؟"

مرم جي مهر چپن کي سبي ڇڏيو هو. پر اکيون مٿي ڪٽي جان ڏسان ته موتيءَ جون اکيون ڳاڙهيون لال ٿي ويون آهن. نرڙ تي پگهر نڪري آيو هوس. سارو سرير ڏڏي رهيو هوس. مان عجيب هٽڪ ۾ مونجهارو محسوس ڪري، انهن جون ڊٺيون ڇنبي رهيس.

اَچانڪ موتيءَ، اکرن جي آگ جا اُلا وسائيندي چيو، "ناراڻ جي صلاح سان سڀ ڪجهه ڪندي آهين؟"

مان پنهنجي چوڌاري خوف جو گهيسرو محسوس ڪندي به شانتيءَ سان "ها" چئي ويٺيس.

"تڏهن تنهنجي بابا چو چيو، ڪنهن سان تنهنجي آئيندي جي پڪ ڪيئن ٿي آهي؟"

"پڪ فقط پڪ اکر چوڻ سان نه ڪيئن ٿيندي آهي موتي! اسان جهڙن ماڻهن لاءِ ته هڪ ٻئي ۾ جو وشواس ۽ پيار جو بنڌن ٻڌجيو وڃي، ان کان وڌيڪ ٻي ڪابه چيز ضروري ڪانهي. وشواس ۽ پيار جي ڏوريءَ اڳيان سڀ اڳني پوڄائون ۽ رجسٽر دستاويز بلڪل ئي ڦڪا پئجيو وڃن."

"پاڳل نه ٿيءُ، هنکي مائٽ به پالٽا آهن. توکي ڪيئن پالي سگهندو؟"

"مان خود ڪمائيندس. سچ ته شاديءَ جي معاملي ۾ سٽي دل ۽ سنا ويچار ئي اهميت رکن ٿا موتي!"

موتيءَ جي لوندڙين ۾ نرڙ واريون ڪشيل رڳون هڪدم ڍريون ٿي ويون. ڄڻ گهوڙي جو ڪشيل لغام اوچتو ٽٽي پيو هو. هو ڪجهه منٽن لاءِ ڪنڌ هيٺ ڪري هاريل جوئاري4 جيان ملول ويٺو رهيو.

مون چيو، ”تو ئي تہ پڇيو هو تہ اسين چنڊ ستارن جيان نتا رهي سگهون ڇا؟“

موتي پنهنجي ٻنهي هٿن سان ڪنن کي بند ڪري ڇڏيو. ان ڪانپوءِ بلڪل چيپچپات لڳي ويئي، ائين پئي لڳو ڄڻ هوا بہ هلڻ بند ڪري ڇڏيو آهي. ساگر جي لهرن ۾ بہ ڪا موڳائي پرجي ويئي آهي.

من اندر هڪ عجيب نترتا هئي، جا ڪنهن مهل بہ ٽٽي پوندي تہ مان روئي وجهنديس ان خوف کان پاڻ سنڀالي اٿي کڙي ٿيس. موتيءَ مونکي پاڻ لاءِ ترسيل ڏسي چيو. ”تون وڃ مان پاٺيهي ايندس.“ مونکي ڏانهس نهارڻ جي همت ئي نہ ٿي. تکڙا تکڙا قدم کڻندي، ڪجھہ اڳتي نڪري وڃڻ ڪانپوءِ ٿورو پٺيان نهاريم. موتي واريءَ جي ميدان تان هلندو اسان ڏانهن آهستي آهستي اچي رهيو هو.

مان تکڙي تکڙي اچي سيني ساٿين سان گڏيس. نارائڻ جي ويجهو پهچنديئي، منهنجين اکين ۾ آنسون تري آيا. نارائڻ منهنجو هٿ پنهنجي هٿ ۾ وٺي بلڪل ڌيمي آواز ۾ چيو، ”چو ڪا تڪليف اٿيئي سري؟“

هيءُ پهريون ئي دفعو هو جو نارائڻ منهنجو هٿ هٿ ۾ ورتو هو ۽ سچ پچ ئي تڪليف ۾ هيس. ائين پانيم شايد ان هٿ کان وڌيڪ ڪا چين جي پت بہ سهارو ڏيئي ڪين سگهيم ها. گهر موٽيس تہ امي بابو سوچ ۾ ويٺا هئا. مونکي ڏسي ٻنهي گڏجي هڪ ئي سوال ڪيو. ”موتي ڪيڏانهن ويو؟“

مان سندن اکين ۾ انپورنا جي اُڪلائڻ لاءِ چنتا کي پسي، دنگ رهجي ويس.

”ڇا چيس، جو هتي آيو تہ منٽ بہ ڪيئن بيٺو. گهٽا ئي سڏ ڪيامانس، واچوڙي وانگر اڏامندو ويو.“ مون ڪين ڪوبہ جواب ڪيئن ڏنو.

هن وڏي وڏي ڏينهن کان پوءِ رات بہ بلڪل لمبي ٿي پيئي. سڄي ڏينهن جي عجيب غريب ڳالهين تي سوچيندي ننڊ ئي نہ پئي آئي. صبح جو امي بابي جي بحث تي منهنجي اک کلي. ٻئي ڏاڍو نارائض پئي ڏٺا. مان سست چال سان آفيس وڃڻ لاءِ تيار ٿي رهي هئس جو اميءَ بلڪل چرئي نموني چيو، ”هوءَ چني ڏس ڪنهنجي اٿيئي. پڙهين تہ چوي ٿو جئپور جي آهي. اها وري ڪهڙي نئين ساهيڙي اٿيئي؟“

”جئپور ۾؟“ مون اتي چني پڙهي. پر چني پڙهڻ سان منهنجو سر چڪرائجي ويو. اُف! دنيا جي ڪل اوندھ شايد ان ڏينهن ئي ڏسٺي هئي. مان پاڻ سنڀالي ڪرسيءَ تي ويهي رهيس. بابي پڇيو، ”ڇا آهي؟“

مون کٽي چني ڏني مانس. چني پڙهي بابي کي بہ وسواس وٺي ويو، پر اٿيئي خوشيءَ ۾

اچي اميءَ کي چيائين، ”ٻڌين ٿي؟ موتي جيڪو ڪلهہ پڇي ويو ان جي زال جيئري آهي. انهيءَ هيءَ چٺي سرلا کي لکي موڪلي آهي.“

اَمي بہ اَچرج ۾ بابي جي ڪٽ تي اچي ويٺي. ڏاڍي سوچ ۾ چيائين، ”مونکي اصلي من ۾ چوڙا کوڙا پئي ٿي.“

”اڙي پر ڏيءُ بہ اٿس!“

رات ڪان وٺي جو اَمي بابا جي دل تي بار پئي ڏٺو سو هينئر گم ٿي ويو. ٻئي هلڪي دل سان ڳالهيون ڪرڻ ويهي رهيا. ليڪن انسان جي دل ۾ لڪل انڌيري ڪي ڏسي، منهنجي دل ڪيڏي پريشان ٿي هئي، ڪيئن ٻڌايان؟

# مــوتـــي

”اسين چنڊ ستارن وانگر نتا رهي سگهون ڇا؟“ منهنجا ئي چيل اکر سرلا جي ٻن نازڪ چپن مان نڪرڻ سان ڪيڏي نہ ٿنولي ڪٽي آيا. مون پاڻيو، سمنڊ جون لهرون بہ مون تي ڪلي رهيون آهن. آڪاش منڊل جي تتل تاري جيان سرگردان. الاجي ڪيئن گهر هليو آيس. گهر پهچي دل کان پڇيم، ”گهر ڪنهنجو آهي؟“ ۽ ساري بدن ۾ هڪ بي آرامي ڦهلجي ويئي. مان پنهنجن ڪپڙن جي بئگ ڪٽي گهر کان ٻاهر نڪري آيس. پنيان ڪيترا سڏ ٻڌم. شونقيرام تہ چيلهہ کي هٿ اڏيئي در تائين نڪري آيو. چي، ”ناچاڪ تو لڳين، موتي! ٻاهر نہ وڃ. پر ٻچا بئگ چو ڪنئي اتيئي....“

”اڙي موتي، سرلا کي ڪتي ڇڏي آئين. ڪاڏو تہ ڪائي وڃ.“

”نہ وڃ ٻچا نہ وڃ.“

ليڪن جنهن ٻيڙيءَ جا سپ پڳهہ ٽتي چڪا هئا، ان کي ڪوبہ روڪي نہ سگهيو. مون کي تہ سيني سڏن ۾ هڪ ئي سڏ لڪل ڏسڻ ۾ پئي آيو. ”اسان جي پيرسن ڪلهن تان بوجو تہ هلڪو ڪيو وڃ.“ ليڪن جا ٻيڙي خود ئي طوفان ۾ گهيرجي ڪنهن اوڙاهہ ڏانهن وڌي رهي هئي، ان ئي ڪوئي بار ڪيئن ڪجندو؟ سيني رستن ۽ مڪنن کي رات جو انڌيرو گهيريندو ٿي ويو. پر مان اڳتي وڌي رهيو هوس. بي خبر بي منزل!

بي مقصد زندگيءَ ۾ جا اٻاسيءَ جهڙي ڦڪائي ٿيندي آهي، سا مونکي گهاٽي غبار جيان ويڙهيندي ٿي ويئي. اونداهيءَ ۾ اڳتي وڌندو ٿي ويس. اتاهہ دنيا جي انيڪ گهٽين اڻ ڳڻ مڪانن هوندي بہ مون لاءِ ڪوئي ٽاٽو نڪاٽو ڪيئن هوا! تي فوٽ زمين بہ ڪيئن هئي، جنهن کي مان پنهنجو سمجهان! دل جي اندر عجيب هلچل متل هئي. اندر ئي اندر ڪائي چيز بلڪل ئي تيزيءَ سان پجي پري ٽڪر ٽڪر تي پيئي هئي. هر قدم تي ائين پئي لڳو، ڇڻ ننڍڙي ڊوندي سمنڊ جي بي شمار لهرن جا ٿڦيڙا ڪائي، هيٺ مٿي لڏي رهي آهي ۽ افق جي سنڌي وٽان راڪاس جيان ڪارا بادل وڌندا تي آيا. شايد هڪ ڪن اندر ئي جل مٿي تي وڃي ۽ انڌڪار ۾ هيءَ ڪشتي رستو وڃائي، ڪنهن ڪن ۾ وڃي ڦاسي.

مان اڪيون ڦاڙي اڳتي وڌندو تي رهيس. اکين مان جنسي باهہ جا اُلا تي نڪتا. ساري جسم جو زور لڳائي اکين ۾ روشني قائم رکڻ تي چاهيم، پر خبر ناهي ڪيڏي مهل پلڪون بند تي ويون. ان ڪانپوءِ تہ پاڻ پيڙا وڌي ويئي. جيئن پاڻيءَ جي وهڪ تي روڪ ويهڻ

سان پاڻي اوسي پاسي وارن رستن ڏي گهارا پائڻ لڳندو آهي، تيئن اکيون بند ڪرڻ سان، دل جي بي چئني ساري سرير ۾ ڦهلجي، عجيب لوچ پوچ مچائي اتي. ان ڪانپوءِ تہ خبر ناهي ڇا ٿيو. ڪنهن ڪنهن مهل اکيون کلي ٿي سگهيون تہ سامهون ماڻهن جا انبوهہ نظر ٿي آيا. روشني ڪاٺڻ ٿي آئي. هر چيز تيز رفتار سان ڦيراٽيون ڪائيندي ٿي ويئي. خبر ناهي ڪيتري وقت ڪانپوءِ وچي زمين ۽ آسمان کي سهڙيل ڏٺم. تڏهن اتي وينس، پر مٿي ۾ ٺورو چڪر اچي ويو. وري ليٽي پيس. ليڪن هيءُ گهر ڪنهن ج هو؟ مان ڪيئن اچي هتي پهتس؟ ڪجھ بہ سمجھ ۾ نٿي آيو. ايتري ۾ ڪمري جي ٽئين هصي کن کي جا نندي پت لڳل هئي، انجي پٺيان باهہ جو دونهون ڏسڻ ۾ آيو، وڏو پنيٽ ٿيو ۽ اسٽووجي چابي کلڻ جو آواز ٿيو. پنيٽ وسامي وِيو ۽ لالٽين جي جهڪي روشنيءَ ۾ هڪ مرداني صورت ٻناري جي هن طرف اچي ماچيس اڇلي، پن پڻ ڪري چيو، ”خبر ناهي ڪهڙي ماکي رکي اٿس پيڪن ۾؟“

مون ٿورو هٿ مٿي ڪنيو ۽ اهو ماڻهو اچل ڏيئي اچي مونسان گلي مليو. منهنجي نرڙ، ڳلن ٻانهن کي جيجل جيان هٿ لائي چوڻ لڳو، ”موتي، مان گهنشام آهيان. گهنشام. هاڻ ڪيئن آهين؟ بلڪل نوبنو آهين نہ؟“

جيئن نند اکڙي ماڻهوءَ کي گاڏيءَ جو لوڏو سجاڳ ڪري ڇڏيندو آهي تيئن گهنشام جي قرب منهنجي اونداهي دنيا ۾ هڪ ديپ روشن ڪري ڇڏيو.

گهنشام ۽ مان نندي هوندي گڏ پليا هئاسين اِسان جي گهرن جي پت ئي هڪڙي هئي. مٿي چوت تہ بلڪل ساڳيو ئي هو. جتي گڏجي لغڙ اُڏائيندا هئاسين. پر مئٽرڪ پاس ڪري مان ڪاليجي جوان ٻڌجي پيس ۽ گهنشو پيءُ جي ٻنين سنڀالڻ لاءِ چنبرن جي ڳوٺ ۾ وڃي رهيو هو. اوچتو گهنشام کي ڏسي پراڻي پريت جاڳي اٿي. ورهين، جڻ ڪو وڇوڙو ئي ڪونہ وڏو هو. گهنشي چيو، ”پنهنجا ڪهڙا حال ڪري رکيا اٿيئي، دوست. وري بہ شڪر جو منهنجي پاڙيسريءَ هوتوءَ جي ائڊريس تنهنجي ڪيسي ۾ هئي جو توکي مون وٽ ڪٺائي آيو. ڏاڍو چڱو ٿيو. پراڻو پريتم ملي ويئين نہ تہ جيئن جسوتي پيڪن ۾ ويئي آهي تيئن هيءُ گهر ڪاٺڻ پيو اچي.

”جسوتي! جسوتي ڪير؟“

”اڙي تنهنجي ڀاڀي بي ڪير.“

”پوءِ جسوتيءَ کي پيڪن ۾ موڪل ڇو ڏني اٿيئي؟“ مون چيو.

”تون تہ يار دل جو ڪو نندڙو آهين. اجا جسوتي ڏني ڪٽي اٿيئي، تڏهن تو ائين چئي سگهين. اصل موهہ جي مورتي آهي. هتان ويندي آهي تہ بہ روئي رچ پريندي آهي، پر

پيڪن ۾ بہ سڀ ڏاڍو گهرندا اٿس. انهن بہ تہ سندس رهاڻيون لهڻيون. ٻيو بہ بدل سدل ڪنهن کي نہ گهرجي دوست؟ آءُ سچو ڏينهن موٽرن جون پڳل ٽتل رڳون جوڙي جوڙي، شام ٽائين ڪڪ ٿي پوان. جيسين گهر پهچي راجن ۽ جسوتيءَ جو منهن نہ ڏسان تيسين حياتي هڪ تهي ۽ سچي پئي لڳي. پوءِ جسوتي بہ روز ساڳيو رڌڻ، ساڳيو ٻيو ڏسي، پر نہ ٿيندي هوندي؟"

"سچ گهنشام، تنهنجو جسوتيءَ سان ايترو گهڻو پيار آهي، جو هنجي ڪا بہ ڳالھ توکي بري نٿي لڳي؟"

"سچ گهنشام، تنهنجو جسوتيءَ سان ايترو گهڻو پيار آهي، جو هنجي ڪا بہ ڳالھ توکي بري نٿي لڳي؟"

"سچ ٿوچوان موتي! خاص ڪري هوءَ جڏهن پيڪن ۾ ويندي آهي تڏهن تہ بلڪل ئي بي عيب لڳندي آهي."

"جسوتيءَ کي بہ اها ڄاڻ آهي تہ تون ڪيس ايترو چاهيندو آهين؟"

"ڏس وري مونکي ٻڌائين ٿو تہ، خود پرٽيل آهين. ڇا توکي اها خبر نہ هوندي تہ زال، مرد جو پيار ڪيئن نہ ڄاڻي وٺندي آهي."

مان ٿڌو ساھ کڻي چپ ٿي ويس. گهنشام ڇگو ئي وقت جاڳندو رهيو ۽ شايد جسوتيءَ کي ياد ڪندو رهيو.

منهنجي دل روئي ويئي. ڪاش! مون لاءِ بہ ڪا موھ مئي پتني هجي ها ۽ دل جو بکئيڙو هتي هتي پٽڪڻ کان هڪ سندر باغ جو رهواسي هجي ها!

ٻن ڏينهن جي نند ۽ گهنشام جي قرب، منهنجي بي آرام رڳن تي جڻ آروس ڪري ڇڏي. هڪ رات تہ گهنشام اوچتو مونکي ياڪر کڻي پاتو. گهايل آواز ۾ چيائين، "موتي، آڪاش منڊل جا تارا بہ هڪ ٻئي کان ايترو وڇڙيل ڪيئن آهن، جيترو اسين سِنڌي وڇڙيل آهيون. ڪوئي تارو اگر ٻئي تاري سان ڳالهائڻ چاهي تہ ڪتان دور کان ئي ان سان ٽمڪ ٽمڪ ڪري اکين ئي اکين ۾ کي رهاڻيون ڪري وٺي. پر اسين سنڌي تہ ڪو ڪو ٿي ويا آهيون."

گهنشام جون هٽڙيون ڳالهيون، منهنجي دل جي اندر ڇپيل ڪنهن سچائيءَ کي ڇهي ونديون هيون.

ٻن ڇئن ڏينهن ڪانپوءِ جسوتي بہ اچي ويئي. گهنشي جي پيار مان، مون جنهن ڪمل نئني جسوتي جو تصور ڪيو هو سو حقيقي جسوتيءَ ۾ ڪٿي بہ نظر ڪونہ آيو. بلڪل

سڌي سادي، سٺڻ جهڳلي واري عورت هئي. پورا سارا روشن. پوري ساري ڪارسري چمڙي مونکي تہ گهڻين ڳالهين ۾ جمنا جي پيڻ لڳي. ليڪن هن وٽ جمنا جي ابتڙ ترپت ۽ شانت اکڙيون هيون. آهستي آهستي ڏنم، سندس پريم جي وسڪار، جا اڳ ۾ راجن، گهنشي ۽ پاڙيوارن تي پيئي ٿيندي هئي، سا هاڻ مون تي بہ ٿيڻ لڳي. مون کي ڳٽيءَ ۾ وينو ڏسندي هئي تہ چوندي هئي، "ڪنوار کي بہ وٺي اچ نہ پائو! مان کيس ڏاڍو پئي ياد ڪريان."

مان پڇندو هوس، "منهنجي ڪنوار کي تو ڪٿي ڏٺو آهي ڇا ؟"

"نہ."

"پوءِ ياد ڪيئن ٿي ڪرينس؟"

"توهين راجن جي پيءُ جا دوست آهيو. ڇوان ڪٿي تہ هڪ رشتي عزيز آهيو. پوءِ عزيزن جون زالون ڪيئن ياد پونديون؟"

مونکان هن ڳوٺاڻي منطق تي وڏا وڏا ٿهڪ نڪري ويندا هئا.

هاڻ بلڪل تندرست هوس، مگر اجا بہ گهر کان ٻاهر بلڪل گهٽ نڪرندو هوس. گهنشو تہ صبح جو سويل اُٿي موٽرن جي ڪارخاني تي هليو ويندو هو. پنيان راجن هو جو هتان هتان ڦري گهري، مونسان ايتري مستي ڪندو رهندو هو، جو ڪڏهن ڪڏهن مان خود وائڙو ٿي ويندو هوس تہ هن پتڪڙي راجوءَ سان منهنجي دوستي ڪيئن لڳي. راجوءَ کي چوندو هوس، "تون گهڻي ڪيچل ڪري تنگن ٻانهن تي رهڙون وجهايو اچين." تہ چوندو هو، "پلا توهين ننڍڙي هوندي راند ڪندي تہ ڪجهہ ڪيئن ٿيندو هو؟"

مان ڪهڙو جواب ڏيانس.

ماءُ چويس، "بزاري شيون نہ کائيندو ڪر راجو. گهر جو کائيندو ڪر" تہ چوي "ممي، چانور ڀاڄيون بہ تہ بازار مان گهرائيندي آهين نہ."

مان جسوتيءَ کان پڇندو هوس، "راجو هيڏو شيلطان ڪيئن ٿيو آهي؟ ڪهڙي نہ تکي سمجهہ اٿس!"

هوءَ گد گد ٿي چوندي هئي، "دادس پيار ڪري، مان اکين ۾ رکانس. مٿان وري توهين سجو ڏينهن کلهن تي چاڙهي ويٺا آهيوس، پوءِ شيلطان نہ ٿيندو تہ ڇا ٿيندو؟"

مان راجوءَ کي گود ۾ کڻي چمي وٺندو هوس. هڪ انوکو آنند منهنجي زندگيءَ جي بي آراميءَ کي ڍڪي ڇڏيندو هو.

ليڪن آهستي آهستي هن خوش خوش جيون تي بادل ڇانئجڻ لڳا. گهنشام جي هلت

ڪجهه رکي ٿيڻ لڳي. جيئن پتيءَ جي ناراض هجڻ تي استريءَ لاءِ ترچيز وهه ٿي پوندي آهي، تيئن گهرجو وڏو ناراض هجي ته مهمان کي گهرجي سر سر پيئي ڏاري لڳندي آهي. مان اداس رهڻ لڳس. جسوتي منهنجي حالت کي چڱي طرح تاڙي ورتو. هوءَ ور ور ڪري راجوءَ کي منهنجي پنيان چنبڙائي ڇڏيندي هئي. ليڪن مونکي هاڻ راجوءَ سان مستي ڪرڻ به نٿي لڳي. گهنشو مون مان ناراض چو آهي، اها ڳالهه هر هر سوچيندي به جواب نٿي سجهيم. هڪ ڏينهن جسوتيءَ چيو، ”جڏهن هن گهر کي ڇڏي به نٿا سگهو ۽ راجوءَ جي پيءُ جو ناراضپو به ڪٽي نٿا سگهو تڏهين هن گهر جي پاتيءَ وانگر چو ڪيئن ٿا ٿي رهو؟“

مونکان چرڪ نڪري ويو. ”ڪير ٿو چوي ته مان هن گهر جو پاتي ٿي رهڻ نٿو چاهيان. تنهنجي ويجهو رهندي مان ائين وسهي وينو آهيان، گويا پنهنجي پيڻ وندريءَ جي گهر ۾ رهيل آهيان.“

”واهه جو پاءُ ٿيو آهين! ڏني ته ڪڏهن ڏڻ وار جي خرچي به ڪيئن اٿيئي؟ ڏسين ته وينو، ڪيئن ته ڏينهون ڏينهن پڪايون ڪندي ٿي رهان، راجوءَ جي پيءُ جي ڪيتري ڪمائي اهي، اها به ته خبر اٿيئي. سات ئي سات اکين کي رئي سان اگهندي رڌٽي ڏانهن هلي ويئي.

مان ڪيتري دير هن سول ۽ سادي نموني ۾ چيل ڳالهه تي سوچيندو رهيس.

رات جو گهنشو ڪم تان موٽيو ته چيومانس، ”مون کي به سياڻي شهر ۾ وٺي هل ته هٿ پير هلائي اوچي نيچي ڪائي به نوڪري ڪري پنهنجي آجيو ڪا ته ڪڍي وٺان.“

گهنشي جي اکين، چمڪ اچي ويئي. چوڄ مان چيائين، ”ڏاڍو چڱو“ ان هڪڙي جملي سان الاهي دوري اڏامي ويئي. مگر ان ”ڏاڍو چڱو“ کي عملي روپ ڏيڻ لاءِ ڪيڏا نه حيلا هلائڻ پيا.

ڪيترا ڏينهن نوڪريءَ لاءِ رلندو رهيس. ناميديءَ تي ناميديءَ هٽي جسم ئي جهنجهٽو ڪري وڌو. دل اڳيئي ڏريل، باقي به روزگار جي چنتائن ۾ سسي سوڙهي ٿي ويئي. ڪڏهن ڪڏهن رواجي ڳالهين تي سوچيندي اکين مان ڳوڙها ڳڙي ايندا هئا.

وري به شڪر جو جهازن جي ڏڪي تي ايندڙ ويندڙ مال جي ڪوڪن تي، ڪاري مس سان نمبر هڻڻ جي نوڪري هن وڏي آسمان هيٺان اچا مون لاءِ بچيل هئي.

نوڪري ملڻ جي صبح جو آرسيءَ ۾ پنهنجو چهرو چڱي طرح ڏٺم ته ڏڪي ويس. جن رسيل ڦل جهڙن ڳلن تي ناز هوم، سي اندر پيهي ويا هئا. ٻئي جاڙيون ڳنڍڻ سان لونڊڙين جي پچاڙين وٽ رڳون ظاهر ٿي ئي پيون. اکيون ائين ڏرا ڏيئي آيون هيون جڻ سخت بيماريءَ مان اٿيو هوس. منجهن ڏک جي ريکا بدلجي هيبت جو پاؤ ورتو هو. هٿن جي پنين

تي ۽ ٻانهن تي ساڻون نسون نڪري آيون هيون. هيترا ڏينهن فقط چنتائن ئي منهنجي جسم کي ٽڪيو هو، مگر هاڻ پورهئي سان جسم کي گسائڻو هو. ان خيال منهنجي جسم ۾ ڦڙتي آڻي ڇڏي.

نئون ڪم ڏکيو ڪيئن هو. ان هوندي به هرڻ تي ڪجھ ڏينهن ضرور لڳي ويا. مهيني جي آخر ۾ ترڪي تي پورهئي جو ڦل ڏسي، دل خوشيءَ سان ڀرجي ويئي. ٿورائي سال اڳ ايترا پئسا ته فقط منهنجي هڪ گرم سئوٽ نهرائڻ لاءِ ڪافي نه هئا، پر اڄ هي ٿورا پئسا به ساري مهيني جي بي فڪر زندگيءَ جو سمر هئا. مون پئسا ڪڍي وچي جسوتيءَ جي هٿ تي رکيا. هوءَ راجوءَ کي ڪڍي ڦيري پارائي چوڻ لڳي، ”اڄ تنهنجي ماما ڏس ڪيترا پئسا آندا آهن. هاڻي مامي ايندي، ماما جي ننڍڙي تو جيڏي راجني ايندي.“

بس ان ڏينهن راجو منهنجو پاسو ئي نه ڇڏي. راجي (ڪشوريءَ) بابت ايترا سوال پڇيائين جو جواب ڏيندي ڏيندي ڪشوري ساڪيات منهنجين اکين ۾ اچي ويئي. پر هوءَ راجوءَ جي اُبتڙ هيسيل ناخوش ۽ شانت بيٺي هئي. هن جي پنيان هڪ ڏنڌلي صورت ڏيري ڏيري صاف ٿيندي ويئي. وسي وسي چيڙاڪ عورت، جنهن جي چهري جي هر ريکا مان ناراضپو ٽپڪي رهيو هو.

مونکي خيال ۾ ڏسي راجو پڇي ويو. مگر ڪشوري ۽ جمنا ان رات بلڪل گهڻيءَ دير تائين منهنجن خيال ۾ ويڙهيون رهيون. مون چيو، ”جمنا، تون هن طرح ڇو ٿي لڳين؟“

”ليڪن شاديءَ رات ته مان اهڙي ڪيئن هئس.“ منهنجي سامهون اها گلابي ڪپڙن ۾ ويڙهيل سنڌر ڇڪيل شرم ڀوتيءَ جيان شرمايل جمنا اچي ڪڙي ٿي.

پڇيم، ”منهنجي ڪشوري هئڙي وسوڙل ڇو پئي لڳي.“

هن اداس نگاھ ڪڍي چيو، ”پتيءَ جي پيار کان وانجهيل استريءَ جا ٻار،موڳا ۽ وسوڙيل نه ٿيندا؟“

هوءَ ٺيڪ ئي چئي رهي هئي. تنهن ڏهاڙي جسوتيءَ به ساڳي ڳالھ چئي هئي، ”راجو شيطان ڪيئن نه ٿيندو. دادس پيار ڪري، مان اکين ۾ رڪانس، مٿان توهين به سڄو ڏينهن ڪلهن تي چاڙهي وڻا آهيون.“

سات ئي سات هڪ اهڙو اُگرو احساس پيدا ٿي ويو، جو مان پاڻ کان بيزار ٿي پيس. ڪشوريءَ کي گود ۾ ڪڍي بيٺل جمنا جي صورت پنهنجين اکين مان متائڻ لاءِ، اکين تي ٻانهن تي رکي، زوريءَ سمهي پيس ليڪن هوءَ ته پلڪن جي اندر ويٺي هئي.

هڪ پيڙا دل جي اونهائيءَ مان ڪر موڙي اٿڻ لڳي.

مان وياڪل ٿي سوچڻ لڳس. ”جسوتي ۽ گهنشو پاڻ ۾ ڪيترو نه خوش آهن! ڇا منهنجي قسمت ۾ فقط هڪ ڏينهن لاءِ به اهڙو آنند لکيل ڪونهي؟“

اندر وارو ڇهندڙي پائي پڇڻ لڳو. ”ڀلا گهنشي وانگر تو ڪڏهن جمنا جي اوگڻن تي اک ٻوٽ به ڪئي آهي؟“

”بي احساس جمنا جي اوگڻن تي اکبوٽ؟ منهنجو من اڄ هيءُ ڇا پيو سوچي؟“ مان جهنجهلائي اٿي وينس. پر خيال ڪيئن ڇڏيو. ”ڪاش، مونکي به هڪ پيارو گهر هجي ها.“ ان تصور جي گهر ٻاهران وينل، وساٽيل اجهاٽيل جمنا ڳل تي هٿ رکي ڇئي رهي هئي، ”ڪيترن سالن کان تنهنجي مندر جي چائنٽ تي ويٺي، تنهنجي ٻاجهه لاءِ واجهايان.“

مون خيالن کان جند ڇڏائڻ لاءِ اُٿي دلي مان پاڻي ڀري پيتو. من کي ڪنهن طرح ٺاپر ۾ آڻي سمهي رهيس.

صبح جو ڪم تي ويس ته وڏو هنگامو لڳو پيو هو. ڪنهن آفيسر مزورن جي بي عزتي ڪئي هئي 7 هو ڏاڍو جوس ۾ هئا. چي، ”اسين توهان جهڙا انسان ناهيون ڇا؟ اسان کي به پنهنجي عزت پياري آهي.“

بي عزتي ڪندڙ آفيسر چيو، ”توهين ٻئي جنم ۾ به اسان جهڙا ٿي نه سگهندا.“

يونين جي سيڪريٽري وراڻيو، ”اسانکي جي توهان جهڙا اُسرڻ جا وجهه ملن ته پڙهي ڳڙهي توهان کان به وڌيڪ قابل ٿي سگهون ٿا. حالتون ئي انسان کي جوڙين ٿيون.“

ان ڏينهن ڪم ڪرڻ ئي نه مليو. سويل ئي گهر موٽي آيس. جسوتي دڪيءَ تي ويهي پاڙي وارين سان چرچو مسخري ڪري رهي هئي. سندس ڪلندڙ مکڙو ڏسي ڪنن ۾ ڪوئي چئي ويو. ”حالتون ئي انسان کي جوڙين ٿيون.“ شايد جمنا کي به سٺيون حالتون ملن ها ته هوءَ به هن وانگر زنده دل هجي ها!

مان راجوءَ سان کيلڻ لڳس. پر الاجي ڪهڙيءَ اُلهجن اچي من کي ورايو جو راجوءَ سان راند ڪرڻ به مٺي ڪين لڳي. مور جهور ڪري وڃي سمهي پيس. سياري جي ٿڌي هوا سبب بدن ۾ سياٽو پئي پيو. ڪنهن اچي مٿان لوئي وڌي. ڏيري ڏيري بدن گرم ٿيڻ لڳو. ساٿ ئي ساٿ گهر جي ڪوسيءَ ڪنڊ لاءِ دل بي چين ٿي اٿي. گذريل زماني جون يادگيريون ستائڻ لڳيون. اچانڪ هڪ آواز ڪنن ۾ گونججي ويو. جسوتيءَ اچي چيو، ”ڀائو جاڳين ٿو. ڏس ته ڪير آئي آهي؟“

مان اُٿي وينس. سرلا ڪرسي سيرهي اچي منهنجي کٽ وٽ ويٺي. ٻئي ماٺ هئاسين. منهنجي نظر مٿي کڄڻ کان نابري واري ويٺي. لوئيءَ تي تنيل چتيءَ کي ڏسندو رهيس.

جسوتي ميزوٽ بيني، ڪجهه ٻڌڻ جو انتظار ڪري رهي هئي. پر ٻنهي مان ڪير بہ نہ لڳائي سگهيو. جسوتي دڪيءَ تي وجي چانور سوئڻ ويني.

”تو مونکان جمنا جي ڳالهہ ڇو لڪائي رکي؟ مون کان ڇرڪ نڪري ويو. جيڪو پاپ دل جي تنهن اندر بلڪل سولائي سان لڪائي سگهجي ٿو، سو جڏهن بئي ڪنهن جي ڇپن مان نڪري ڪنن تائين پهچي ٿو، تڏهن ائين ٿو لڳي، جڻ ساري جهان ۾ ان پاپ جي چرچا ٿي رهي آهي. ڪن سيڪندن لاءِ تہ منهنجونگ سڀ رڳون وسامي ويون. مون آهستي چيو، ”ڪنهن پياري چيز کي پائڻ لاءِ ئي ايڏو ڪوڙ ڳالهائڻو پيو هو.“

سرلا جي ابرن تي شوخي ڇانئجي ويئي. هن ڪلهن کي لوڏي چيو، ”مون نٿي پانيو تہ تون ڪو اهڙو هوندين.“

بس منهنجو تہ هردوئي چيرجي ويو. دنيا جي نظرن ۾ پل ڪيترو بہ ڪريل هجان، پر سرلا جي نظرن ۾ هن طرح ڪرڻ، منهنجي برداشت ڪرڻ کان ٻاهر هو. ڪن منٽن لاءِ ٻئي سانت وينا رهياسين. منهنجين اکين ۾ پاڻي تري آيو. سرلا سهج ڀاؤ سان چيو، ”شادي هڪ چوڪريءَ سان رچائجي ۽ دل ۾ ٻيءَ چوڪريءَ کي چاهيندو رهجي، سا ڳالهہ آڪاٽين ۾ پلي دلچسپ لڳي، ليڪن حقيقي زندگيءَ ۾ تباهي آڻيندڙ آهي، سچي پيار ڪندڙ جو هردو تہ ايڏو وشال ٿيندو آهي جو هنکي هن انسان جو دک پنهنجو دک پاسندو آهي. پوءِ بہ جمنا، جا تنهنجي هيترو ويجهو هئي، ان جي دک کي تون پروڙي نہ سگهين؟“ ڪنِ رکي ڏکهو ساهہ کٽي چيائين، ”موتي! پيارِ تہ حياتيءَ جو فقط هڪ پهلو آهي، جيتوڻيڪ ان تي الاهي قصا ۽ بيت لکيا ويا آهن، تہ بہ اها اَڻ لکيل پتي پتنيءَ جي ناتي جي ڪهاڻي، جنهن ۾ گهني ۾ گهڻو سک سمايل آهي ۽ جا گهٽي ۾ گهٽا ماٺهو گهارين ٿا. اها ڇا اسين پلجي وجون؟ هيءَ ننڍڙي زندگي، حياتيءَ جي ٻين الاهي پهلن تي صرف نٽي ڪري سگهجي؟“

جيتري دير تائين سري اهڙيون ڳالهيون ڪندي رهي، تيستائين مون پاڻ کي ڪنهن ٻئي جهان جو رهواسي پئي سمجهيو. پڇاڙيءَ ۾ چيائين، ”ايندڙ آرتوار تي نارائڻ ۽ مان هڪ نئين جيون ۾ قدم رکنداسين. ڪهڙو نہ چڱو ٿئي، جو تو کي بہ ان کان اڳ پنهنجيءَ جمنا سان سکي ڏسي سگهان. مان تہ جمنا کي پنهنجي سڳيءَ ڀيڻ جيان پئِي سمجهان. اڄ جڏهن هوتوءَ مان تنهنجو پتو پيو، تڏهن بہ جمنا لاءِ هڪ عجيب موهہ جاڳي اٿيو ۽ هڪدم هتي هلي آيس.“

ڪمري ۾ ڪافي اوندهہ ٿي ويئي هئي. راجوءَ ڊوڙي اچي مون کي هٿن کان ڇڪي چيو. .اچين ڇپاڻي پوني ۾ چادي4 تي ويندا اچين.“

سرلا راجوءَ جي ڳل تي ٿپڪي هڻي چيو، ”کھڙو نہ پيارو ٻار آهي.“ ۽ وڃڻ لاءِ اٿي کڙي ٿي.

جسوتي لالٽين ٻاري کڻي آئي. سرلا جسوتيءَ کان موڪلائي هلي ويئي. مان پنهنجن خيالن ۾ ئي گم سم ويٺو رهيس.

جڏهن جسوتيءَ اچي چيو، ”پاڻو چاڪ تہ آهين نہ؟ اُٿي روٽي کاءُ“ تڏهن وڃي سمڪ پئي تہ ڪيترو وقت خيالن ۾ غلطان رهيو آهيان.

سڄي رات اک ڪيئن لڳي. صبح جو جسوتي ۽ راجو پوني روانا ٿي ويا.

پورا ٽي ڏينهن گذري ويا تہ بہ مون کي ائين لڳي رهيو هو، ڄڻ هينئر ئي سرلا سان ملاقات ٿي گذري اهي. من ۾ مانڌاڻ متل هو. پر ان لاءِ ٻي بہ هڪ ڳالهہ جوابدار هئي. ان ڏينهن شام جو گهر موٽيس تہ ڏٺم گهنشو رنڌڻي ۾ بيدن جو امليٽ ٺاهي رهيو هو. مان بہ ڪم ۾ مدد ڪرائڻ جي سانگي گهر جون ترڪيل پڪڙيل چيزون ٺاهڻ لڳس. جاري رکي چندبيندي هڪ ڳاڙهي ڪنگڻي پٽ تي ڪيرائي وڌم. ڪنگڻي پڇي بہ اڌ ٽي پيئي. گهنشي ان مهل بيدن جا آمليٽ ۽ ڊبل روٽيون کڻي اچي ميز تي رکيون هيون. مان ڪنگڻيءَ جا بہ اڌ ڦٽا رڻ وارو هوس، جو گهنشام اچي مونکي هٿ کان جهليو. ٻئي اڌ جوڙي ٺاهي جاري تي رکي چيائين، ”دوست، جيستائين جسوتي اچي تيستائين رهڻ ڏين.“ مان وائڙو ٿي گهنشي جي منهن ۾ ڏسڻ لڳس. هن شرمائجي چيو، ”هاٽي کاءُ بہ اچي، گهڻو ئي گهر کي ٺاهيئہ.“

گهنشي جي منهن تي آيل اُن موهہ ڀرئي موم مونکي ٽپرس ۾ وجهي ڇڏيو. ”پتنيءَ لاءِ ايڏو موهہ!“ هن ننڍڙيءَ ڳالهہ منهنجي دل ۾ هڪ وڏو وڏو روشنيءَ جو چڪر ڦهلائي ڇڏيو. صبح ٿيندي ٿيندي مون ائين مهوس ڪيو، گويا اچانڪ ئي جمنا جا سڀ گناهہ معاف ٿي ويا هئا ۽ ساڻ ئي ساٽ دل ڪنهن انوکي آنند سان ٽمٽار ٿي ويئي.

ٻئي ڏينهن تي ڪجهہ رپيا کڻي جمنا کي مني آرڊر ڪري موڪليم. ماڻهو چوندا آهن تہ سچي خوي هن جهان ۾ ڪانهي، مگر مان سچ ٿو چوان تہ مونکي ان ڏينهن هڪ اهڙيءَ خوشيءَ جو احساس ٿيو، جا صرف انهن انيو ڪتي هوندي، جن ونڻ کان اڳ ڏيڻ جو ساهس ڪري ڏٺو هوندو. زندگيءَ ۾ پهريون دفعو محسوس ڪيم تہ ڏيڻ ۾ بہ ڪو مزو اهي. ڪاش، ان سچ کي گهڻو اڳي سمجهي سگهان ها!

دل جي ڪن ڪندن ۾ اجا بہ ڪا ڪاڻ رهيل هئي. جو جمنا کي چٺي بہ اڪر بہ ڪيئن لکيم. ليڪن ڏيڻ جي ڏاکڻ ئي اهڙي آهي جو هڪ قدم کڻ تہ ٻيا پاڻيهي کڄڻ لڳندا

آهن. مون چٺي نہ لکي پر جنما يڪدم چٺي لکائي موڪلي. هٿ اکر تہ جمنا جي پاڇائيءَ جا هئا، جنهن لکيو هو، ”جمنا توهان وٽان خبر آيل ڏسي ڦولي نٿي سمائجي. توهين جيڪو هتي اچو تہ سندس سڀ ڏک دور ٿي وڃن. ڪشوري ڀين جا دادا ڏسي، پنهنجي دادا کي ڳولهڻ لاءِ پري پري هلي ويندي آهي.“ انهن ٽن سٽن خبر ناهي منهنجي دل کي ڪيئن لوڏي وڌو.

مان بنا دير جي جئپور روانو ٿي ويس. ريل جي تيز رفتار سان گڏ گذريل حياتيءَ جو چتر اکين اڳيان پرڻ لڳو. شاديءَ رات جمنا، بهاريءَ سان ڀرپور تن من کڻي منهنجي زندگيءَ ۾ آئي هئي ۽ آخر ۾ پنهنجا رهيا کهيا منيا مون تي پيٽ چاڙهي ڪنهن بہ ڏي وٺ ڏوراپي ڪانسواءِ فقط ”چٺي لکجو“ چئي، منهنجي زندگيءَ مان نڪري ويئي هئي. سندس وداعيءَ جا اکر منهنجن ڪنن ۾ پرڻ لڳا. مون ائين محسوس ڪيو، گويا ريل جي رفتار بلڪل گهٽجي ويئي آهي. مسافرن کان پڇيم ”ريل هيتري آهستي ڇو پئي هلي؟“ هو اک پڇي پاڻ ۾ کلن لڳا. ”شايد گهرواريءَ ڏانهن تو وڃي.“

ها، مان پنهنجي گهرواريءَ ڏانهن ٿي تہ وڃي رهيو هوس. گهرواري! اڄ اچانڪ اهو لفظ ڪيترو نہ مٺو ٿي لڳو.

سنڌ ورقين جهڙي گهر لاءِ اُڪير کڻي جيئن جئپور جي موتي ڪٽلا محلي ۾ داخل ٿي رهيو هوس، تيئن پاڙي جون ڪيتريون استريون پنهنجن گهرن جي درن وٽ اچي بيٺيون. مان شرم کان ڪنڌ هيٺ ڪري ڪنهن طرح گهرجي ڏاڪڻ تي چڙهي ويس. ڪشوري اڱڻ ۾ مٽيءَ سان راند ڪري رهي هئي. مون کي ڏسي ڊوڙي وڃي پنهنجي ماميءَ جي پنيان لڪي. سيتا چيس، ”ڪشوري، هي تنهنجو دادا اٿيئي.“

هوءَ پڇي وڃي ماءُ کي چنبڙي. جمنا جي ڪمري ۾ پهچي جا جمنا ڏٺم، تنهن تي منهنجن پيرن هيٺان زمين تي ڪِڏي چڏي. سندس بدن تان ماس بلڪل ڪوڙجي ويو هو. سنهين ٻانهن ۾ ڪوڙا چورا لرڪي رهيا هئس. پيل ديهہ هڏين جي موري وڃي رهي هئي. سندس نرڙ تي هٿ ڦيرائي چيم، ”جمنا.“

هوءَ ٻي پاو نگاهون کڻي ڏسڻ لڳي.

شام تائين جمنا جي سرير ۾ ڪجهہ ڦڙتي اچي ويئي پر نااُميديءَ جي هڪ ريکا اڃا بہ سندس اکين ۾ نمودار هئي.

سيتا بہ مون کي ۽ ڪشوريءَ کي ڪاڏو ڏيئي، ڪپڙا کڻي پنهنجي گهر هلي ويئي. چيائين، ”صبح ٿيڻ تي ئي واپس هلي ايندس.“

ڪشوري هيتري وقت ۾، ڪيئن پيرا مون ڏانهن هيسيل نگاهه سان ڏٺو هو. گهنشام کي راجو ڪيترو نه ويجهو هو ۽ مونکان هيءَ راجني ڪيترو نه پري!

ڪشوري چپ ڪري سمهي پئي. مان وڃي جمنا جي سيرانديءَ کان ويٺس. چيومانس، ”ڪيئن آهين جمنا؟“

”هاڻي ته مري ويندس.“ هميشه وانگر سڌو سنواتو جواب. هيڏي وڏي ڳالهه چوندي به سندس اکين ۾ ڪوئي خاص ڀاوَ ظاهر ڪونه ٿيو.

”نه، هاڻي تون ڪيئن مرندينءَ،“ مون چيو.

”سچ!؟“ جمنا جي اُداس اکڙين ۾ هڪ انوکي چمڪ اچي ويئي. مون کيس پنهنجين ٻانهن ۾ وکوڙي ڇڏيو هو. هوءَ منهنجي ڇاتيءَ تي ڪنڌ رکي منٿ کي ليتي وري اُٿي ويٺي. سندس ساهه تيزيءَ سان کڄي رهيو هو. آهستي آهستي پنهنجي چوگرد ويڙهيل منهنجون ٻانهون هٽائي ڇڏيائين. مون کيس وري ٻانهن ۾ جڪڙي ڇڏيو.

”ايترو زور نه ڏيو.“

سندس مٿي تي هٿ گهمائي چيم، ”ڏسج ويٺي هاڻي تون بلڪل چاڪ ٿي وينديءَ.“

لالٽين جي جهڪي روشنيءَ ۾ به جمنا جي چهري تي مسڪراهٽ ظاهر ٿي پئي، پر اکين جي ڪُندن وٽان جهر جهر لڙڪ وهڻ لڳس. چيم، ”جمنا، تون روءُ نه. جيڪي دل ۾ هجيئي سر چئي ڏي.“

”ڪنهن کي؟“

”مونکي، پڳلي ٻيو ڪنهن کي؟“

جمنا پنهنجون ڪمزور ٻانهون منهنجي چوڌاري ورائي اچي سڏڪن ۾ ڇٽڪي. اُف! هن هيڏون ٿيل نستي سرير اندر ڪيڏو نه رودن لڪل هو!!

مون چيو، ”جمنا، مان توکي هاڻي جيءَ جان سان پيار ڪندس.“

هوءَ ٻانهون هٽائي، زور زور سان سڏڪا ڀرڻ لڳي. پوءِ اکيون مٿي کڻي، منهنجي شڪل مان منهنجن لفظن جي صداقت پڙهيم. وري پنهنجي لبل ۽ ڪاراٽيل ٻانهن ۽ بدن کي ڏسي جهجي پيئي. گويا چئي رهي هئي، ”هيءُ بدن ته پيار جي لائق ئي نه رهيو آهي!“

ڪيڏي مهل تائين منهنجي گود ۾ روئي روئي، جڏهن ڪجهه سانت ٿي، تڏهن ٿورو هبڪي هبڪي چيائين، ”مان روز سنجها جو چوٽ تي وڃي. وهندي هئس. الاهي هوا لڳندي هئي. سامهون جيڪا نيڪي جي جاءِ 3 آهي، ان تان آهستي آهستي پردا لهندا ويا.

مان ائين سمجھندي هئس تہ هڪ هڪ نراشا جو ڏينهن بہ ان طرح ٿي منهنجي ڇاتي4 تان ماس جا ٽڪر ڪوڙيندو ٿو وڃي. چپرون لٽل ڇاتي، جڏهن ڪٿون ڪٿون ڪندي وڃندي هئي، تڏهن ائين لڳندو هو، ڄڻ سارو جهان ٿڪو ٿڪو ٿي چڪو آهي، جيئڻ ۾ ڪوبہ ساءُ نہ رهيو آهي.“

مون جمنا جي ڇاتيءَ تي هٿ گهمايو. سچ پچ ٿي سندس ڇاتيءَ جون هڏيون ٽيڪي جي پردن لٽل پت جيان ٿي لڳيون. مون چيو، ”جمنا تون ضرور ٺيڪ ٿي ويندينءَ.“ ۽ ڪيتري دير سندس مٿي تي هٿ ڦيرائيندو رهيس. ڏيري ڏيري ڪيس ننڊ ڪجي ويئي. مان ٻاهر آڱڻ ۾ اچي ويٺس. وايو منڊل ۾ دل سسائيندڙ سناٽو هو. اوسي پاسي جون ٽيڪي ۽ مٽيءَ جون جڳهيون چنڊ جي سهائيءَ ۾ ڪنهن سچائيءَ جو احساس ڪرائي رهيون هيم. گهر کان ٿورو ئي دور هڪ ڪڏ تي فقط پراڻي پت پئي نظر آئي. رڳو ڪاٺين جي اڏاوت بيٺي هئي جنهن ۾ وچ وچتي درن درين جا چوکٽ هئا. انهن چوکٽن مان بہ طاق غائب هئا. منهنجين اکين مان ڳوڙها ڳري پيا.

سيتا منهنجو بسترو جمنا کان ٿوروئي پري هڪ صندل تي وڇائي ويئي هئي. مان ٿوري دير ليٽي پيس. رات وچ ۾ هڪ بہ پيرو جمنا جي ڪنگهہ تي جاڳ ٿي. بي زبان ڇاتي ارمان سانڍي سانڍي عجيب طريقي سان ڳالهائڻ شروع ڪيو هو ۽ رات جي سناٽي ۾ اهو طريقو ڪيترو نہ خوفناڪ ٿي لڳو!!

پوئين صبح جو اڪ ڪلي تہ سيتا جمنا جي پرسان ويٺي پنهنجون اکيون اُگهي رهي هئي. مون کي اٿيل ڏسي هوءَ ٻاهر هلي ويئي. مان جمنا جي اڳيان وڃي ويٺس. هوءَ اهڙي عجيب نگاهہ سان ڏسڻ لڳي ڄڻ مان بلڪل ئي ڌاريو هوس.

”توهين آيا آهيو؟“ جمنا آڱر ڪٽي مون ڏانهن اشارو ڪيو.

”ها، جمنا مان آيو آهيان.“

”مان تہ وڃان ٿي.“ ڪن رکي وري چيائين، ”مان هينئر ڪجھ ڪيئن گهرنديس.“

”ائين نہ چئہ جمنا، مان توکي سپ ڪجھ ڏيڻ لاءِ تہ آيو آهيان. توکي بمبئي وٺي هلندس.“

جمنا جون اکيون پريان سمهيل ڪشوريءَ ڏانهن ڪجي ويون.

”ها، هن کي بہ وٺي هلندس.“ مون چيو.

جمنا جون اکيون ٿوريون جهونجهيون ٿي ويون ۽ چپن تي هڪ بيوس مرڪ ڦهلجي ويس. هوءَ چت ڏانهن ڏسڻ لڳي. اوچتو مون ڏانهن منهن ڪري چيائين، ”بمبئيءَ ۾ سرلا بہ

هوندي؟"

"هائو، اتي سرلا بہ هوندي. سندس پنتي ناراڻ هوندو. گهنشو هوندو، گهنشي جي جسوتي هوندي. مونسان گڏ ڊاڪ تي ڪم ڪندڙن جا ڪيترا موهہ ڀريا جوڙا هوندا. انهن سڀني پيار ڪي جيون سجائڻ جو ساڌن سمجهي، ڪيڏو نہ سک پاتو آهي ۽ مونِ پيار پنيان زندگي گنوائي ڇڏي. اڙي تون روئين ٿي جمنا! پڳلي، هاڻي تہ" اچانڪ جمنا اُلٽي ڪري وڌي.

"اَمي آهين! ها مان هلان ٿي. مون ڪي وات مان ڌاڳو رت آيو آهي. سنڀالي اچ. ڪپڙا نہ خراب ٿي پون ٿي..."

هوءَ اچانڪ هڪ سوال ڀري نظر ڪٽي مونڌانهن ڏسڻ لڳي.

"نہ اَمي مان نہ هلنديس.... مون خواب لڌو آهي .... هو ضرور ايندو.... مون ڪي راڻي بڻائيندو.... پو3 چند جي سهائي بہ پيئي ڪلندي....." هن ٽڪجي ڪنڌ هڪ پاسي لڙڪائي ڇڏيو.

مان وسميءَ ۾ اهوئي سوچيندو رهيس، "جمنا وٺ بہ خواب هئا. هوءَ بہ چانڊوڪيءَ ڪي چاهيندي هئي. اُف! تن ڏينهن مون ڪي ڪيڏي نہ وڏائي هئي تہ مان ئي نازڪ جذبات رکيِ سگهن ٿا. مون وٽ ئي خواب آهن، جن جا شيشا بت جهڙي بي حس جمنا ڪي پائڻ سبب چورُ چورُ ٿي رهيا آهن. منهنجو غرور اِج ڪيئن نہ ٽڪر ٽڪر ٿي پيو آهي!...."

سيتا اچي جمنا جو لڙيل ڪنڌ وهاڻي تي ٺاهي رکيو. هوءَ ٻڪ ٽڪ سيتا جي منهن ۾ ڏسندي رهي، جن سيتا ڪا ان سجاتل شخص بہ وجائي ويٺيون." ۽ ڊوڙي وجي ڪشوريءَ کي ڪٽي آئي. "هن ڪي تہ سجاڻ مننجي مئي جمنا، ڪشوري پٽ، مميءَ ڪي هٿ جوڙ."

"جمنا هيءُ چا!.... رت جي اُلٽي!!..."

مون ڪيس صاف ڪري بستري تي ليٽائي ڇڏيو. ٻن منٽن ڪان پوءِ سيتا اچي سڪمٽيءَ جي ڀات جو پاٽي سندس مکہ ۾ وڌو.

"پل امرت پيار سيتا، پر ڊاڪٽر ونہ چيو تہ هاڻي سڀ ڪجهہ ڪارايوس. تمام سنا سنا ڪاڏا ڪٽي اچ نہ سيتا! مان هاڻي ضرور چاڪ ٿي ويندس. سيتا پيت جو سهارو وٺي بيٺي هئي. جمنا جا اکر ٻڌي اکين تي رئي جو پلئہ چيوتي، سڏڪا ڀريندي ٻاهر هلي ويئي. جمنا آڳنڌ طرف ڏسندي، سڪل زبان چپن تي ڦيرائڻ لڳي. مون پاڻيءَ جو چمچو ڪٽي سندس وات ۾ وڌو. هوءَ اجا بہ ورانڊيِ ڏانهن ڏسندي رهي. هري هري چيائين، "رات جو هن پيت تي سهائيءَ جو ترڪو لهندو. اپ ۾ تارا نڪرندا... سڀ اڪيلا اڪيلا.... مون وانگر ويڳاڻا....

ڪشوري.... اِجها ريل جي سيٽي پيئي وڄي..... تنهنجو دادا هن ريل ۾ ايندو هوندو...."

ريل جي سيٽي ڪن لائي ٻڌائين. پوءِ بي خبريءَ ۾ چيائين، "ڪشوري سمهي نہ پئہ.... ها، چڱو سمهي پئہ .... هو ڪونہ ايندو....."

منهنجي دل اندر ئي اندر ڦاڪون تي پيئي. هاءِ! ڪوئي منهنجو ايڏو اوسيئڙو بہ ڪيندو هو. ليڪن ڇا ڪن گهڙين اندر ئي سيڪجهہ سماپت ٿي ويندو؟

"ها اَمي..... هلان ٿي پلا... هو ڪشوريءَ کي... وٺي وڃي.... بيهہ گاڏي.... اچي.... ٿي...."

سيتا ڪشوريءَ کي مون طرف وڌايو. مون اها ننڍڙي هستي ڇاتيءَ سان لڳائي دل ئي دل ۾ چيو، "متي راجنني، توکي هاڻ ڪڏهن بہ پاڻ کان جدا نہ ڪندس."

ننڍ اکڙي ڪشوري هراسيل اکيون ٻوٽي ڊپ ۾ منهنجي گلي سان چنبڙي پيئي.

سارو ڏينهن جمنا جون اهي سڄاڻپ وڃايل اکيون هوڏانهن هيڏانهن ڦرنديون رهيون. چند نڪرڻ کان اڳ ۾ منجهائڻ جوت بہ ختم ٿي ويئي. پر نُور اکيون وقت کان اڳي بي نور ٿي ويون. سيتا هينئون ڦاڙي رنو. سندس هٿن ۾ اجا بہ سڪمٽي هئي. ڪشوري زور زور سان ڦُتڪڻ لڳي. ليڪن منهنجي دل اندر ڪيڏو هاهاڪار متل آهي. ڪنهن کي ڪهڙي خبر!